شاهه جي ڪلام ۾
ٻهاڪا ۽ محاورا

Gul Hayat Institute

سيد اظهر گيلاني

مهراڻ اڪيڊمي

بسم الله الرحمن الرحيم

Gul Hayat Institute

شاهه جي ڪلام ۾
پهاڪا ۽ محاورا

سيد اظهر گيلاني

Gul Hayat Institute

مهراڻ اڪيڊمي

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب نمبر (197)

نالو ڪتاب :	شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا
مؤلف :	سيد اظهر گيلاني
ڇپائيندڙ :	مهراڻ اڪيڊمي
ڪمپوزنگ :	اسٽار ڪمپوزرس شڪارپور
ڇاپو پهريون :	مئي 2004ع
تعداد :	1100

قيمت =/60 رپيا

Gul Hayat Institute

ملڻ جا هنڌ:

مهراڻ اڪيڊمي واڳٽودر شڪارپور

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

فهرست

☆ پنهنجي طرفان 7
☆ پيٿا 8
عاجزاڻا الفاظ 9
☆ حمد 9
☆ نعت 9
☆ سنڌ جي سرزمين 9
☆ شاعريءَ جو ملڪو 10
☆ شاهه ۽ پهاڪا 11
☆ پهاڪي وارا بيت 14
☆ پهاڪي واريون مصراعون 15
☆ صنايع و بدايع 16
☆ اندر جو آواز 27
☆ قرآن، شعريت ۽ عروض 29
☆ شاهه ۽ عروض 29
☆ شاهه جي واقعاتي شاعري 30
☆ شاهه جي طنز مليح 32
☆ پٿائيءَ جي لوءِ صاحبان ۾ آمد 35
☆ شاهه جي ڪلام تي تبصرو 39
☆ منهنجو مقصد 41
سُر
(۱) سر ڪلياڻ 43
(۲) سر يمن ڪلياڻ 47
(۳) سر کنڀات 52
(۴) سر سريراڳ 54
(۵) سر سامونڊي 58
(٦) سر سهڻي 61
(۷) سر سارنگ 71

Gul Hayat Institute

(٨) سر ڪيڏارو	75
(٩) سر سسئي آبري	78
(١٠) سر معذوري	83
(١١) سر ديسي	86
(١٢) سر ڪوهياري	90
(١٣) سر حسيني	92
(١۴) سر سورٺ	96
(١۵) سر بروو سنڌي	98
(١٦) سر مومل راڻو	103
(١٧) سر ڪاهوڙي	107
(١٨) سر رامڪلي	109
(١٩) سر رپ	112
(٢٠) سر ليلان چنيسر	114
(٢١) سر بلاڙل	116
(٢٢) سر ڏهر	117
(٢٣) سر ڪاپائتي	120
(٢۴) سر پرڀاتي	122
(٢۵) سر گهاتو	123
(٢٦) سر شينهن ڪيڏارو	124
(٢٧) سر آسا	125
(٢٨) سر مارئي	128
(٢٩) سر ڍول مارئي	132
(٣٠) سر ڏناسري	133
(٣١) سر پورب	134
(٣٢) سر ڪاموڏ	135
(٣٣) سر ڪارايل	136
(٣۴) سر بسنت بهار	137
لطف لطيف	138
مناجات درگاه قاضي الحاجات	140
قطعات تاريخ ڪتب هذا	142

Gul Hayat Institute

پنهنجي طرفان

سڀ تعريفون جڳائن هڪ الله کي، جيڪو هن جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ صلواتون ۽ سلام ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي مٿان، جن الله پاڪ جو ڏنل علم هن جهان ۾ پکيڙيو ۽ ظلمات کي نور ۾ بدلائي ڇڏيو. ان نور جي لاٽن ۽ جوتين نيڪ ۽ صالح انسانن کي هر دور ۾ رهنمائي بخشي آهي. جن وري ان روشنيءَ کي عام انسانن کي سڌين دڳ لائڻ جي ڪم آندو آهي.

آخري نبي صلي الله عليه وسلم جن کانپوءِ هر دور ۽ هر قوم ۾ الله جا صالح ٻانها اهو ڪم ڪندا آيا آهن. سنڌ ڌرتي به ان لحاظ کان خوشنصيب رهي آهي جو هن سرزمين تي شاعرن ۽ صوفين جو سرتاج حضرت سيد عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙو نيڪ ۽ صالح بزرگ شاعر پيدا ٿيو. جنهن نه صرف پنهنجي الهامي شاعريءَ وسيلي الله جي توحيد، رسول ڪريم ﷺ جي رسالت، امامن سڳورن ۽ اصحابي سڳورن جي محبت سان گڏ سنڌ جي تاريخ، ماروئڙن جي ڏکن سکن، سنڌ جي جاگرافيائي حدن، سنڌ جي ڪمين ڪاسبين جي ڌنڌن، سنڌ جي سخي مردن ۽ سورمين ۽ سنڌ سان سڄڻائپ کي نروار ڪيو پر پنهنجي ڪلام وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي اسلوب، گرامر، نوان نوان پهاڪا، محاورا ۽ تشبيهون ڏئي، هڪ نئين زندگي بخشي ڇڏي آهي.

هونئن ته شاهه صاحب جي زندگي، فن ۽ فڪر تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي پر سندس ڪلام جي اپٽار ان ريت ڪونه ڪئي وئي آهي جو سندس ڪلام ۾ آيل پهاڪا، محاورا ۽ تشبيهون عام پڙهندڙ جي آڏو ظاهر ٿي بيهن. ان سلسلي ۾ ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ مضمون رسالن ۾ ڇپيو آهي باقي مڪمل رسالي جي چونڊجاڻ ڪري پهاڪن ۽ محاورن وارن بيتن تي نه ڪا خاص تحقيق ڪئي وئي آهي ۽ نه ڪو ڪتاب لکيو ويو آهي.

ان دقيق ۽ محنت طلب ڪم کي اسانجي سنڌ جي نامور بزرگ شاعر سيد اظهر گيلاني صاحب پنهنجي سر تي کنيو ۽ ڪافي عرصي جي محنت ۽ جاکوڙ کانپوءِ ان کي توڙ رسايو ۽ اسان شڪرگذار آهيون گيلاني صاحب جا جن پنهنجو هي پورهيو مهراڻ اڪيڊميءَ حوالي ڪيو.

مهراڻ اڪيڊمي سنڌ جي ادب کي مالامال ڪرڻ ۽ سنڌي ادب جي واڌ ۽ شاهه لطيف رحه جي فڪر کي ڦهلائڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ۾ رڌل آهي. مهراڻ اڪيڊميءَ جو شاهه صاحب تي هي ١٨ ڪتاب آهي.

غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ
پبليڪيشن ڊائريڪٽر
مهراڻ اڪيڊمي

Gul Hayat Institute

ارپڻا

انهن خوش فڪر شاعرن ۽ اديبن، محققن ۽ دانشورن، قلمڪارن ۽ فنڪارن، خوش نويسن ۽ ڪاتبن، مصورن ۽ چترڪارن، جي نالي.

(۱) جن شاعرن شاه جي صفت ۽ ثنا ۾ عمدا شعر لکيا.

(۲) جن شاه تي مثالي مضمون ۽ مقالا، رسالا ۽ ڪتاب قلمبند ڪيا.

(۳) جن شاه تي تحقيقاتي ڪم ۽ بصيرت افروز تبصرا ڪيا.

(۴) جن سُر وارن، پنهنجي سُر ۽ لئه جي سنگت سان شاه جو ڪلام ڳايو.

(۵) جن ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان شاه جا ٻول ٻڌائي، عوام جو روح ريجهايو.

(٦) جن خوش نويسن ۽ ڪاتبن، خوش رقم قلم ڪان شاه تي ڪم ورتو.

(۷) جن چترڪارن، شاه جي معياري بيتن کي باريڪ بيني سان ڏسندي، انهن جي معنيٰ ۽ مطلب کي ذهن نشين ڪندي، انهن جون حسين ۽ دلنشين، تصويرون چٽيون.

سيد اظهر گيلاني

Gul Hayat Institute

عاجزانہ الفاظ

(۱) حمد

صدف ۾ تو گوهر کي حق آبرو ڏي.
جو طالب آ، اُن کي بنا جستجو ڏي.
بشر کي ملي رزق، گُلَ کي تي خوشبو،
ڪري سنگ کي لعل، سڀ ڪجهہ تو هوڏي.

(۲) نعت

محمد جڳت جو شهنشاه آهي.
خدا جي هو هر ڳجهہ کان آگاه آهي.
ٿي ثابت تو معراج مان، قرب حق جو،
ٿيو نور واحد، هي ساراه آهي.

(۳) سنڌُ جي سَر زمين

سنڌ ازل کان الله وارن ۽ فقيرن، درويشن ۽ پيرن، هادين ۽ رهبرن، عارفن ۽ عاشقن، عاملن ۽ ڪاملن، شاعرن ۽ اديبن، مفڪرن ۽ دانشورن، سگهڙن ۽ سياڻن، قلمڪارن ۽ خوش نويسن، عابدن ۽ زاهدن، پارسائن ۽ پاڪبازن، حڪيمن ۽ ودوانن، سنتن ۽ ساڌن، سخين ۽ سرويچن، حق جي حامين ۽ بي باڪن، مارن ۽ اڃڙوالن، جوڌن ۽ دليرن جي ڌرتي رهي آهي.

هن خوش نصيب ۽ پاڪ ڌرتيءَ تي، سرتاج الشعراء اعليٰ حضرت سيد عبداللطيف شاهہ ڀٽائي رحہ جنم ورتو. شاهہ

Gul Hayat Institute

صاحب سنڌ جي سجاڻ ۽ فخر آهي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ تعارف آهي. جيڪڏهن شاه سنڌ ۾ پيدا نہ ٿئي ها تہ سنڌ ۾ سنڌي زبانَ ئي نہ هجي ها! شاه صاحب اسان کي هزارها الفاظ ڏئي، هن گونگي عوام کي خوش گفتار ۽ خوش بيان انسان بڻائي ڇڏيو آهي. بقول شاه:

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
شاه جا احسان، صوبہءِ سنڌ تي آهن لکين،
اُن ڏنو الفاظ جو "اظهر" خزانو بي بها.

دنيا جي دانشورن ۽ ناقدين شاه صاحب کي، عالم جي جملي شاعرن سان پيٽ ڪرائيندي فخر ۽ تمڪنت سان اول نمبر ڏنو آهي.

شعر گوئي آ خدا جو خاص عطيو دهر ۾،
شاه کي "اظهر" ملي ويئي اها جاگير آ.

(۴) شاعريءَ جو ملڪو

شاعري هڪ وهبي نعمت آهي، جيڪا مبدءِ فياض کان مخصوص هستين کي عطا ٿيندي آهي، انهيءَ ۾ ڪسب و اڪتساب، تعليم و تعلم جو دخل نہ هوندو آهي. اِها حقيقت آهي تہ، اهو ملڪو بطنِ مادر کان ملندو آهي. شاعري جا ٻہ اهم عنصر آهن (۱) الفاظ ۽ (۲) تخيل. جيڪڏهن انهن ۾ فرق آيو تہ ڪلام ڦڪو، رَدي ۽ بي اثر ٿي ويندو. شاه جي ڪلام بلاغت نظام ۾ بفضلِ خدا اِهي ٻئي عنصر اُتم ۽ اَحسن نظر ايندا.

اوهان دنيا جي ڪنهن بہ قادر الڪلام شاعر جو ڪلام اول کان آخر تائين پڙهي ڏسو، ان ۾ فڪر جي گهرائي ۽ تسلسل هڪ جهڙو نظر نہ ايندو. عرب جي هڪ ناماري شاعر کان پڇيو ويو تہ "اوهان جا ڪجهہ شعر آبدار ۽ بعض پست نظر ايندا آهن، ان جو

ڇا سبب آهي؟" في البديه جواب ڏنائين "اشعار اولادنا" منهنجا شعر، منهنجي اولاد جي صورت ۾ آهن، ضرور انهن مان چند چڱا ۽ چند ڇنڊا بہ آهن." مگر شاه صاحب جي ڪلام کي باربار پڙهڻ سان نئون لطف ۽ مزو ايندو آهي.

شعر جو نالوئي سوز و ساز آ،
جو ٻڌڻ سان دل ۾ "اظهر" گهر ڪري.

(٥) شاه ۽ پهاڪا

ظاهري طرح سان پهاڪو هڪ ننڍي چوٽي آهي، جيڪڏهن غور و فڪر ڪبو، تہ اُن ۾ وڏو راز سمايل نظر ايندو. پهاڪي ۾ نادر نڪتا، نصيحت آميز ڳالهيون، ملن ٿيون، جن جي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ماڻهو تعجب ۾ اچيو وڃي. الله پاڪ انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو عطا فرمايو آهي، انسانيت جو دارومدار، عقل ۽ ادارڪ تي رکيل آهي. نادان ۽ بي سمجهہ ماڻهو انهن پابندين ۽ پيچ و خم کان ٻاهر آهن.

بقول شاه:

الا ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

جيڪڏهن گفتگوءَ جي دوران، جملي ۾ پهاڪو استعمال ٿيندو، تہ اُن ۾ نئون روح پئجي ويندو، جڻ خطيب جي خطابت کي چار چنڊ لڳي ويا. قديم دور جا پهاڪا، اُن دور جو آئينو آهن. ڇوتہ انهن مان پراڻين ريتن ۽ رسمن، اخلاق ۽ ادب، مذهبي ۽ ملي، ڄاڻ ملي ٿي. ائين سمجهو تہ پهاڪا انهيءَ سمي جي سڄاڻ ۽ تذڪر، تاريخ ۽ فلسفي جو معتبر ڪتاب آهن.

پهاڪو هر زبان ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو، خاص طرح سان هندي ۽ سنڌي، اُردو ۽ عربي زبان ۾ پهاڪن جو وڏو انگ ملي

Gul Hayat Institute

ٿو. عربيءَ ۾ ان کي سائر، هنديءَ ۾ ڪهاوَتَ، اُردو ۾ مثل، ۽ سنڌيءَ ۾ پهاڪو ڪوٺيو ويندو آهي.

عربي پهاڪو ڪنهن وڏي واقعي جو ترجمان هوندو آهي، هنديءَ ۾ ڪنهن حقيقت سان وابستگي نظر ايندي، اُردو ۾ به ڪنهن قصي ۽ ڪهاڻيءَ جي تصوير نظر ايندي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن انقلاب جي عڪاسي هوندي آهي، چند مثال پيش ڪجن ٿا.

وقت جي قاضيءَ، حسين بن منصور حلاج کي ڪفر جي فتويٰ ڏني، ڪافر قرار ڏنو، فتويٰ جي روشنيءَ ۾ اُن کي دار جو سينگار بڻايو ويو. شاه فرمايو:

"ملڪ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا؟"

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي، ڪلهوڙن جي فوج جا مير سپه سالار هئا. انهن اهڙو انقلاب آندو، جو ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي وئي. ان ۽ اهڙن واقعن لاءِ هن پهاڪي جنم ورتو. "آيا مير، ڀڳا پير."

ضرب الامثال قومي خيالات ۽ مُلڪي حالات، صبر ۽ استقلال، سختي ۽ حڪومت، رنج ۽ راحت، رشڪ ۽ حسد، عصمت ۽ ترڪ عفصت، شوخي ۽ شرارت، مدهوشي ۽ رفاقت، تجربو ۽ عبرت، عدالت ۽ صداقت، عقل جي تربيت ۽ ڪيفيت، سادن ماڻهن جي بيداري، جوانن کي امتياز ۽ دانشمندي. ذي عقل کي نصيحت ڪرڻ ۽ عوام الناس جي ايمانداري ۽ بي ايمانيءَ جو حال بخوبي ظاهر ڪرڻ، گويا اهي ڪهاوتون ۽ چوڻيون، پهاڪا ۽ محاورا ملڪ جي ماڻهن لاءِ سمجهاڻيون ۽ حضرت سيلمان جي فضائل جا دعويدار آهن. اج به ادبي ضرب خاني مان نَوَنِ سڪن جي صورت ۾ پهاڪا جڙي ادبي دنيا ۾ ايندا رهن ٿا. شاه صاحب

جي رسالي ۾ جيترا پهاڪا ۽ محاورا آهن، ڪنهن بہ ادب ۽ زبان ۾ ايترو خزانو نہ ملندو.

ضرب المثال نچوڙ آ، حڪمت جو سربسر،
طول و طويل تجربہ، الفاظ مختصر.

جيڪڏهن ڪوبہ ادبي ٽوبو جنهن بہ وقت هن بحر ۾ ٽٻندو، ان کي بي بها موتي ملندا.

اي گت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتال جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا، لعل هٿن سين.

منهنجي چونڊ جو مدار پهاڪي ۽ محاوره تي رکيل آهي، مون شاه صاحب جا اُهي بيت چونڊيا آهن. جن ۾ پهاڪا ملن ٿا، انهن محاورن کي بہ منتخب ڪيو ويو آهي، جيڪي پهاڪي سان گهرو لاڳاپو رکندڙ آهن. جيڪڏهن شاه صاحب جي ڪلام جو مطالعو دل جي اکين سان ڪيو ويندو، تہ روح کي راحت ۽ تازگي حاصل ٿيندي. شاه صاحب جي هر بيت جو آخري مصرع نهايت زوردار ۽ وزنائتو، گويا بيت جو نچوڙ ۽ مڪمل شرح هوندي آهي. اڪثر ڪري پهاڪو بہ اُن ۾ چرڪندو نظر اچي ٿو، غور ڪبو تہ ٻيون مصراعون بہ محاوري ۽ پهاڪي کان خالي نہ آهن.

مون پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ پهاڪي واري مصرع کي ڏنگين ۾ رکي، ان جي ڪاٻي پاسي "پ" لکي آهي، اهڙي طرح محاوري لاءِ "م" جو اکر لکيو آهي. ڪجهہ مصرع اهڙا بہ آهن، جو ٻن جي ميلاپ سان پهاڪو ٺهي ٿو ان جي سامهون { هي نشان آهي.

پهاڪي ۾ "اظهر" رکيل راز آهي،
ڪري ڪنهن حقيقت جي ٿو ترجماني.

(٦) ڀاڪي وارا بيت

"عاشقُ عَزازيل، ٻيا مڙيئي سَڏِڙيا، "پ"
منجهان سِڪَ سَبيل، لعنتي لَعَل ٿيو."

(سر ڪلياڻ)

"پرديسان پَندُ ڪَري، سُٺي آيس شانُ"، "م"
مَگا ڪهڙي مَتِ سين، نسورو نادانُ،
"سو ڪوڙياريم ڏانُ، جو طبع کي ترڪ ڪري." "پ"

(سر ڪلياڻ)

چنڊ تنهنجي ذات، ياڙيان نہ پرينءَ سين، "پ"
تون اچو م راتِ، سڄڻ نِت سوجهو.

(سر ڪنيات)

"تان کي لَڱِ ڪانگ، ڪڏهن ايندا مان گهر"، "پ"
"سڄڻ ڪارڻ سانگ، مون تان گهٽيي ڪيا." "پ"

(سر سامونڊي)

"ڏونگرا! مون م ڏکوءِ، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان" "پ"
"ساريان ڪون سکوءِ، سور گهٽيئي سنبران". "پ"

(سر ڪوهياري)

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙ اڄهان م،
"ٻري جن ٻاري" آءٌ نہ جيئندس ان ريءَ. "م"

(سر رامڪلي)

ايندا مان پس، مٿان سگر سُپرين،
"ڪيچن ڪارڻ ڪالهہ، نيڻ نهارا مون ڪيا" "م"
"ايندا پسان شال، اوني آري ڄام جا." "پ"

(سر ڏهر)

Gul Hayat Institute

"حسن، مير حسين کي، رنو ٽن ٽولن" "م"

گھر ماڻهيئن، جهنگ مرونئين، ۽ اين ۾ ملڪن،

"پڪين پاڻ پڇاڙيو، لڌيو هوت وڄن" "پ"

"الله! شهزادن، سوين ڏٺين سچا ڏٺي." "پ"

(سر ڪيڏارو)

حر نه موچاري تئين، جيئن آڏو جتَ،

"هاري ڪري همت، ڏيئي دم دوست لهين." "پ"

(سر معذوري)

سُٽي ساٽيهه ڳالهڙي، لهي ويا لوه،
اندر جا اندوه، لٿا ڏکَ سُکَ ٿيا. "پ"

(سر مارئي)

(٧) پهاڪي واريون مصراعون

"اکيون سيئي ڌار، جن سين، پسين پرينءَ کي."

"ٽتي ٽڏي ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي."

"ڏک سکن جي سونهن، گھوريا سک ڏکن ريءَ."

"ڪاڏي تيو ڪوهيار، ڪاڏي تي هتڙا ڪٽي."

"عدل ڇتان نه آءٌ، ڪو قيرو ڪج فضل جو."

"عقل، مت، شرم، ٿيئي نيهن نهوڙيا."

"ملڪ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا؟"

"جن جي ڪاڻ مٺاس، سي ڪلهي ڪانڌي نه ٿيا."

"پکن منجهہ پساه، قالب آهي ڪوت ۾."

"هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پرياڻ."

"جيهي جي تيهي، ته به ٻانهي ٻاروچن جي."

"وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪاٺيارن جو."

Gul Hayat Institute

(٨) صنايع و بدايع

"واحد صنعت" معنيٰ ڪاريگري. بدايع "واحد بديع" معنيٰ عجيب يا سهڻو، ڪلام ۾ سهڻي يا وڻندڙ ڪاريگري رکڻ وغيره. ضايع لفظي هجن يا معنوي، اربابِ فصاحت ۽ بلاغت ڪلام جي مُحصنات ۾ داخل ڪيون آهن. صنعتن جي استعمال سان ڪلام جي آرائش ۽ زيبائش ۾ اضافو ايندو آهي. مگر انهيءَ سلسلي ۾ هڪ حد مقرر ڪيل آهي، جيئن ڪلام جي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ خلل نہ پوي، ائين نہ ٿئي جو محسنات پيدا ڪرڻ بدران ڪلام عيبن جي تيرَ جو نشانو ٿي وڃي، ۽ سخن الفاظ جو گورک ڌنڌو بڻجي وڃي. شاه جي ڪلام ۾ صنايع جو استعمال ڏاڍي احسن نموني نظر اچي ٿو، ۽ ان ۾ ڪنهن بہ تڪلف ۽ ناهہ، شڪ ۽ گمان جو موقعو نٿو ملي. شاه صاحب جو ڪلام بلاغت نظام، صنعت ۽ حرفت جو خزانو آهي، آءٌ هيٺ چند صنعتون پيش ڪري رهيو آهيان.

(١) **صنعت لف و نشر:** "لف" جيڪڏهن مصرع اول ۾ چند چيزن جو ذڪر ڪيو وڃي. "نشر" هيٺين مصرع ۾ ان جي مناسبت سان نمبر وار الفاظ آندا وڃن، انهيءَ صورت ۾ صنعت لف و نشر مرتب ڪوني ويندي. شاه صاحب جو هيٺيون بيت "صنعت لف و نشر" غير مرتب ۾ چيل آهي، ملاحظ فرمايو:

جيئن سرهڻ، هماءَ، سرگردان سنسار ۾،
هو پڳ نہ ڪوڙي پنين، هوڙ، سرڏري نہ ساه.

سمجهاڻي: - مٿين شعر جي مصرع اول ۾ بہ اسم آهن. (١) هرڻ (٢) هماءُ، ٻئي پٽ تي پير نہ رکندا، هميشہ اڏام ۾ رهندا آهن، اهڙي طرح هرڻ بہ سدائين تحرڪ چرپر ۾ رهندو آهي. صنعت لف و نشر مرتب ۾ راقم الحروف جو شعر آهي.

Gul Hayat Institute

فغان، ديوانگي، وارفتگي، جوش جنون منهنجو.
چمن کان پڇ، جبل کان پڇ، شجر کان پڇ، حجر کان پڇ.

(۲) **صنعت ايهام:** - وهم ۾ وجهڻ، شعر ۾ هڪ حرف اهڙو استعمال ڪجي جنهن جي صورت خطي تہ ساڳي هجي، مگر معنيٰ جدا جدا هجڻ گهرجي.

ڪلام: - ساهڙ اندر جي، ساهڙ ڏني ساه کي،
ساهڙ ڇڙي نہ ساه جي، ساهڙ، ساتقري،
ساهڙ ميڙ سميع! تہ ساهڙ ڇڙي ساه جي.

مطلب (۱) ساهڙ: - دوست (۲): - اها محبت واري ڳنڍ (۳): - هن بيت ۾ مٿين صنعت "ايهام" کان علاوه ٻيون بہ صنعتون بہ اچي وڃن ٿيون. (۱) تجنيس مرکب (۲) صنعت تکرار انهيءَ مان شاه صاحب جي فن ۽ فڪر جو پتو پوي ٿو. جو هڪ بيت ۾ يڪ وقت ٽي صنعتون نهايت عمده نموني استعمال ڪيون ويون آهن.

(۳) **صنعت قطار البيعر:** - شعر جي مصرع اول جي آخر ۾ جيڪو لفظ اچي، مصرع ثاني جي منڍ ۾ اهو لفظ آڻڻ گهرجي. جيئن شاه صاحب جي هينئين شعر ۾ "مون" بہ دفعا ڪم آيل آهي.

Gul Hayat Institute

ڪلام: - ڪشي ڪانُ ڪمان مان، ميان مارم "مون"،
"مون" ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

راقم الحروف جو شعر آهي:
مان سجده ڪندس، بهر سجده "ڪپي تو"،
"ڪپي تو" اوهان جو فقط آستانو.

(۴) **صنعت تجريد:** - شعر جي مصرع اول ۾ هڪ صفت بيان ڪجي، ٻي مصرع ۾ ساڳي چيز لاءِ اهڙا الفاظ آڻجن جن سان

مٿين صفت کي چارچند لڳي وڃن.

ڪلام: ـ عمرا ڇا ڪپڙا، سي ڪاراٽيون ڪيئن ڪن؟
جنهين جا تـرن ۾، ورتـا ويـڙ سهن،
هو جي حق ڀڇن، سي ڪيـئن سـتيون سومرا؟

مطلب: ـ مارئي پنهنجي ست ۽ سير، لڄ ۽ شرم کي همت جو جامون پهرائينندي، عمر بادشاه کي چئي رهي آهي تہ اءُ تنهنجي نظرن ۾ نيچ ۽ عيبن هاڻي آهيان، دراصل آءٌ عزت ۽ غفت، شرم ۽ حيا، سچ ۽ سير جي تصوير آهيان، منهنجي مارن کي منهنجي پاڪ دامني ۽ پرهيزگاري تي پڪو يقين آهي، آءٌ تنهنجي چند ڏينهن جي بنديخاني ۽ ڏاڍاين کي ڏسي اڇا ڪپڙا ڇو پايان، هار سينگار ڇو ڪريان؟ منهنجي انهيءَ نازيبا حرڪت تي آگُر ڪڄندي. هونءَ بہ قيدي جي پوشاڪ ٻاهرين ماڻهن کان نرالي هوندي آهي.

(٥) **صنعت طباق يا تضاد:** ـ ڪلام ۾ اهڙا الفاظ ڪم آڻڻ، جيڪي هڪ ٻي جي مقابل يا زد هجن. جيئن رات سان ڏينهن، نيڪي سان بدي وغيره.

ڪلام: ـ جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريو،
راتيان راحت ناه ڪا، ڏينهان حيراني،
آءٌ پنهنجي پرين تان، ٿيان ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نا تہ ڪر وس وصال جا.

(٦) **صنعت مراعات النظير:** ـ شعر ۾ اهڙا الفاظ اچن، جيئن انهن مان ڪو سلسلہ ظاهر ٿئي، بهار، باغ، گل، باغبان، بلبل وغيره. شاه صاحب هينئين بيت ۾ ڪلمه پڙهڻ، پنج وقتي نماز ادا ڪرڻ، ٿيهن رمضاني روزن رکڻ ۽ سمرٽي سورڻ جو ذڪر ڪيو آهي."

Gul Hayat Institute

كلام: ـ جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ پر ڪلمه جي پار،
پنجن سان پورو رہ، تون آيا ٿيهہ نہ ٿار،
تڏهن ڏاڍا ڏار، جڏهن راه سڃاڻي رب جي.

(٧) صنعت سر حروفي يا تجنيس خطبي: ـ مطلب شعر ۾ ابتدا جنهن اکر سان ٿئي، ان سان مصرع يا شعر پورو ٿئي.”

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏنهين ڏنم ڏک.

*

جان جئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ.

*

سر جي تان سور، ساماٽي تہ سک ويا.

*

ڪتي ڪتندئن ڪيترو. ڪر سوداگريارو؟

*

ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪري ڪينو خمارئيا، مئي پي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لنڊئٽا لوڏي ٿئا.

(٨) صنعت ترڪ الحروف: ـ ڪلام مان هڪ يا چند اکر ترڪ ڪري ڇڏڻ. هيئين بيت ۾ شاه صاحب سنڌي جي ٥٢ اکرن مان يڪ وقت ٣٤ اکر ڳٽيون تہ ”٣٤“ اکر ترڪ نظر ايندا.

متروڪ الفاظ ملاحظہ فرمايو: (ب ـ ٻ ـ ڀ ـ ٿ ـ ٽ ـ ٺ ـ ث ـ ڄ ـ ڃ ـ ح ـ خ ـ ڌ ـ ذ ـ ڍ ـ ڙ ـ ز ـ ش ـ ص ـ ض ـ ط ـ ظ ـ ع ـ غ ـ ف ـ ڪ ـ ق ـ ک ـ ڳ ـ ڱ ـ گھ ـ ڳ ـ ل ـ ھ ـ ء).

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين،
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.

صنعت ترڪ الحروف ۾ علامه محمد هدايت علي ”تارڪ“ رحه ۽ راقم الحروف به دواوين لکيا آهن، راقم الحروف جو ديوان ”رعب اظهر“ ١٣٨٠ هه سنه ١٩٦٠ع ۾ ڇپيو هو.

(٩) صنعت عڪس و طرد: مطلب: ـ شعر جي پهرين مصرع جو پهريون اڌ، مصرثاني جي آخر ۾ اچي، ساڳي طرح سان ٻي مصرع جو پويون اڌ، پهرين مصرع جي ابتدا ۾ اچي شعر ملاحظه فرمايو.

مدينه جا مير، سڻ منهنجا سڏڙا،
سڻ منهنجا سڏڙا، مدينه جا مير.

(١٠) صنعت تفريق: مطلب: ـ ڪلام ۾ هڪ مضمون ٻن نمونن سان پيش ڪجي.

ڪلام: ـ فاني ئي فاني، دنيا دم نه هڪڙو،
لتي لوڙه لتن سين، جوڙيندءِ جاني،
ڪڏڻي ۽ ڪاني، آهي سَرِ سڀ ڪنهن.

(١١) صنعت اشتقاق: ڪلام ۾ اهڙا الفاظ ڪم آڻڻ جيڪي هڪ سلسله جي ڪڙي مان هجن. شاهد، شهادت، شهود، مشهود. جيئن هيٺ شعر ۾ لِڪَ، لِڪيو، لِڪڻ وغيره آهي.

ڪلام: ـ تون چَوُ الله هيڪڙو، وائي ٻي ۾ سِڪُ،
سوئي لِڪيو لِڪُ، سچو اکر من ۾.

(١٢) صنعت تعجب: ڪلام ۾ اهڙي انداز سان ڳالهه ڪرڻ، جنهن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ناظرين ۽ سامعين محو حيرت ٿيو وڃن.

ڪلام: ـ هوءِ جي سور سڄڻ، سي مون پينگهي ۾ پرايا،
سانڍياس سُڪَنِ، سورن ڪارڻ سَرتيون.

(١٣) صنعت سَهل ممتنع: ـ ڪلام ۾ سليس ۽ سوارد، آسان ۽ سولا، الفاظ استعمال ڪجن، جن جي پڙهڻ سان، پڙهندڙ

فڪر جي حَدَ تي فوراً پهچي وڃي.

ڪلام: ـ

(۱) ساريان ڪانہ سَريرَ ۾، طاقت تُهان ڏارَ،
ساهڙ ڇام ستار، سگهو رسج سير ۾.

(۲) آيل ڍولي ساٿ، اڃي تہ جهيڙيان،
لايءِ ڏينهن گهٽا، مونسين ڪيئہ تورڙا.

(۳) جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري.
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

(۴) منهنجي مداين جي، ڪل پريان پيئي،
ڪڏهہ ڪوسا نہ ٿيا، ڏورايو ڏيئي،
ساجن سپيئي، ڍڪيم ڍول ۾ لائيون.

(۱۴) **صنعت مبالغہ يا اُغراق**: ـ مطلب: ـ ڪنهن بہ ڳالهہ کي شد، مد سان وڌائي بيان ڪرڻ.

ڪلام: ـ

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اويڙ ايرن ڪين کي.

(۱۵) **صنعت اطراد**: ـ مطلب: ـ ڪلام ۾ پنهنجي پيءُ ڏاڏي ۽ ناني جي ظاهري طرح يا صفت سان ذڪر ڪيو وڃي. جيئن شاه صاحب امام عاليمقام حضرت حسين جي زبان حقيقت بيان سان هڪ مثالي بيان ڪرايو آهي، رسالت جي سلسلہ کان بعد امامت جو سلسلہ شروع ٿئي ٿو. انهيءَ دستور سان امام حسين تي، هڪ رسول مقبول جي دستارآئي، ٻي پنهنجي والد ماجد جي پهرين امام حضرت علي جي پڳ آئي. جڏهن ڪربلا جي ڪارزار ميدان ۾ قدم مبارڪ رکيائين تہ گويا انهن جي ڇيلهہ سان چار

Gul Hayat Institute

ترارون ٻڌل هيون، جيڪي چئني هستين جي نمائندگي ڪري رهيون هيون. (١) محمد مصطفيٰ جي ترار (٢) علي المرتضيٰ جي ترار (٣) حسن المجتبيٰ جي ترار (۴) خود امام حسين جي ترار (۵) هاٽي متين مضمون کي ذهن نشين ڪندي، شاه صاحب جو ڪلام بلاغت نظام پڙهي محفوظ ٿيو.

ڪلام: ـ

چار ترارِيون چيلهہ سين، ٻڌي ٻہ پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪونئر ڪلي ۾ موڪيون.

(١٦) **صنعت ايراد المثل:** ـ ڪلام ۾ ملڪ جا مشهور و معروف پهاڪا ڪم آڻڻ، يا خود شاعر پنهنجي شاعرانہ ضرب خانہ مان سڪن جي صورت ۾ پهاڪي جا سهڻا سڪا ادبي ۽ علمي بازار ۾ آڻڻ جي جرات ڪري، جيئن شاه صاحب رسالي ۾ "شائگان" وارو گنج لڳائي ڇڏيو آهي.

(١) اکين ۾ تي ويهہ، تہ آءُ واري ڍڪيان،
(٢) جن جي ڪاڻ مٿاس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا.
(٣) اکيون تان عيد، ڪانهي عيدَ اکين ريءَ.
(۴) مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.
(۵) ڪاتي ڪونهي! ڏوه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾.

(١٧) **صنعت تضمين:** ـ عربي، فارسي شعر، قرآن جي آيت يا حديث شريف کي پنهنجي ڪلام ۾ آڻڻ، يا ان جي مطلب ۽ مفهوم تي پنهنجي ڪلام جو مدار رکڻ وغيره.

ڪلام: ـ

تو جنجي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
"فاذڪروني اذڪرڪم" اي پروڙج بات،
هٿ ڪاتي، ڳڙوان، پچڻ پر پرينءَ جي.

Gul Hayat Institute

آيت جو ترجمو: ۔ "ياد ڪريو مونکي تہ ياد ڪريان آءٌ اوهان کي."

(١٨) **صنعت حسن التعليل:** ۔ مختصر مطلب: ۔ ڪلام ۾ هڪ چيز کي، ٻي چيز جي صفت جي لاءِ علت نهرائڻ، دراصل اها اُن جي علت ئي نہ هجي."

ڪلام: ۔

سونهن وڃايم سومرا، سکر جهڙي سونهن،
دل ۾ دکي دونهن، منهنجو منهن ميرو ڪيو.

صنعت کي سمجهڻ لاءِ بيت جي مراد ۽ معنيٰ سامهون آڻڻي پيئي. مارئي چوي ٿي تہ منهنجي دل ۾ مارن جي محبت جي جوش، ۽ جدائي جي آڳ اُلا اُٿاري ٿي، انهيءَ اندر جي دود ۽ دونهين منهنجي سج ۽ چنڊ جهڙي چمڪندڙ چهري ۽ سونهن سوڀيا کي لَهسي ۽ لوساٽي ڇڏيو آهي. اي عمر بادشاهہ تون مون اجڙوالي کي قيد ۽ ڪوٽ مان آزاد ڪر تہ وڃي پنهنجي مارن جي پکنءِ پهچان. دراصل اندر جي آڳ، سج جهڙي سونهن کي ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهي، اهو سارو گورک ڌنڌو صرف صنعت جي رنگ رچائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

(١٩) **صنعت / استبدارڪ:** ۔ مطلب: ۔ ابتدائي لفظن مان نااُميدي ۽ ناراضگي، جو نتيجو نڪري. اڳتي هلي اُميد ۽ راحت جا دروازا کلي پون.

ڪلام: ۔

پنهون پاراتو ڏيانءِ، ٻيئي هٿ ڪٽي.
جڙيو هوندين جهان ۾، ٻيو ڏينداءِ رزق ڍٽي.

راقم الحروف جي شعر تي نظر ڪريو: ۔

هجئہ "صد آفرين" دلبر نيايئہ ڪين ڪي مونسان.
وفاداري تہ ڏس منهنجي اجا توسان نڀاهيانٿو.

Gul Hayat Institute

سجو اسرار "صد آفرين" ۾ رڪيل آهي.

(٢٠) **صنعت تڪرار:** ـ شعر ۾ ساڳيو اکر بار بار آڻي مضمون کي جاذب ۽ ديده زيب بڻايو وڃي. جيئن هينئن بيت ۾ "ور" باربار استعمال ڪيو ويو آهي. انهيءَ ساڳئي شعر ۾ "صنعت تجنيس تام" به اچي وئي آهي، پڙهو "وَر" جو ور

(١) مصرع = "ور، ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو."

(١) ور = مڙس (٢) ور = موت (٣) ور = ڏيرن وارو.

(٢) مصرع = "پيئي جا پاتار، تنهنڪي تار جلدي، تار مان."

معنيٰ ۽ مطلب: ـ (١) اونهون (٢) تار مان تارڻ (٣) اُڪار، ٽپاءِ.

مٿين صنعت ۾ هڪ ٻيو بيت ملاحظ فرمايو: ـ

تڙ تماچي جام جو، تماچي تڙ راءِ،
تماچي جي تڪئي، تون تماچي ڳاءِ،
۽ تون تماچياءِ، تماچي تڙ لهين.

(٢١) **صنعت جمع و تقسيم:** ـ مطلب: ـ چند چيزون هڪ حڪم ۾ جمع ڪري، بعد ۾ هرهڪ کي "هڪ چيز سان منسوب ڪجي."

ڪلام: ـ پنيوران ۾ ٿوڪ، ڪنهن نه نيا ڀاڻ سين.
سِڪَ سُپرين ڪي، ۽ لاڳاپو سين لوڪ.

ساڳي صنعت ۾ "گدا" جو شعر ملاحظ فرمايو: ـ

دل ٿي قابو، گيسوئ خمدار ۾،
برهمڻ جئن رشتئه زنار ۾.

(٢٢) **صنعت حسن تعلي:** ـ هن صنعت جا ٻيا چار نالا به آهن. (١) اغراق (٢) تبليغ (٣) غلو (۴) تصليف شعر ۾ "فخريه انداز سان ڪا ڳالهه پيش ڪرڻ." اتوڪي انداز ۾ ڳالهه ڪرڻ، شيخي مارڻ، خودثنائي جون پينگهون ٻڌڻ، پاڻ کي ميان

Gul Hayat Institute

منو سڏڻ، ڪوڙ ڪٿڻ، لغو بياني ڪرڻ، اهي مڙيئي ڳالهيون مهذب معاشره ۾ تہ نهايت خراب آهن. دراصل اهڙيون ڳالهيون اهڙي نادان ۽ جاهل، بوجهل ۽ ابومسلم لاءِ خراب نہ آهن. ڇوتہ وزندار ماڻهو جي ڳالهہ وزندار هوندي آهي. جيڪڏهن هڪ اعليٰ هستي پنهنجي فني ۽ فڪري، علم ۽ ادب، مرتبہ ۽ درجات جي ڳالهہ ڪري تہ اهو حسن تعلي آهي. پر جي صلاحيتن ۽ هنر هوندي بہ پاڻ کي پردي ۾ رکي تہ ان کي بخل سمجهڻ گهرجي. حافظ قرآن ۽ قاري، خطيب ۽ اديب، شاعر ۽ مفڪر، محقق ۽ دانشور، عالم ۽ فاضل، نجومي ۽ جفار، تاريخ نويس ۽ تاريخدان، فلسفي ۽ حڪيم، موسيقار ۽ فنڪار، مصور ۽ نقاش، پنهنجي فني خوبين ۽ خاصيتن، باريڪين ۽ پيچيدگين کان عوام کي آگاهہ ۽ آشنا نہ ڪري، ايتري تائين عوام اُن جي ڪمال ۽ درجي جو احترام ۽ قدر ڪيئن ڪندو؟ ان لايق فايق تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ هو اُن جرڪندڙ جوهر تي الفاظ جي روشني وجهي، جيئن ڪوڙ ۽ سچ، باطل ۽ حق جي هميشہ لاءِ نکيڙ ٿي وڃي.

(۱) مولانا جلال الدين رومي فارسي مثنوي جا ڇهہ دفتر مڪمل ڪري علم و ادب ۾ اضافو آندو آهي، اهل دانشن کي تاقيامت مطالع جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي. مثنوي جا نڪات، قرآني مفهوم ۽ معنيٰ جا ترجمان آهن. ان پنهنجي قلم گوهر بار سان لکيو آهي: -

مثنوي و معنوي و مولوي.
هست قرآن در زبان پهلوي.

(۲) شاعرن جي شاهہ اعليٰ حضرت سيد عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي رسالي ۾ علم و ادب جي نڪات کان علاوه اُم الڪتاب ۽ احاديث شريف کي پنهنجي اعليٰ ۽ مفڪرانہ انداز ۾

شاعري جو لباس پارايو آهي. اسان جي اکين آڏو اهو دؤر بہ گذريو جو شرفا پنهنجي نياڻين نماڻين جي ڏاج ۾ شاه صاحب جو رسالو بہ ڳڻائيندا هئا.

شاه صاحب شاعرِ روزگار آهي، هو يڪتائے روزگار جي دعويٰ ڪندي فرمائي ٿو: -

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين،
نيومن لائين، پريان سندي پار ڏي.

(٣) هفت زبان شاعر علامه محمد هدايت علي صاحب "تارڪ" رحہ مختلف زبانن ۾ بہ سَوَ ڪتب لکندي. پنهنجي فن تي تمڪنت ڪندي فرمايو آهي تہ: -

مان مملڪتِ نظم ۾ خاقان سخن جو.
هٿ منهنجي ۾ آگوءِ ۽ چوگان سخن جو.

مخلص ڇا مدد، سانگـي ۽ واصف ڪي ڀڏايو،
"رانڪ" ۾ ڪليو آه جو دُڪان سخن جو.

اچ مبدءِ فياض جي انعام سان "تارڪ"
تيو سنڌ اندر فائض فيضان سخن جو.

(٤) سيد اظهر گيلاني شاگرد علامه "تارڪ" رحہ

سنڌي زبان جي ٥٢ اکرن تي، مختلف موضوعات تي، سنڌي خواه اردو ۾ ٢٢ مڪمل رديفوار دواوين قلمبند ڪري، اردو ۽ سنڌي ادب ۾ انقلاب انگيز اضافو آندو آهي.

صنعت تصليف جو مثال پڙهو: -

Gul Hayat Institute

ڏنو مونکي خدائ پاڪ تاثير زبان آهي.
رکيل تحرير ۾ آ سحر اعجازِ بيان آهي.
اسان کي علم جي در تان، مليو علم و ادب آهي،
اثر تقرير ۾ اهڙو، رکيو خالق عيان آهي.
نہ پهچي عقل افلاطون جو منهنجي تعلي سان،
مقابل منهنجي ڪٿ انسان زير آسمان آهي؟
اچن د ر مضامين، صورت الهام اي ”اظهر“
سخن جو آهيان پيمبر، نہ ڪوئي شڪ گمان آهي.

(٩) اندر جو آواز

قدرت انسان کي، اندر جي اظهار لاءِ (١) نثر (٢) نظم جو ذريعہ جا قوت عطا ڪئي آهي. ان جي وسيلي هو، پنهنجو آواز عوام الناس جي گوش گذار ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن هن دنيا ۾ نثر جي تاريخ قديم تر آهي، تہ نظم جي تاريخ بہ قديم ضرور سمجهڻ گهرجي. اهل هنود جا پراڻا ڪتب برج ڀاشا ”شعر“ ۾ لکيل آهن. تلسمي ڪرت رامائڻ، شري ڪرشن جو ڪتاب ”شريمد ڀڳوت گيتا“ گرونانڪ صاحب جو ڪتاب ”جپ صاحب“ چند دائي چارڻ سنہ ١٢٠٠ع ۾ راجا پرٿويراج چوهان جا ڪارناما ”پرٿويراج راسو“ نالي ”نظم“ ۾ وڏو ڪتاب لکيو آهي. اهڙي طرح ڀڳت ڪبير، تلسيداس، اندر جو آواز دوهي ۾ ڪيو آهي. دوهي جي صورت هي آهي.

ڪانگا سبهہ تن کهائيو، چن چن کهائيو ماس،
دونينا مت کهائيو، پيا ملن کي آس.

حضرت دائود عليہ السلام کي قديم ترين دور جي شاعرن مان شمار ڪجي ٿو، اُن جو ڪلام بہ ڪنهن ڏن تي ٻڌل آهي. هو پنهنجي خوش گفتاري ڪان ”لحن دائودي“ جي نالي سان بہ

مشهور آهي.

ابتدا کان تاحال شاعرن جو ٽَڪَ، توز، ماترا، نينڪي، ڏُن، تاڙي، چپتي، ڏڪ الغرض ڪنهن نہ ڪنهن وزن تي ڪلام جو مدار رکيل آهي. وچين دور ۾ هندي شعرا ”ڇند“ وديا جي طرف توجه ڏنو، ۽ ان ۾ طبع آزمائي ڪئي. شاه صاحب پنهنجي ڪلام جو مدار بہ ڇند تي رکيو، ۽ دوهي جي صورت ۾ هن نموني نئون ڦيرو آندو. تلسي داس جو دوهو: -

تلسي يہ سنسار مين رهيئہ سبهي ملائہ .
ملين سينگهہ مار هي، انمل مار گائہ .

ترجمو: - ”سڀ سان ميل ميلاپ رکو، ڇوتہ اتفاق جي صورت ۾، شيربي حملہ نہ ڪندو آهي، ۽ ڦوٽ جي حالت ۾ ڳئون بہ حملو ڪري ٿي.“ تلسي جي مٿين دوهي جي ٻنهين مصراعن جي آخر ۾ ”ملائي ۽ گائي“ جا قافيہ آندل آهن. شاه صاحب جو بيت پڙهو. اُن جو وزن دوهي وارو ضرور آهي، مگر صاحب موصوف ان کي جدت بخشي هن نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پهرين مصرع جي آخر ۾ ”شهادت“ جو قافيو دوهي وانگر آندو آهي. مگر ٻي مصرع ۾ آخر جي بجا وچ ۾ ”عبادت“ جو قافيہ آڻي، باقي ٽڪر ”نظر ناز پرين جو“ جڙي بيت پورو ڪري ڇڏيو آهي.

مل مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.

سنہ ١٧٠ ھ خليل ابن احمد بصري علم عروض جو اعلان ڪيو، ذي حس طبقہ عموماً شعرا ڪرام خصوصاً انهيءَ طرف خاص توجه ڏني، ان جي آڌار تي، پنهنجي آواز کي عوام تائين پهچائڻ جو موثر ۽ موزون ذريعو سمجهو.

Gul Hayat Institute

(١٠) قرآن، شعريت ۽ عروض

علمِ بيان جا اُهي اساليب. جيڪي شاعري جو روح آهن، قرآن مجيد فرقان حميد ۾ ڪثرت سان ملن ٿا. مثلاً الفاظ و معنيٰ جو حسن ۽ نزاڪت، ڪلمات جي متانت، طرز بيان جي جدت، هم قافيه جو تواتر، تشبيه، استعاره، ڪنايه، تمثيل وغيره جي دلڪشي، حقايق ۽ جذبات جو اهتمام، الفرض اُهي وصفون ۽ ڳالهيون جيڪي ڪلام ۾ حسن ۽ شعريت پيدا ڪنديون آهن، قرآن ڪريم ۾ بدرجه اتم ۽ اعليٰ موجود آهن. اُم الڪتاب ۾ انيڪ هنڌن تي موزون ۽ پختا جملا بہ ملن ٿا. جن جو عروض جي اوزان سان سڌو سنئون لاڳاپو نظر اچي ٿو، تقطيع ڪرڻ سان بہ تر جو تفاوت نٿو ملي. چند مثال ملاحظ فرمايو: ـ

(١) بسم الله الرحمان الرحيم.

قرآن شريف جي پهرين آيت

بحر: ـ سريع مقطوع مطوي موقوف

وزن: ـ مفعولن مفعولن فاعلات

(٢) انا اعطيناڪ الڪوثر

سوره ڪوثر آيت

بحر: ـ متقا رب مثمن اثلم

وزن: ـ فعلن فعلن فعلن فعلن

(٣) لاحول ولا قوت الا باالله

بحر: ـ هزج مثمن اخرب مڪفوف اخرم

”رباعي جو خاص وزن آهي“

وزن: ـ مفعول مفاعيل مفاعيلن فاع

(١١) شاه ۽ عروض

شاه صاحب جو ڪلام، دوهي جي تتبع ۽ چند جي آذار تي

Gul Hayat Institute

چيل آهي، جيڪڏهن شاه صاحب جي رسالہ جو غور و فڪر سان مطالع ڪبو تہ ان ۾ انيڪ اهڙا ابيات موجود آهن، جيڪي سڌو سنئون عروض جي تقطيع ۾ بہ اچي سگهن ٿا. هن ڏس ۾ آءٌ بہ مثال پيش ڪري رهيو آهيان.

(١) ڪلام: ـ مري ٿيندیس مچ، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ڪري ڪوهيار ويو، ڇلائي ڇپرين.

بحر: ـ متقارب

وزن: ـ فعلن فعلن فعلن فعلن

(٢) ڪلام: تانگهي ۾ تائي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آئي، ڪين ڏينديءِ ڪو ٻيو.

بحر: ـ متقارب

وزن: ـ فعلن فعلن فعلن فعلن

(١٢) شاه جي واقعاتي شاعري

شاه صاحب شاعري ۾ نہ ڪنهن جو مقلد، تہ لڪير جو فقير، نہ ٻڌ سڌ تي طبع کي گردش ۾ نہ وجهندو هو. هو مشاهدات ۽ واقعات جو اعليٰ ترجمان رهيو، اُن جيڪي ڪجهہ اکين سان ڏٺو، اُن جي ڪيميرا وانگر رنگين ۽ دلنشين تصوير ڪڍي، عوام جي مطالعہ ۽ ملاحظہ لاءِ پيش ڪئي، اُن کان علاوه شاه صاحب کي في البديه ڪلام چوڻ جي بہ اعليٰ قوت حاصل هئي. شاه صاحب باريڪ چيز کي باريڪ نظر سان ڏسندو، ۽ ان جي خوبي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. سُئي جي اها خصوصيت ۽ صفت بيان ڪيائين جو اُها اگهاڙي انسان کي ڍڪي ٿي. الغرض صاحب موصوف ننڍي کان وڏي چيز جو شاعرانہ فڪر سان جائزو ورتو آهي ۽ اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي، جنهن تي پاڻ طبع آزمائي نہ ڪئي اٿن.

Gul Hayat Institute

(١) سنڌ تي ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي حڪومت هئي. شاه صاحب جي شهرت ۽ مڃتا اوج تي آيل هئي، وقت جي حاڪم کي اها مقبوليت منيان جي دعوت ڏيندي رهندي هئي. هن پنهنجي اندر واري جي صلاحڪار سان صلاح ڪئي ته ڪنهن به طور ۽ طريقي سان شاه صاحب جي پاڪبازي ۽ پارسائي، مقبوليت ۽ مڃتا کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيان. هونءَ به اهل دنيا جو دستور رهيو آهي ته اُنهن جي درويشن ۽ خدا رسيده انسانن سان خدا ڪارڻ دشمني هوندي آهي. هن ملڪ جي حسين ۽ نازنين طوائفن جو سهارو ورتي، انهن کي هار سينگار ڪرائي، خاص هدايت ڏني ته "اڄ عبداللطيف ڀٽائي کي هن رنگين محفل ۾ گهرايانٿو، اوهان پنهنجي حسن ۽ صورت، ناز ۽ انداز، ڪان ڪم وٺندي، اُن کي پنهنجي پرپيچ زلفن جي ڦندي ۾ اهڙو ته ڦاسدائي ڇڏيو، جو هو زندگي تائين جان نه ڇڏائي سگهي. ڪاميابي تي اوهان کي انعام اڪرام ڏنا ويندا." شاه صاحب هن محفل ۾ پهچي ويو، جام جو دؤر شروع ٿيو، هڪ حسينا شراب جو پيالو ڀري پنهنجي نازڪ ۽ نفيس هٿن سان شاه صاحب کي پيش ڪيو، مگر صاحب موصوف پيئڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي راڳ رنگ جو دور شروع ٿيو، ڳائيندڙن هر نموني جا حربا هلايا مگر انهن جو هروار خطا ٿيندو رهيو. غلام شاه محفل مان اُٿي هليو ويو، خاص ماڻهو به الوپ ٿي ويا، ۽ صرف شاه صاحب اڪيلي سر هن حسين ٽولي ۾ رهجي ويو، دروازه بند، هنن ٽنن چوٽي جا زور ڏنا مگر شاه صاحب کي پاڻ ڏانهن متوجه نه ڪري سگهيون، شاه صاحب استغراق جي عالم ۾ محو ۽ مست رهيو. صبح جو ميان صاحب نهايت فخريه انداز ۾ شاه صاحب کي چيو "اوهان رات پوري طرح سان راڳ جو خط حاصل ڪيو هوندو؟

شاه صاحب في البديه هي جواب ڏنس.

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
بي ڇورين ڏنا ڇال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

شاه صاحب جي هن شعر ٻڌڻ سان هن جي دماغ ۽ دل مان نڪاءُ نڪري ويو، نادم ٿي شاه صاحب کان معافي ورتائين.

(٢) صوفي شاه عنايت سنہ ١١٣٠ هہ ۾ شهيد ڪيو ويو، اُن وقت شاه صاحب جي عمر ٣١ سال هئي، جڏهن جو اها خبر شاه صاحب کي ٻڌائي وئي، دانهن ڪري، ڪيترو وقت خاموش رهيو، آخر ۾ هي چند اشعار آبدار سندن زبان گوهر بار مان ٻڌڻ ۾ آيا. سر رامڪلي ۾ ست ابيات آهن، مون صرف ٻہ قلمبند ڪيا آهن.

(١) اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ،
ساري سناسين کي، ڪامي تيس ڪوڙ،

(٢) اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

(١٣) شاه جي طنز مليح

ادبي دنيا ۾ طنز ۽ هَجَوَ ٻہ جدا چيزون آهن، طنز: مهميز ۽ هَجَوَ سنڌي تيني گلا جو نالو آهي. طنز ڪرڻ سان انسان ۾ هوشياري ايندي آهي، ۽ هَجَو حَملہ جو نالو سمجهڻ گهرجي. طنز انساني دماغ ۾ چرپر آڻي سگهي ٿي، مگر هَجَوَ ان جي برعڪس انسان جي اندر ۾ تک ۽ تاءُ، تپش ۽ تيزي، نفرت ۽ حقارت جو ٻج پوکي ٿي. طنز کي صنعت تجاهل عارفانہ سان تعبير ڪيو ويندو آهي، ۽ هَجَوَ کي تکي ترار جو وڍ ۽ گهاءُ سمجيو ويندو آهي. انساني زندگي ۾ جت غمن جا انبار سرن تي سٽيا ويندا

آهن، اتي طنز و مزاح، ڪل ڀوڳ جو بہ هجڻ نهايت ضروري امر آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪيترائي ظريف شعرا پيدا ٿيا آهن، انهن مان رئيس شمس الدين خان بلبل، ضامن دادوي، هنٽر حيدرآبادي، روذو موالي حيدرآباد، ڪانوُ لاڙڪاڻو، ٽڪلو لاڙڪاڻو، علامه فرفر ڏونگري جا نالا قابلِ ذڪر آهن. جملہ شعرا حضرات جو ڪلام طوفان حوارت ۾ تلف ٿي ويو، حضرت بلبل ۽ علامہ فرفر جي ڪلام مان چند مثالي اشعار پيش ڪجن ٿا. بلبل فرمائي ٿو:

مرد ٿيا مڪار چَوُ ڪهڙي چيم؟
ڪي رنون ٿيون خوار چو ڪهڙي چيم؟
*
يار اڳيان تون روزُ رو تازه بتازه نوبنو.
مر ملئہ ڪو ٽڪ بجو تازه بتازه نو بنو.
*
زر ساڻ عيب هاڻو، سهڻن اندر سماڻو،
نر ٿو نوائي ناڻو، زر آ تہ عشق نہ ٿپ.
*

هن نازنين جي قد سان، همسر نہ سرو ٿيندو،
جڻ ڪاٺ اٺگهڙيو ڪنهن ڪم ڪار جو نہ آهي.

علامہ فرفر ناظم الدين جي خوراڪ لاءِ رقم طراز آهي.

رهيو جي هاضمون ۽ شوق ”ناظم الدين“ ڪي اهڙو،
تہ ڪڪڙن لاءِ پاڪستان ۾ پوندو ڏڪر ساقي.

محترمہ فاطمه جناح ۽ صدر ايوب جي اليڪشن جي تصوير دلپذير ڏسو.

حلالي ٿا رهن، امر و ادب ۾ ظاهر و باطن،
اُيا ٿي پنهنجي مادر سان، حرامي ٻار اتڪي پيا.

يار جي نزاڪت ۽ نفاست جي اپٽار هن طرح سان آهي.

تون گلن ۾ ٿي ترين، "بلالي" مثال،
خاطري آ توکي ٿيندي باز نَٿَ

پيءُ کان اول پٽ پينگهي ۾ جهوٽندو رهي ٿو.

پدر کان اڳ تولد ٿين، فقط مادر جي محنت سان،
شرافت واسطي اهڙا حلالي بار پيدا ڪر.

پنهنجي معاصرين جو هن نموني ذڪر ڪري ٿو.

فن جو استاد آهين، ڇوٿو اي فرفر ڪرين؟
ڪانوَ، روڏي، بلبل و ضامن ۽ هنتر جي تلاش.

(۱) وڳند سان وروح شاه صاحب رسالہ سُر بلاول ۾ وڳند جي چرچي گهبي جا لڳوتار ۱۳ ابيات ملن ٿا. مون نموني طور صرف ٽن بيتن جو ذڪر ڪيو آهي. جن مان شاه صاحب جي خوش طبعي ۽ ملنساري جو پتو پوي ٿو.

وڳند سادو سودو فقير، ۽ فرمانبردار هو، هر وقت شاه صاحب جي حاضري ۽ نوڪريءَ ۾ رهندو هو، هڪ ڀيري پور پنجي ويس، بغير اجازت جي پنهنجي گهر هليو ويو. اُتي پهچڻ سان زال ڏندو پٽيس تہ نافرمان بغير اجازت جي هت ڇو آيو آهين، هن کي بدشد ڳالهائي پوئين پير روانو ڪيائين، پٽ تي پهچڻ سان هن ساري گهرو ڳالهہ شاه صاحب جي آڏو بيان ڪئي. شاه صاحب مُشڪندي هي بيت پڙهي پورو ڪيو.

وڳند وري آئيو، پينار نئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ذرو نہ ڏنس جوءِ،
وينو ايهين چوءِ، تہ پيران پاسي نہ ٿيان.

(۲) وڳند ماه رمضان ۾ روزا نہ رکندو هو، سحري ۽ اِفطاري جي وقت ماٿهو روزه دارن جي لاءِ قسمين قسمين جا طعام ۽ ميوه

جات آٽيندا هئا، هو روزه دارن کان اول خوراڪ تي اهڙي نموني حملہ آور ٿيندو رهندو هو، جيئن تتر تي باز چڙهائي ڪندو آهي. اهو منظر ڏسي، شاه صاحب اُن جي نظم ۾ هن ريت تصوير ڪڍي آهي: -

وڳند وري آئيو، بدو بي نماز،
جيئن تتر متي باز، وڳند تيئن خوشبوءِ تي.

(۳) ڪوٽڙي مغل ۾ ڇيتي نالي سان هندو دڪاندار هو، هو شاه جو ڏاڍو عقيدتمند هوندو هو. هڪ دفعي وڳند کي بصرن وٺڻ لاءِ دُڪان تي موڪليو ويو، دڪاندار هن کي چرچي ۾ چيو "وڳند تتي ٿڌي ۾ وتين ٿو ٿابا کائيندو، بسم الله ڪري، ٿڌي ڇانوَ ۾ منهنجي دڪان تي ويهي سودو سٽ هلاءِ، آءٌ تنهنجو حساب ڪونہ ڪائيندس. هن تڪڙ ۾ توَ ۾ اقرار تہ ڪيو، وري جو لڙهو لٽس، درڙي پري، تارا ڦوٽاري، دڪاندار کي چوڻ لڳو، هل ڙي هل ڪافر، مان پنهنجي مرشد کي ڇڏي هٽ تي ويهي جڳ ماريان" اهي الفاظ اجاربندي سڌو پٽ تي آيو ۽ اهو سربستو احوال وينل ڪچهري جي آڏو بيان ڪيائين ۽ ماڻهو کل ۾ ويڙهجي ويا. عين ان وقت شاه صاحب کان هي بيت موزون ٿي ويو: -

دانا سندي در تي، وڳند ٿي وينو،
بصر سين بازار ۾، ڪرواٽيو ڇينو،
در تنهين پينو، جت ڪفر تان ڪين ٿئي.

شاه صاحب جي طنز، مليح کان مليح تر هوندي هئي، ان ۾ مشفقانہ عارفانہ، ناصحانہ لب ولهجہ، دعائيہ اثر ۽ انداز هوندو هو، ماڻهن جي دلي خواهش هوندي هئي تہ اهڙي بصيرت افروز ڪچهري سدائين قائم رهي.

(١٤) ڀٽائي جي لوءِ صاحبان ۾ آمد

حضرت عبداللطيف ڀٽائي رحہ، پنهنجي ڏاڏي اعليٰ حضرت

شاه ڪريم بلڙي واري جيٰ مقبره جي لاءِ ملتان ڪان ڪاشيءَ جون سرون وٺڻ واسطي درياهي رستي سان ملتان ويو، موٽندي اعليٰ حضرت سيد موسيٰ شاه عليه رحمت جي ملاقات ۽ زيارت فيض بشارت حاصل ڪرڻ جي غرض و غايت سان ”لوءِ صاحبان قادريہ“ عرف گهوٽڪي جي جامع مسجد ۾ تشريف فرما ٿيو. شاه صاحب جي هٿ ۾ هڪ سرڳي هئي جنهن ۾ ”نفس اماره“ ڪتي جي صورت ۾ بند ٿيل هو، فقرا سان ساز سرود هئا، اهڙو غير شرعي عمل ڏسي علماء ۽ طلبا آپي کان ٻاهر نڪري ويا، ڪتو ڪاهي ٻاهر نم جي وڻ سان ٻڌائون، ۽ ساز مسجد جي اوپر واري کُهي ۾ ڦٽا ڪيائون، ساز اُتي وڄڻ لڳا، هي حيران ٿي هڪ ٻي کي چوڻ لڳا ڇا ماجرا آهي؟

هن حقيقت کان آگاه ڪرڻ لاءِ طلبا حضرت جن جي آستانہ عاليہ ڏانهن ڊوڙيا، هوڏانهن حضرت جن کي روحاني رستي اطلاع مليو، پاڻ مسجد جي طرف اچڻ لڳا. شاگرد ڪين هن حقيقت کان واقف ڪيو. پاڻ فرمايائون، صبر و تحمل کان ڪم وٺو، اچ ڀال ڀلائي ڀٽائي صاحب جن آيا آهن.“ ٻنهين هستين جي جامع مسجد ۾ ملاقات ٿي. حضرت جن علماء ۽ فقرا سان شاه صاحب جن جو نهايت عمده نموني تعارف ڪرايو. ٿوري وقت کان بعد موذن عصر جي اذان ڏني، جماعت وضو ڪري، بارگاهِ حق ۾ عبادت لاءِ صفون ٻڌي قبلہ جي طرف منهن ڪري بيٺي. حضرت موسيٰ جن جي اصرار ۽ استدعا تي ڀٽائي صاحب پيش امامي جا فرائض نهايت حسن و خوبي سان سرانجام ڏنا. هڪ نئين ڳالهہ رونما ٿي جو شاه صاحب قرآن شريف جي آيات جي بجا پنهنجا في البديه هينيان اشعار پڙهيا، جيڪي رسالہ جي سر مارئي ۾ موجود آهن: ۔

(١)

"زُمَر، زُخُرفٌ" (١)، **"سومرا "حَمِدُ" جنهين جو هندُ"** "م"
"اِهْدِنَا الصِّراطِ الْمُسْتَقِيْمَ" (٢) اي پَنوهارَن پندُ،
باري لاهين بَنْد، تہ ملان ماروئڙن کي.

(٢)

"زُمر زُخُرف" "سومرا، "قل" جنهين جو قُوتُ" "م"
"فَاذْكُرُوْنِي اَذْكُرُكُمْ" (٣) سدائين ثابوتُ،
لنگهيو جن لاهوت، تن پکا پائر اَڍِيا.

(٣)

"زمر زخرف (۴) سومرا "سَبحَ" (۵) منهنجا سيڻ،
ورڏڻ (٦) ڏاڏاڻي ڏيہ جو، کوءِ تنهنجا کيڻ،
"وَرُ ويڙهيچاڻا ويڻَ (٧)، کوءِ سونُ تنهنجو سومرا." "پ"

(۴)

"زُمر زُخرف" سومرا، سبُحَ منهنجا سيڻَ، "م"
تمر (٨) بر بريان (٩)، ان جا کاچ خُرما کيڻ،
"نِتُ نمايم نيڻ" بَرَ جي بَدِوين لئيء. "م"

(۵)

"زُمر زُخرف" سومرا، سَبحَ سيڻ سَندام،
بَندَ مِ بدوين لئيء، **"گوڙها نت ڳاڙيام"** "م"
عمر اباڻن کي ڏني، ڏينهن تيام،
ويڙيچا وجود مان، ويل نہ کنهن وسريامِ،
"پاندي روزِ پچيام، اُيي اَباڻنَ جا." "پ"

(١) قرآن جي سورتن جا نالا. (٢) اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. (٣) پوءِ اوهان مونکي ياد ڪريو تہ مان اوهان کي ياد ڪريان. (۴) سورت جو نالو. (۵) سورت جو نالو. (٦) پلو. (٧) مهڻا، گاريون. (٨) سُکي کجور. (٩) ٻيگل ڪٽڪ.

(٦)

"زُمر زُخرف" سومرا، سَبَحَ سينڻ رهَنِ،
بَندَ ۾ بدوين ليءِ، "اکيون رَتُ روئِنِ"،
ڏوتي ڏاڏاڻي ڏيهه جا، الله! ڪي اَچَن،
مونکي خبر خير جي، سندي ڏيهه ڏين،
"آرو [1] اڪڙين، آهي اباڻن ڏي."

(٧)

"زُمر زُخرف" سومرا، عيش اعرابين [2]،
"اِنّا فتحنا لڪ [3] قلوبان ڪهن،
لَحمُ [4] لَبَنِ [5] گِڏُ ڪيو، تَمَرُ تاڪُل [6] ڪَنَ،
"سداسين سيد چئي، "ان نہ چکيو تن" "م"
عمر بنديناڻن، لاهي لوت نہ چڙئين.

(٨)

"زُمر زُخرف" سومرا، مارو مون مهندار،
"اُلئِڪَ اَصحَابَ الجَنّةِ" [7] ماڳ سندم موچار،
"وَسَقَاهُمْ رَبُّهم شَرَاباً طَهُوْرًا [8] پئين پوج پنوهار،
ويرو لار وجود ۾، پرين جي پچار،
"سباجها سَتّار، مونکي مارن ميڙئين." "پ"

(٩)

"زُمر زُخرف" سومرا، حَدُنِ ۾ حُجرات [9]،
سُورَن لاءِ سَرتِيُون، **"رعد [10] مُڪائم راتِ"** "م"
هَميشه حَجر [11] ۾، لئن لطيفي لاتِ،
مون تن تنهين جي تاتِ، اورڻ جن "اَحقاف" [12] ۾.

---

(١) لاڙو. (٢) جهنگلي ماڻهو. (٣) بيشڪ اسان توکي فتح ڏني. (٤) گوشت. (٥) کير. (٦) کائڻ. (٧) اهي بهشتي آهن. (٨) ۽ انهن کي انهن جي پالڻهار پاڪ شراب پياريو. (٩) سورت جو نالو. (١٠) سورت جو نالو. (١١) سورت جو نالو. (١٢) قرآني سورت جو نالو.

(١٠)

"م" "زُمر زُخرف" سومرا، **"سانبي (١) ساريم راتِ"**،
"رعد" ڪريندي رعديون (٢)، هلن ڏونهن "حجرات"
"سُبحَ" "سجده" پيچرا، لئن لطيفي لات،
مون تنهين جي تاتِ، اورڻ جن "اَحزاب" سين.

(١١)

"زُمر زُخرف" سومرا، مارو "مومن (٣) باسِ،
اَعرابي "اَحقاف" ۾ رهي وينا راسِ،
"م" مارن ملان (۴) مارئي **"ڪنهن ارادي آندياس"**،
"پ" "وطن آءُ وينديارسِ، وريو وَرَقُ وِصال جو".

ابيات پڙهڻ ۽ سجده جي ڦيرقار سبب پوري جماعت نماز ختم ڪري بيني ماٺهو حضرت موسيٰ شاه صاحب، ٻه علماء ڪرام ۽ هڪ طالب جملہ پنج ماڻهو ٻنائي صاحب جي پنيان فرض ۾ شامل رهيا. شاه صاحب پهريان ٨ ابيات فرض ۾ پڙهيا، ۽ آخري ٽي ابيات پڙهي دعا گهري. عشاء جي نماز ادا ڪرڻ ۽ ذڪر کان فارغ ٿيڻ بعد شاه عبداللطيف ۽ حضرت موسيٰ شاه جي رات جي تنهائي ۾ ڪچهري ٿيندي رهي. صبح جو نماز پڙهي شاه صاحب اجازت ورتي، سترہ سنئون ٿيو، ٻيڙي لهواري لڙي حيدرآباد جي طرف رخ رکيو.

(١٥) شاه جي ڪلام تي تبصرو

شاه صاحب صرف سنڌ صوبي جو نہ مگر دنيا جي عظيم شاعرن ۽ مفڪرن مان هڪ آهي، ڊاڪٽر ايچ - ٽي - سورلي دنيا جي ڪيترين زبانن جو ڄاڻو ۽ ماهر آهي. هن کي سنڌي ٻولي تي

---

(١) وارث، نگهبان. (٢) گوڙيون. (٣) قرآن جي سورت. (۴) وٽان.

وڏو عبور حاصل آهي. هن پنهنجي مطالع ۽ معلومات جي آڌار تي، دنيا مان ست شاعر چونڊي انهن جو شاه صاحب سان تقابل ڪندي، نمايان الفاظ ۾ اها فتويٰ ڏني آهي ته شاه صاحب دنيا جي جملي شاعرن ۽ مفڪرن کان مٿانهون مقام رکي ٿو. شاه صاحب جي ڪلام ۾ ادب به آهي، نياز پڻ، رمز به آهي، راز پڻ، سوز به آهي، گُداز پڻ. حسن به آهي، ناز پڻ، الفت به آهي، عشق پڻ، وصل به آهي فراق پڻ، درد به آهي، سوز پڻ، پنڌ به آهي، مسافت پڻ. غم به آهي، راحت پڻ. شريعت به آهي، طريقت پڻ. معرفت به آهي، حقيقت پڻ، وحدت به آهي، ڪثرت پڻ. افسانو به آهي، حڪايت پڻ. رشد به آهي، هدايت پڻ. رواني به آهي، نُدرت پڻ. سلاست به آهي، جدت پڻ. نفاست به آهي، نزاڪت پڻ.

هن الهامي شاعر، پنهنجي سخن جي ذريعي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ مختلف مضامين جا گل گڏ ڪري، سنڌي ٻولي کي سدا بهار باغ بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ قسمين قسمين رنگين ۽ دلنشين گل پنهنجي لافاني خوشبو سان اهل دل، اهل درد، اهلِ نظر جي قلب ۽ روح کي رسائيندا رهن ٿا. شاه صاحب وٽ الفاظ جو وڏو خزانو آهي. اردو زبان ۾ اُٺَن کي صرف "اون" سڏيو ويندو آهي. سنڌي ۾ ٻڪري جي اُن کي "ڏاس" گهٽي جي اُن کي "اُن" اُٺ جي اُن کي "ملس" ڪوٺيو ويندو آهي، ٻين زبانن ۾ اُٺ جو صرف هڪ نالو آهي، سنڌي زبان ۾ نالا ڳڻيو ته ڪيترا آهن. (١) توڏو (٢) ڪنواٽ (٣) گورو (۴) ٻور (۵) ٻوتو (٦) مهري (٧) ليڙو (٨) ڪرهو (٩) چانگو (١٠) ميو (١١) لاڏو. ٻهادر جا نالا (١) ڪوبو (٢) ڪوڏيو (٣) ڪونڌر (۴) ڪونٽر (۵) سڌر (٦) جنگ (٧) پائو (٨) مرد (٩) مانجهي (١٠) ورنه (١١) ڏڱ (١٢) مهائي (١٣) بانڪو (١۴) پارنگ (١۵) وير (١٦) گهوٽ

(١٧) للنگهہ (١٨) راوت (١٩) جوڏو (٢٠) جوان (٢١) بورائو وغيره. شاه جي رسالي ۾ ڪٿ بہ عُريان، بازاري ۽ ڪچو لفظ نظر نہ ايندو. بلڪ هر مضمون شعر جي خوبين ۽ محاسن سان مالامال ملندو. زبان جي شيريني ۽ ميناڻي بيان جي صفائي ۽ دلچسپي، طرز جي ادائگي، دلفريبي ۽ رنگيني، اسلوب جي دلاويزي، دلڪشي ۽ دل نوازي پنهنجا جلوه پسائي رهي آهي. نظر وجهڻ وارو محو نظارو بڻجو وڃي، ۽ ٻڌڻ وارو سُرور ۾ اچي رقص ڪندو رهي ٿو.

(١٦) منهنجو مقصد

منهنجي هن چونڊ جو مدار شاه جي پهاڪي ۽ محاورن تي رهيو آهي، مون شاہ صاحب جا جملي سُر سامهون رکي، پنهنجي مقصد جا موتي چونڊيا آهن. هر لفظ، هر بول، هر بيت پنهنجي هنڌ تي وزندار ۽ اثرائتو ٿيندو آهي. انتخاب جو انداز اهڙو اهميت وارو هجي، جيئن مصور پنهنجي موقلم سان، سنگ تراش سنگ تراشي جي اوزارن سان، موسيقار ستاريا رباب جي تارن کان ڪم وٺندو آهي. جيڪڏهن غلط تار تي هٿ لڳي ويندو، تہ نغمي جو آواز بي سرائي اختيار ڪندو. اهڙي طرح فيصلي ڪرڻ کان بعد اگر اُن جي برعڪس قدم کڻبو تہ سراسر غلط ٿيندو، مون بہ انهيءَ عزم سان هي ڪم ڪيو آهي، ناموزون ڪلام حسن انتخاب لاءِ بدنما داغ جي برابر سمجهو ويندو آهي.

منهنجي انتخاب ۾ (٧٨٥) اشعار ۽ (٤٨٨) پهاڪا ۽ (٣٢٠) محاورا شامل ٿيا آهن. جن کي پيش ڪرڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان، پڙهڻين، اعراب ۽ معنيٰ جو خاص خيال رکيو ويو آهي. آءٌ حاجي غلام قادر ڪوڪر جو ٿورائتو آهيان، جنهن وقت بوقت هن ڪتاب جي نقل ڪرڻ ۾ منهنجي دل و جان سان مدد

ڪئي آهي. آءٌ جناب قاضي مقصود گل صاحب جو نهايت مشڪور آهيان، جو صاحب موصوف هن ڪتاب لکڻ وقت مونکي پنهنجي نيڪ ۽ زرين مشورن سان نوازيندو رهيو آهي.

اها سخت بي انصافي ٿيندي، جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پراڻي دوست، شاعر ۽ اديب، مصنف ۽ محقق جناب غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ جو شڪريو ادا نہ ڪريان، جو هن صاحب موصوف هن ڪتاب کي "مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور" جي بورڊ آڏو پيش ڪرڻ جو مشورو ڏيندي، ڪتاب کي ڇپرائڻ جي اُميد ڏيکاري ۽ اهڙي نموني هي ڪتاب ڇپجي اوهان جي هٿن تان پهچي ويو.

اشرف و اعليٰ ڪيو انسان کي "اظهر" خدا،
ڪم اچي انسان ٿو، انسانَ جي.

آخر ۾ آءٌ هن امر تي مُسرت جو اظهار ڪريان ٿو، جو هن گرانبها تصنيف ۽ تاليف جي تڪميل "قصر الادب گهوٽڪي" ۾ ٿي، مان ۽ منهنجي اولاد هن سطوت أعظميٰ تي هميشه هميشه فخر ۽ ناز ڪندي رهندي. "الله بس باقي هوس."

سيد اظهر گيلاني
قصر الادب گهوٽڪي

۱ ـ ذي الحج ۱۴۲۳ هہ
۳ فيبروري سنہ ۲۰۰۳ع

Gul Hayat Institute

(١) سر ڪلياڻ

وَحْدَهُ لاَ شَرِيْڪَ لَهُ بُـدءِ نـہ ٻـوڙا،
ڪي تون ڪنين نہ سُئاس (١) جي ڳهَتَ (٢) اَندَرِ گهوڙا،
"ڳاڙيندين ڳوڙها، جتِ شاهِدَ تيندءِ سامُهان." "پ"

(٢)

وَحْدَهُ لَا شَرِيْڪَ لَهُ ايءِ هيڪڙائي حَقُ،
"ٻيائي ڪي ٻَڪُ"، جن وڏو سي وَرِسيا (٣)". "پ"

(٣)

تون چَوُ الله هيڪڙو، وائِي (۴) ٻِي مَ سِڪُ،
"سوئي لِکيو لِڪُ، سچو اَکَرُ مَنَ ۾". "پ"

(۴)

پاڻهئين جَلَّ جَلاَلَہُ (٥)، پاڻهئين جَانِ جَمالُ،
پاڻهين صُورَت پِرينءَ جي، پاڻهين حُسن ڪَمالُ،
پاڻهين پيرُ، مُرِيد تئي، پاڻهين پاڻَ خَيالُ،
"سَڀ سَيوئي حالُ، منجهان ئي مَعلُومُ تئي." "پ"

(٥)

سو هي، سو هُو، سو اَجَلُ (٦)، سو اللهُ،
"سو پِرين، سو پَساهُ، سو ويرِي، سو واهَرو". "پ"

(١) بڌاءِ. (٢) نڙي. (٣) پَليا. (۴) ٻولي. (٥) ان جو وڏو شان آهي. (٦) موت مقرر وقت تي ايندو.

(٦)

"پِڙاڏو (١) سو سَڏُ"، ور (٢) وائيءَ جو جي لهين، "م"
"هُئا اڳهين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻــ ٽِيا." "پ"

(٧)

ايڪ قَصَرَ (٣) دَرَ لَکُ، ڪوڙين سَهَسَ ڳُڙڪِيون،
"جيڏانهن ڪَريان پِرِڪِ (٤)، تيڏان سَڄَڻ سَامُهون." "پ"

(٨)

ڪوڙين ڪيائون، تنهنجون لِکَنَ لِکَ هَزارَ،
جيءُ (٥) سپ ڪنهن جيءَ سين، دَرسَن (٦) ڏارون ڏَار،
"پريمَ" (٧) تنهنجا پارَ (٨)، ڪهڙا چَئي ڪيئن چوان؟" "پ"

(٩)

"اندا اُونڌا ويجَ" (٩)، کَل ڪُجاڙيا (١٠) ڪاٽئين؟ "م"
اسان ڏُکي (١١) ڏيل (١٢) ۾، تون پيارئين پيجَ (١٣)،
"سوريءَ جني سيج (١٤)، مرڻ تن مشاهدو" (١٥). "پ"

(١٠)

"سوري آه سينگار"، اَصُلُ عاشِقَنِ جو، "م"
مُرَڻُ، موٽَڻ، ميهِڻو (١٦)، تيا نظاري (١٧) نَروار،
"ڪُسَڻَ جو قَرار (١٨)، اَصُل عاشِقَنِ جو." "پ"

(١١)

ڦرين ڪاتي پاءِ، پُڇج پوءِ پِريتِڻو،
ڏُکَ پرين جو ڏيل (١٩) ۾، "واڄَٽَ (٢٠) جن وڃاءِ"، "م"
"سيخن ماه (٢١) پچاءِ، جي نالو ڳيڙءَ (٢٢) نينهن جو." "پ"

(١) پڙلاءُ. (٢) وڪڙ. (٣) ماڙي. (۴) نگاه. (۵) قبول. (٦) درسن، ديدار. (٧) منهنجا پرين. (٨) نشان. (٩) طبيبُ. (١٠) چاڪاڻ. (١١) درو ٿئي. (١٢) بدن. (١٣) پتڙو پت. (١۴) پلنگ. (١۵) ديدار. (١٦) مهڻو. (١٧) نظاري تي. (١٨) وعده انجام. (١٩) تن، بدن، دل. (٢٠) ساز، باجو، واڄو. (٢١) گوشت، مانهه. (٢٢) ورتئہ، توڇيو، تو پڇيو.

(١٢)

"ڪاتي ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ ويندڙ هَٿَ ۾"، "پ"
پَسيو پرم (١) عظيم جي "لِڇڪيو وڃي لوُهُ"، "م"
"عاشِقَنِ اندوهُ (٢)، سدا مَعشُوقَنِ جو." "پ"

(١٣)

"ڪاتي جا قُرَبَ جي"، سا هَڏ چيري چَمُ،
"عاشِقَنِ پنهنجو انگُ، الله ڪارڻ وَڍيو."

(١۴)

جي تو سِڪَڻُ سِکيو، تہ ڪاتي پَئِي مَ ڪنجهُہ،
سُپريان جي سُورَ جو، ماڻهن ڏجي نہ منجهُہ،
"اندَرُ ايءَ اَهنجُ، سانِڍجُ سڪائون ڪري". "پ"

(١۵)

"عاشِقَ زهَرُ پياڪَ، وِهُ ڏِسي وَهَسَنِ گهڻو"، "پ"
ڪَڙي ءِ قَاتِلَ جا، هَميشہ هيراڪَ،
لڳين لُنءَ لطيف چئي، فَنا ڪيا فِراق،
"ڦوٽي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سلين عامَ کي." "پ"

(١٦)

"سَڌڙيا (٣) شَرابَ جون، ڪُھُ (۴) پَچارُون ڪَن"، "پ"
جہ ڪاتَ ڪَلالَنِ ڪديا، تہ موتيو پوءِ وَڃَن،
"پِڪون سي پِيَنِ، سَرجَنِ جا سَٽَ ۾". "پ"

(١٧)

"مُلهہُ مُهانگو قَطِرو (۵) سِڪَڻَ شَهادَتَ"، } "پ"
"اسان عِبادَتَ (٦)، نَظَرَ نازَ پِريَن جا."

---

(١) ريت، رخ، هلت، روش. (٢) رنج، فڪر، ڳڻتي. (٣) سڪٽي خواهش رکندڙ.
(۴) ڇو، ڇالاءِ. (۵) ريت رُخ، هلت، روش. (٦) عبادت.

(١٨)

"رڳون ٿيون رباب (١)، وڄن ويل سڀ ڪهين،" "پ"
لُڇڻ، ڪُڇڻ، نہ ٿيو، جانب ري ء جواب،
سوئي سنڌيندم (٢) سُپرين، "ڪيس جنهن ڪباب"، "م"
"سوئي عين (٣) عذاب، سوئي راحت رُوح جي." "پ"

(١٩)

"پربان سندي پار جي، مڙيئي مڻائي"، "پ"
"ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت (٤) ڪري". "پ"

(٢٠)

"تو جنجي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،" "پ"
"فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ" (٥) اي پروڙج بات،
"هت ڪاتي ڳڙ وات، پڇڻ پر پرين جي." "پ"

(٢١)

"حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو،" "پ"
"سو مون سڀُ ڄمار (٦)، اورڻ (٧) اهوئي ٿيو." "پ"

---

(١) ساز. (٢) چٽائيندا،مرهم پٽي ڪندا. (٣) پاڻ يا خود. (٤) هوش، ڌيان.
(٥) ياد ڪريو مونکي تہ آءٌ بہ اوهان کي ياد ڪريان (قرآن). (٦) حياتي، عمر.
(٧) دلي احوال ٻڌائڻ، ڳجهيون ڳالهيون ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

(٢) سر يمن ڪلياڻ

"م" **"هَنُ حَبِيْبَ هَتَ ڪٽي"**، دِلِ ۾ ديري (١) دانهن،
"م" ڪُڇان تان ڪوڪ ٿئي، **"صَبرُ آءَ تہ سَهان"**،
"پ" "ڪنهن کي ائن چوان، تہ مونکي ماريو سڄڻين".

(٢)

"م" سَدا آهي سورَ جي، **"وادوڙيِن وائي"**،
جيڪا اَتنِ من ۾، سَلِن نہ سائي،
"پ" "اوڙڪ (٢) اُهائِي، ڳوليو لَهَنِ ڳالهڙي".

(٣)

"پ" "سُکَهَن سد نہ سورَ جي، تہ گهايل ڪيئن گهارين؟"
پئل پاسو پَٽَ تي، واديوڙِيَن (٣) نہ وارين،
پَرَ ۾ پَچَن پورينءَ لئہ، هي هنجهون (۴) هارين،
"پ" "سڄڻ جي سارين تن رُويو وِهامي (٥) راتڙي".

(۴)

"م" **"سُکَهَن سُڌِ نہ سُورَ جي"**، تا رُنڪن (٦) رَنجوري (٧)،
پيا آهن پَٽَ ۾، مٽن ماموري (٨)،
لڳن لئن لطيف چئي، سَدا جي سوري (٩)،
"پ" "پِرت جَنِ پوري، تَنِ رويو وِهامي راتڙي".

(١) اونهين. (٢) نيٺ، آخر. (٣) قتيل، زخمي. (۴) ڳوڙها، لڙڪ. (٥) گذري. (٦) ڪنجهن. (٧) مرد وارا. (٨) وڏي بيماري، تقدير. (٩) هميشه جو درد ۽ غم.

(٥)

تَنِ طَبِيبَ نہ تون، جو سُڌِ نہ لَهين سُورَ جي،
ساند پنهنجا ڏيڙا، ڪڏ ڪٽي ۾ پون (١)،
"ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتَنِ ريءَ". "پ"

(٦)

جي پائين پرينئن مڙان (٢)، تہ سک چورانڪي ذاتِ (٣)،
"جاڳڻ جشن (۴) جن کي، سُک سچيائي راتِ،" "پ"
"اجهي (٥)، ٻجهي (٦)، آئيا"، وائي ڪَن نہ واتِ، "م"
سَلي (٧) سورئي چاڙهيا، بيان ڪَن نہ باتِ،
"توڙي ڪُسَنِ ڪات، تہ بہ ساڳي سَلن ڪين ڪي." "پ"

(٧)

ڪاندين (٨) ٽاندين، ٻاٻَرين، "پچان مَرُ پيئي"، "م"
"جيرا، جِگر، ٻُڪِيُون، سيخَنِ ۾ ٽيئي"، "پ"
"ويڄنئو (٩) ويئي، ٽي وَهِيٽي سَڄٽين". "پ"

(٨)

"ٻاريو اُجهائين (١٠)، پِرين اُجهايو ٻارينِ"، "پ"
مونکي ٽا مارين، "لونهان (١١) لُهارَن جا". "م"

(٩)

ڪاٽان (١٢) تن ڪَتيو، "اُجهائڻ اونداهُ"، "م"
"جِنِ اندرِ ٻَري ٻاهِ، سُڌِ سَيڪا ان ڪي". "پ"

Gul Hayat Institute

---

(١) زمين، ڌرتي. (٢) ملان، ملاقات ڪيان. (٣) روش، طرز، طريقو. (۴) خوشي، مزو. (٥) ٻوڙي. (٦) ٽڪجي. (٧) سلهاڙي، ٻڌي. (٨) ڪنڊي ۽ ٻبر جي ٽاندن تي. (٩) طبيبن جي هٿان آئي. (١٠) وسائين. (١١) ألا، شولا. (١٢) سڙيا.

(١٠)

”جن ڪي دؤرُ دَرِدَ جو، سَبَقُ سُورَ (١) پَڙهَنِ“، ”پ“
”فِڪرُ ڦَرهي (٢) هَٿَ ۾، ماڻ مُطالع (٣)، ڪَنِ“، ”پ“
”پَنو سو پَڙهَنِ، جنهن ۾ پَسَنِ پِرِينءَ کي“. ”پ“

(١١)

صُوفي لاڪُوفي (٤) ڪونه پانئين ڪيرُ؟
”منجهان (٥) ٿي منجهه وڙهي“، پَڌَر ناهِس پيرُ،
”جني ساڻس ويرُ، ٿئي تنين جو واهرو“. ”م“ ”پ“

(١٢)

اَکَرُ پَڙهُ اَلِفَ جو، وَرقَ سڀ وِسار،
”اندرُ تون اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا ؟“ ”پ“

(١٣)

”پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، ميان! مارِ مَ مون“ ”پ“
”مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي“. ”پ“

(١٤)

مُحبَّتَ جي ميدانَ ۾، ”سِرَ جو سانگُ (٦) مَ ڪَرِ“، ”م“
”لاهِي سرُ لطيف چئي، اَڳيان دوستن ڌَرِ (٧)“، ”پ“
”عِشقُ نانگُ اَپَرَ (٨)، خَبَرَ ڪاڏَنِ کي پَوي“. ”پ“

(١٥)

عاشِقَ مَعْشُوقَنِ جي، وَٺي ويهُ ڳَرِي (٩)،
جِم (١٠) وَر جي ڇڏئين، ”سَندي دوسِتَ دَرِي“،
”ڏيندا ڀڪي ڀاڄهه جي“، ”ويندءِ ڦٽ (١١) ڦري“، ”م“
”اسان تان نه سَري، توکي سري سُپرين“. ”پ“

Gul Hayat Institute

---

(١) سور جو سبق. (٢) تختي. (٣) دل ۾ پڙهڻ. (٤) يعني تعصبي نه آهن. (٥) ڳجهه ڳوه. (٦) خيال. (٧) رک. (٨) گهڻو. (٩) گهٽي. (١٠) متان. (١١) زخم.

(١٦)

هَرَ هَرَ (١) هرائي، وَڃَڻ دَرِ دوستن جي،
پاڙي ڏانهن پرين جي، اجهه (٢) مَ اوائي (٣)، "م"
اَلَڙ (۴) تي اَچَ م تون واتاڙن وائي،
لائيندءِ لطيف چئي، "**سوران (۵) سَرهائي**"، "م"
"ڳجهو ڳالهائي، پرت ونجي پاڻ ۾". "پ"

(١٧)

"هُو چَونئي، تون مَ چَوُ، واتان وَرائي"، "پ"
"اَڳِ اِڳرائي جو ڪَري، خَطا سو کائي"، "پ"
"پاندَ ۾ پائي، ويو رِڪيني وارو رِڪين ڪي". "پ"

(١٨)

"اَڻَ چَوَنْدَنِ ڪيمَ چَؤ، چَوَنْدَنِ چَيو وِسارِ"، "پ"
"اَنَئي پَهَرَ اَدَبَ سين، يَرَ (٦) اِهائي پارِ"، "پ"
"پايو مُنهن مُونَنِ ۾، غُربَتَ ساڻُ گُذارِ"، "پ"
"مُفتيءَ (٧) منجهه وهارِ، تہ قاضي ڪانيارو (٨) نہ ٿئين". "پ"

(١٩)

"چَڪي مئي منن جي، اڳَريا (٩) آيا"، "پ"
ڪَڙي قاتل ڪوڙيا، ورنهہ وناهيا،
"**جي گهورَنِ سين گهايا**"، پيئڻ تان پَرِي ٿيو. "م"

(٢٠)

"هاريا ويچ (١٠) مُياس، سُڌِ نہ لَهنِ سُورَ جي"، "پ"
پريان کي چونديا‌س، "**تہ تَرسُ طِبيَبَ ڇڏيو**". "م"

---

(١) گهڙيءَ گهڙيءَ. (٢) وڃ. (٣) موڪي، نادان. (۴) اڻ چاڻ. (۵) سورن مان. (٦) طريقو. (٧) فتوي، قاضي. (٨) ڏيندڙ. (٩) لوهار يا مرشد ڪامل (١٠) حڪيم.

(٢١)

عاشِق! مَعۡشُوقَنِ جو، **"وَڻي وِهج سيرُ"** [١]، "م"
اچي پچنداءِ پاڻَهين، پِرِينءَ پري پيرُ،
"پِلاين سنڌو پيرُ [٢]، رَهَبَرَ تيندءِ راهَ ۾." "پ"

Gul Hayat Institute

---

(١) لنگهه. (٢) ميڙ، پيندار.

سر ڪنڀات (٣)

"پيشاني ۾ پرينءَ جي، ڀلائي جا ڀير (١)"، "پ"
اڱڻ اُڪندين (٢)، **"جي ڏي پاٻوهي (٣) پير"**، "م"
"قمر پاڙي (۴) ڪير، شمش سيرين سين". "پ"

(٢)

راتِ سُهائي يون (٥) سنئن پٽن وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، **"ڪرها (٦) موڙ م ڪنڌ"**، "م"
"بندڻ (٧) سوئي بنڌ، جو پهچائي پرينءَ کي". "پ"

(٣)

راتِ سُهائي، يون سنئين، پرت نئين پنڌيس،
ميا! محبوبن ڏي، **"وڃڻ ڪجي وس"**، "م"
"راتين ۾ رس ته خبر ڪرن (٨) کي نه پوي". "پ"

(۴)

"اڄ پڻ اڄائي، چوڏهين ماهَ چنڊ جي"، "پ"
مون گهر مون پرين جي، **"اڄڻ جي واڄي"**، "م"
"مون گهر واڄائي"، پيئي ڪامَ (٩) ڪرن ۾. "م"

(٥)

هُن تاري، هُن هيٺ هت منهنجا سُپرين،
"سڄڻ ماڪي ميٺ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين". "پ"

---

(١) پنڌار. (٢) سڪندڙن. (٣) مُشڪندي خوشي مان. (۴) پور ڪري، برابر ڪري. (٥) زمين، ڌرتي. (٦) اُٺ. (٧) سندرو. (٨) گڏهه. (٩) ساز، پڄ.

Gul Hayat Institute

(٦)

اَڄُ پـڻُ امـاڙو (١)، چوڏهـينءَ مـاهُ چنـڊ جو،
مُون گـَهـرِ مُون پـرِيـن جي، اَڄَ جو وارو،
"سَڄَڻُ سويارو"، پيچ پني (٢) گَهرِ آئيو. "م"

(٧)

تـارا تَـرِتَـرِ (٣) وڪـڙيـون، مـٿـن ڦُـلـڙيـون (٤)،
"رِوهُ سي راتڙيُون، جي مُون پرِين پُڄاڻا پَـيـئـيـون". "پ"

(٨)

"ناسيندي (٥) نِگاهَ"، پَهرين ڪَج پِرينءَ ڏي،
احـوال عـاجِـزَن جا، آڪِـج لَـڳِ الله،
"روزَ نِـهـاريـن راهَ، اَڪِـيُـون اوهـان جي آسِـري". "پ"

(٩)

نـاسـيـنـدي نِـهار، پَـهريـن ڪَـج پـرِيـنءَ ڏي،
آءِ جي ڏِيـان سَـنـِيـهـا، چَئِـج چَـنـدا اَپـار (١)،
"سـاجَنَ سَـڀُ جَمارَ، اَڪِـيُون اوهـان جي آسِـري". "پ"

(١٠)

چَنّڊَ تُـنهنجي ذاتِ، پاڙِيان، نـه پـريـن سِين،
"تُـون اَچو مِ راتِ، سَـڄَڻُ نِـتِ سـوجهـرو". "پ"

---

(١) چمڪات، چمڪو، لاٽ. (٢) پرهـ ڦٽي. (٣) ننڍڙا. (٤) ننڍيون ڦلبون.

(۴) سُر سراڳ

مانَ پُڇنيئي سُپرِين، ڇتان لاهِ مَ ڇَرَ،
"پـرِيـن اَڳيـان پـاءِ، پَـلَـؤُ مـڱـڻـهـارُ تـي". "پ"

(۲)

مانَ پُڇنيئي سُپرِين، "ڇتَ مَ ڇيتاريج (۱)"، "م"
ڪـيج ڪـائـي (۲) ڪَـچَ (۳) ڪـي، ڪُـوڙُ مَ ڪَـمائيجُ"،
"وٽـج وهـائـيـج، سـوداڳـر! سَـچَ جـو". "پ"

(۳)

سِڙهَ سنوان، لاجو (۴) نوان، مُهاڻا سندن ميرَ،
ساٿِـي سَـفـر هَـلـيـا، ٿِـيـا سَـٽـاوا، سِـيـرَ،
جي اچڻ ساڻ اُڪير (۵) "سي ٻيڙا رکيھ ٻاجھ سِيھ". "م"

(۴)

مـنـجـهـان پـيـئـي مَـڪـڙي، ڪـاجـا پـاڻـي ٻُـونـدَ،
سيـئـي ڏِنـم رونـدَ (۶)، "وڪر جن وڃائيو". "م"

(۵)

جيڪي مَنجھ جَهان، "سوتاريءَ (۷) تَڳي تنهنجي"، "م"
لُـطَـفَ جي لَـطِـيـفُ چئـي، تـو وَتِ ڪَـمِـي ڪـانَ،
"عَـدْلُ ڇُـتـا آءُ نـہ، ڪـو قـيـرو ڪَـجِ فَـضْـلَ جـو". "پ"

---

(۱) ياد ڪـر. (۲) شيـشو. (۳) ڪوڙ. (۴) رسا. (۵) سڪ. (۶) رئندا. (۷) لطف.

Gul Hayat Institute

(٦)

سي پوچارا پُر تيا، ”سَمُنْدُ سِيويو جَن“، ”م“
آنداٺون عَمِيْق [1] مان، جوتِـي [2] جَواهِـرَنِ،
”کانهي قِيمَتَ تَنِ، مُلهہ مُهانگو اُنَ جو“. ”پ“

(٧)

”دنگيءَ [3] ۾ داٽا“، وَنـي وِجهـُ وَکر جا. ”م“
”وير ورنديءَ“ ويسرا [4] ويھُ مَ ويڳاٽا. ”م“
”هي نِندَ نہ ڄاٽا، کڏهن هٽنديِن کَنَ ۾“. ”پ“

(٨)

سَيئي سُبْحَانَ [5] جي، کَرِ حوالي کَمَ،
تِي تَحقِيْقَ تَسِلِيمَ [6] ۾، لاهـي غَمَ وَهَمَ،
”قادِر ساڻُ کَرَمَ، حاصِل کَري حاڄَ [7] تو“. ”پ“

(٩)

چَڱَنِ ساڻُ چَڱايُون، ائـن سَيکو هـوءِ،
”تو جئن کري نہ کوءِ، بُڇَنِ [8] سان ڀَلايون“. ”پ“

(١٠)

”چَڱا کَنِ چَڱايُون، مَـنايـون، مَـنَـنِ“، ”پ“
”جو وَڙُ [9] جڙي جَنِ سِين، سو وَڙُسيئي کَنِ“. ”پ“

(١١)

”ويا سي وِينجهارُ“، هِيرا لَعل ونڊين [10] جي، ”م“
تنهين سندا پوئيان، سيهي [11] لَهَن نہ سارَ،
”کَـتين کت لُهار، هاٽي انهين پٽئين [12]“. ”پ“

---

(١) ونهون. (٢) دڳ. (٣) ننڍي ٻيڙي. (٤) ويسارا، غافل. (٥) الله تبارک و تعاليٰ. (٦) خدا کي مڃڻ، قبول ڪرڻ. (٧) مطلب، ڪم. (٨) بڇڙن. (٩) هلڻ، ريت. (١٠) سوراخ ڪرين. (١١) شيهو. (١٢) هنڌن، ماڳن.

Gul Hayat Institute

(١٢)

تا صَراف سڄَڻ (١)، پاڻ ڪونائِين جوهَري،
ماڻِڪ ڪَري مُٺِ ۾، ونئن ونـي وٺ تَنِ،
سندس ئي سيّد چئي، ڪهڙو قَدرُ ڪَنِ؟
"پاٿيڻيءَ پرکِن ڪي ڪنچن (٢) گڏين ڪچ سان". "پ"

(١٣)

تاري ونئن تراز ڪي، **"منجهان موج ملاح"**، "م"
دانهون ڪَنِ درياهَ جون، **"جي اونهي جا آگاه (٣)"**، "م"
سونهَنِ جي صَلاح، وَٽُ تہ ويرِ لنگهي وڃين.

(١٧)

قِرقُلَ (٤)، ڦوٽا، پارچا، پاٽيت (٥) پاتائون،
ڪونيون قِيمَتَ سنديون (٦)، تَرَ ۾ تاڪيائون (٧)،
لاچن (٨) منجهہ لَطيف چئي، بيڙا بَڌائون،
نذر نبي جام جو، چڙهندي چيائون،
"جي چوهي جوڙيائُون، سي بيڙيُون رکين ٻاجهہ سين". "پ"

(١٥)

"ڪاٿو ڪمايوم"، **"موتي مون نہ وٽجيا"**، "م م"
سيهي جو سيد چئي، **"وَکَرُ وِهايوم"**، "م"
"ههڙو حال سندوم، توهَ (٩) تنهنجي اَبهان (١٠)". "پ"

(١٦)

"مُون ۾ تُون موجُود، آءٌ اِڳاهين آهيان"، "پ"
اَڪِيُون اَڪڙين ڪي، **"سڪيو ڪَنِ سَجود"**. "م"

---

(١) ٻڌڻ ۾ اچن. (٢) آگاه، واقف، ڄاڻو. (٣) شيشو. (۴) لونگ. (۵) چمڪندڙ "موتي". (٦) قيمتي. (٧) پريائون. (٨) نوڙڻ. (٩) پلائي. (١٠) بچان.

(١٧)

"ڪَڇُ ڪَمايُمُ ڪوڙُ، يَکِمِ عَهَدَ (١) الله جا"، "پ"
"پڇرو جو پَاپَنِ جو"، سوچوڙي تائين چورُ، "م"
"مَعلومُ اَٿيئي مورُ "(٢)، ڳوڙها (٣) انهيءَ ڳالهه جو. "م"

(١٨)

"ڪُوڙُ ڪَمايءِ ڪَڇُ"، اُتي اور الله سِين، "م"
ڪَڏُ تُون دَغا دِل مان، صاحِبُ وَٽي سَچُ،
محبت سَندو مَنَ ۾، **"ماڻِڪُ بارِج مَچُ"**، "م"
اُنِيَرَ اُتي اَچُ، **"تہ سودو تني سَفرو"** (٤). "م"

(١٩)

اگهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪن موٽَ تي،
"پلِيءِ پايو سَچ، آچندي لَجَ مَران". "پ"

---

(١) وعده، اقرار. (٢) حاصل مطلب. (٣) ڳجهو، لڪ. (٤) فائديمند.

(۵) سر ساموندي

اُونهين ۾ اوهَري، جڏهن جي ويا،
"ساندراي (۱) سَموند جي"، نهوڙي نِيا، "م"
وجي تِتِ پيا، جِتِ نهايت ناهه ڪا.

(۲)

"تن رِجنجي تانگَ"، سي سڄڻ سَفَرِ هلِيا، "م"
لئج لاتِ لَطِيفُ چئي، ڪڏهن اِيندُم ڪانگَ،
"ڪنهن سَٺائي سانگ (۲)، پرين پَر ڏيهي ڪيا". "پ"

(۳)

جيڪو اچي هانءِ، "تہ **ڪَرِيان روح رَچنديون (۳)**"، "م"
آيَلَ ڍولي سانءُ، "**هوند ڳرَ (۴) لڳي ڳالهيون ڪريان**". "م"

(۴)

آيل ڍوليي سانءُ، اچي تہ جهيڙيان (۵)،
"لايئہ ڏينهن گهڻا"، **"مون سين ڪيئي تورڙا"**. "م م"

(۵)

هي سَڄڻ سيئي، **"جي مُون ڪوڏ (۶) نِهارِيا"**، "م"
اِيندم جان پيهي، تہ سَڀُ لاهِيندم ڏُکڙا.

(٦)

لاجو تا لون (۷)، اچن سڙه اُپڙِياء،
ڪارڻ تن پرين، **"ويني واٽَ نِهارِيان."** "م"

---

(۱) پيٽ. (۲) سبب. (۳) رهاڻيون. (۴) ڳلي لڳي. (۵) جهيڙو ڪريان.
(٦) خوشي سان. (۷) لڏن.

Gul Hayat Institute

(٧)

"اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ"، وَڻجارا وَڃَڻَ جُون، "م"
هَلَڻَ هارا سُپرين، روئان تان نہ رَهَنِ،
آءُ جهلينديس ڪيترو؟ آيل سامُونڊيُنِ،
"پڳهہ چوڙي تن"، "وِڌا ٻيڙا ٻار ۾". "م م"

(٨)

سِڙهَ تي سِبياڻُون، بندرجن تڙن تي،
سِڙهَ سِبي ساجا ڪري، "ڪوها ڪنياڻون"، "م"
بيرقون بَحرن ۾، چوڙي چڙهياڻون،
"لهريون لنگهياڻون، لُطفَ سان لَطِيفُ چئي". "پ"

(٩)

"جني ڪارڻ مون تي، تَڙُ پوجارا پُوڄِيا[١]". "پ"
"پُنيمُ اُميدُون، سيئي سَڄَڻَ آئيا". "پ"

(١٠)

هوند اُيي تَڙَ وَٽ، پرين پڳه چوڙيا،
"ڪا مون ۾ گهٽ، ناتِ سَڄَڻُ سَباجها گهٽو". "پ"

(١١)

وَڻجاري وَري، پَرهَ پڳه چوڙيا،
اوليو پسي اُن جون، "پنڙم ڳڄ ڳري"، "م"
"ويندِيس ماءُ مري، ساري سامونڊِين کي". "پ"

(١٢)

"وَڃَڻَ جي وائِي"، مُون وَٽِ ٻيهي نہ ڪريو، "م"
آءُ اَڱهين آهيان، "سورَنِ سجائي"، "م"
ايڏي جدائي، مَتان ڪَريو منهنجا پِرين.

---

(١) وڻجارا.

(١٣)

هي سَجَڻَ سيئي، جي مون ڪوڏَ [١] نهاريا،
ايندم جان پيهي، **"تہ سَبِ لاهيندم ڏُکڙا"**. "م"

(١٤)

تان ڪِي لَئج ڪانگ. ڪَڏهن ايندا مان گهرين،
"سيٽَنِ ڪارَڻِ سانگَ، مون تہ گٽيئي ڪيا". "پ"

(١٥)

سِڙهَ سُجاٽيو چوءِ، سامُونڊِي آئيا،
"مانَ منهنجو هوءِ، جاني هِنَ جهازَ م". "پ"

(١٦)

بَنْدَرَ ديسان ڏيس، **"مُلهہ نہ وارثين [٢]"**. "م"
"فقيرائي ويسَ، اَمُلَ ڏين اَنَ توريا". "پ"

(١) خوشيءَ سان. (٢) واري جي ذرن تي.

Gul Hayat Institute

(٦) سر سهڻي

وَهَ (١) تِڪ، واهڙ (٢) تِڪَ، جت نيهن تِڪَ نِرالي،
جن ڪي عشق عَمِيْقَ (٣) جو، سي خِلوَتَ خيالي،
"وارثين سي والي، هينئڙو جَنِ هَٿِ ڪيو". "پ"

(٢)

واهڙو هن نہ واهُ، "اجا وَهُ اڳي تِيو"، "م"
گهر وينِيُون گهڻا ڪريو، "سرتيون سگ سنوان" (۴)، "م"
صُورَتَ جا ساهَڙَ جي، سَ جي دنى ان،
"هوند نہ پليون (٥) مان، گهڙو سڀ ڏهڙا ڪٽي". "پ"

(٣)

"گهَڙي گهَڙو هَٿِ ڪري، چيلهہ ٻَڌي چوتو"، "پ"
منهنجو من ميهارَ ڪي، "پارِ وِجي پُهتو"، "م"
"گهوتي ۾ گهوتو (٦)، مونکي مُحبَ ميهار جو". "پ"

(۴)

"گهڙي، گهڙو هٿ ڪري"، الله تهارَ، "م"
چنگهہ جَرڪي (٧) وات ۾، سِسي ڪي سيسارَ،
چوڙا (٨) ٻيڙا چڪ (٩) ۾، لڙ ۾ لڙهيس وار،
لڪين ڇُهنيسِ لوهِڙيُون (١٠) ٽيلهون ترنئون (١١) ڏارَ،
"مِڙيا مَڇَ هزارَ، ياڳا تيندي سهڻي". "پ"

---

(١) سير. (٢) نندو وهڪرو. (٣) اونهون درياه. (۴) دوستي جا دم هڻون. (٥) روڪيو.
(٦) خيال. (٧) وڏي مڇي. (٨) ٻانهين. (٩) گپ. (١٠) نندي مڇي. (١١) ترن "ماڳ" ڪان.

(۵)

"وَڻَنِ وِينا ڪانگ، وَڃِي تي ويلا ڪَري"، "پ"
گَهَڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، **"سُڻي سانجهي بانگَ"**، "م"
"سيئي ڊونڊي سانگَ" (۱)، جتي ساهَڙَ سُپِرِين. "م"

(٦)

"پاڻَ مَ ڪُڇُ پاڻَ سِين، رِيءَ وسيلي وَڏُ"، "پ"
لالَڻ تنين لَڌُ (۲)، عشقُ جنجي اَڳِ م.

(۷)

"پاڻُ مَ ڪڇ پاڻَ (۳) **سين"، "وسيلا وسارِ"**، "م م"
لڙ لنگهائي سهڻي! **"پرت وجهندءِ پارِ"**، "م"
سي تُرت لنگهنديون پار، اُڪند آڳهِ (۴) جَنِ سِين.

(۸)

ڪَرڳل ڪوچ ڪُنَ گهڻا، جت دڙڪو منجهه درياهَ،
اَچيو اُتاهين گِهڙي، **"سانگو ڪري نہ ساهُ"**، "م"
"ساهَڙَجي صلاحَ(۵)، يار لنگهايس پاجهہ سين". "پ"

(۹)

دَهَشَت دور (٦) درياه ۾ **"جتِ هيبَتَ هُلاچو** (۷)"، "م"
ورجي (۸) وِيرُنُ وچ ۾، ڪاڏي ويو ڪَچو(۹)،
"ساهَڙَ چام سَچو، ساڻِي تيندو سِيرَ ۾". "پ"

(۱۰)

دهشت (۱۰) ڏُوم درياه ۾، جتِ سَناٽا (۱۱) سيسارَ،
بيحدِ باگو (۱۲) بَحر ۾، هيبَتَ ناڪِ هزارَ،

---

(۱) ماڳ. (۲) حاصل. (۳) خودي. (۴) آڏار. (۵) سچائي. (٦) قيرو.
(۷) آواز. (۸) پيچي. (۹) ڪچو دلو. (۱۰) تک. (۱۱) خوف.
(۱۲) واڳون.

Gul Hayat Institute

سارِيان ڪانَ سَرِيرَ ۾، طاقت توهان [1] ڌارَ،
"ساهَڙَ ڄامرَ! ستارَ، سِڱهو رَسِجِ سِيرَ ۾". "پ"

(١١)

دهشت ڏوم درياه ۾، جت ڪڙڪو ڪُنُ ڪَري،
توڏي [2] تاڪن وچِم، متان ور وَري،
آءُ ساهڙ منهنجا سپرين، "پرتڻون پير پَري"، "م"
"هادي! هٿ ڌري، اونهين مان اُڪارئين [3]". "پ"

(١٢)

دهشت ڏوم درياه ۾، "جت ڪُنَ جا ڪَڙڪا"، "م"
سهي ڪين سَمُوندَ جا، مانڊي دِلِ ڌَڙَڪا،
ساهڙ ڄامَ! سٽيج ها، فَرِيادِي فقير جي.

(١٣)

"گهيڙان [4] ڪوي نہ گهور"، تَڙِ تَڪَڙِ ڪان نہ لهي، "م"
جنهن کي سِڪَ ساهڙ جي، "پُوَرَنِ [5] مَٿي پُورَ"، "م"
ڪارِي راتِ ڪُنَنِ ۾، وهن ڪي وهلور [6]،
"جنهن کي ساڻُ پِرينِ جو سور، تنکي ندي ناه نگاه ۾". "پ"

(١٤)

دَهَشَتَ ڏوم درياه ۾، جِتِ جايون جانارَن [7]،
"نڪو سندو سِيرَ جو"، مَڪُ [8] نہ مَلاحَنِ، "م"
درندا [9] درياه ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ،
سڄا بيڙا بارِ ۾، هليا هيٺ وڃنِ،
"پرزو پيدا نہ ٿئي"، تَختو منجهان تن، "م"
ڪو جو قَهر ڪُنَنِ ۾ ويا ڪين ورن،
"اتي اُڻ تارن، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون". "پ"

---

(١) توڪان. (٢) سهڻي ڏاچي. (٣) لنگهائين. (٤) گهيڙ ڪان. (٥) بي حساب.
(٦) حيران. (٧) جانورن. (٨) ونجهہ ماپ. (٩) خطرناڪ جانور.

Gul Hayat Institute

(١٥)

"**ترِ تڪَڙُ تار** [١] **رِگهرڻ**"، اي ڪاٽيارن [٢] ڪمُ، "م"
ڏَهـَ ڏَهـَ پيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏمُ،
"عقل مَتِ شرَمِ، تيئي نيهن نهوڙيا." "پ"

(١٦)

ڪارا ڪُنُ، ڪاري تکي [٣]، ڪارِيهَرَ [٤] ڪَرِڪا،
مئي مَتي [٥] مهراڻ ۾، اچن دوبارا [٦] دَڙڪا،
ويندي ساهَڙ سامهان، ڏِسُ جهول جهَڙڪا [٧]،
"**ڪَرِڪنِ** [٨] **جا ڪَرِڪا**"، "**سونهان تنَرس سِيرَ ۾**". "م م"

(١٧)

"جِئان وُهي [٩]، تِئا واتَ، ڪَپَر پُڇَنِ ڪُوڙيوُن"، "پ"
جَنِ کي سِڪَ ساهڙَ! جي، "**سي گهيڙَ نہ پڇن گهاٽَ** [١٠]"، "م"
جَن کي عِشقَ جي اُساٽَ [١١]، "**سي واهڙُ پانئن وِڪَڙي**". "م"

(١٨)

هُئِي طالِبِ حَقَ جي، توڙِي لاکُون توڙَ [١٢]،
نَہ مَلاحَ، نہ مَڪَڙي [١٣]، "**نَهي بَڏيئن نورَ**"، "م"
"پاڙي پنيءَ بوڙَ [١٤] سُهڻيءَ ليکي سِيرَ جي". "پ"

(١٩)

مَحَبتي مِيهارَ جون، "**دِل اَندَرِ دُونهِيُون**،" "م"
آڻيو وِجهي آرَ ۾، "**لُهاٽو** [١٥]، **لوُهِيوُن** [١٦]" "م"
"جي ساهَڙَ! جون سُونهِيُون، سِير سِرارو [١٧] تَرِکي". "پ"

---

(١) تارپاٽي. (٢) ڪاڻ وارين . (٣) رات. (٤) واسينگ نانگ. (٥) مست. (٦) ٻٽيا. (٧) جهڙيون. (٨) وڏن گهندبن. (٩) هلي. (١٠) تڙ لنگهہ. (١١) سوزش. (١٢) اصل کان. (١٣) ٻيڙي. (١٤) تانگو پاٽي. (١٥) ساڙيندڙ. (١٦) ٻيڙيون، محبت. (١٧) سنئون رستو.

Gul Hayat Institute

(٢٠)

”ڇڙن چوري آهيان، سُڪ تي سُمهان ڪيئن؟“، ”پ“
ساريان ساهڙ! جام ڪي، **”ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن“**، ”م“
”ميهار مرڻ سيئن، ”نير [1] پاتم نيهن جا.“ ”پ“

(٢١)

چاهڪ چڙي، تار تري، آئيو متي پيٽ،
لُڙ لنگهيون ليٽ، **”ڪلمي جي قرار سين“**. ”م“

(٢٢)

جياريس سنبيار، ڪُهُه ڪريندم ڳڌجي،
وير و تار [2] وجود ۾، **”پرين جي پچار“**، ”م“
”سي سڄڻ هون نہ ڌار، جي ميندڙي ۾ ڪلُ [3] ٿيا“. ”پ“

(٢٣)

رهن پر سيم [4] هوءِ، **”ستي سنيارن جي“**، ”م“
”ڇتُ ڇڙن چوريو“، ذوق ٿئڙم جوءِ [5]، ”م“
مُحَبَتَ مجاز جي بالله [6]، پيم بوءِ،
”وچي روءِ بروءِ، ديکان دوست ميهار ڪي“. ”پ“

(٢٤)

”هن پر سيم هاڪ“ [7]، ستي سنيار جي، ”م“
مَحَبَتِي ميهار جي، **”ڇڙن چوريا چاڪ“**، ”م“
”انهيءَ جي اوطاق، وڃڻ واجبُ مون پيو“. ”پ“

(٢٥)

مَري تان! مَ ميهار، **”وٺاه ولهو [8] مَ ٿئي“**. ”م“
وَڃِڻ جي وچار، **”جو ونگي ٿئي م وار“**، ”م“
”ساهڙ مون سينگارُ ماٺهن ليکي مهٹو“. ”پ“

---

(١) زنجير يا نيل. (٢) هميشه. (٣) ڳڌجي ويا. (۴) پڌم. (۵) جاءِ، وٿاڻ.
(٦) خدا جو قسم. (٧) تعريف پڌم. (٨) خالي، واندي.

Gul Hayat Institute

(٢٦)

ميھُون ھن ميھارَ جُون، الا سپ بَچَنِ،
وَچُون جي ڪيرن (١) ۾، سدا تيون سُونھَنِ،
"مونکي ماڻڪَنِ (٢)، تاڻي ھنيون تار ۾". "پ"

(٢٧)

سِڪَڪَ وارن سُتِرو، جي دَھَشَتَ سان درياهُ،
اوڙَڪَ (٣) انھيءَ جو نہ رھي، آرَ بِنا ارواحُ،
"ويندي ساھَڙَ سامھون، صدقو ڪنديُون ساهُ". "پ"
جن کي حُبَّ انھيءَ جي آهِ، "ساھَڙُ سائي تَنِ جو". "م"

(٢٨)

"ڪَنڌي جَھلِيو ڪانھن، عاشقُ اُيو آھوُن ڪَري"، "پ"
تو ڪيئن "ٻوڙي سھڻي، ٻيلي! منھنجي ٻانھن"، "م"
"درياه توتي دانھن، ڏيندس ڏينھن قيامَ جي". "پ"

(٢٩)

گھيڙَ لَنگھو گھاري، مِيثاقان (٤) ميھار ڏي،
"اَلَسْتُ بِربڪُمْ قَالُوا بَلٰي (٥)"، "پَرِ اھائي پاري"، "م"
"ڏِسيو ڏيکاري، پرتِ پرِيان جو پيچَرو". "پ"

(٣٠)

ڪارِي راتِ، ڪَچو گھَڙو، اُوٿيھَ اُونداھِي،
"چَنڊَ نالو ناهِ ڪو". "دَرِيا، دَڙَ لائِي (٦)"، "م م"
ساھَڙَ ڪارڻِ سُھڻي، "آڍِيءَ تي آئي"، "م"
"اِيءُ ڪَمُ اِلاھِي، نَتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گھڙي؟". "پ"

Gul Hayat Institute

---

(١) ڪلن ۾. (٢) اکين ۾ اچي تکي واري مينھن. (٣) پڄاڙي. (٤) الست جو وعده. (٥) اڳين وعدن تي پڪي رھي. (٦) ڏڏڪو.

(۳۱)

سُپِريان [۱] جي تُرَهي، ٻُڏِين تو ءِ مَ لَڳُ،
جي پانِئين پرِينءَ ملان تہ پُورَ [۲] اُبَتي وَڳُ [۳]،
"پاءِ تيڏاهِين پَڳُ" [۴]، ناهِ جيڏاهِين نِجهَرو [۵]. "م"

(۳۲)

ٻوڙِين، چاڙهين، مُون ڏِٺي، ٻئي جي دَعوا رَسي نہ دَمُ،
هِنَ مُنهِنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعلَمُ [۶]،
"رَکُ پيلي جو پَرَمُ [۷]، جو اوڦر پيو اَجهورَ [۸] م". "پ"

(۳۳)

سانپارا [۹] سَڏَ ڪِيو، اُپا چونِمِ آءُ،
هِڪُ تِڪوئِي تارِ وَهي، پِيولُڙَ لَهِرِيُون، واءُ،
"ساڙِي جَنِ اَلله، ٻَجهان [۱۰] سي نہ ٻُڏَندِيُون". "پ"

(۳۴)

"اَنگَ [۱۱] پَسِي رَنگُ ڪِيو"، ڪو جو دوز دِلي، "م"
بَرِبَرِ [۱۲] بيلِي [۱۳] نہ ٿِيو، ڪَچو مَنجِھ ڪِلي [۱۴]،
"تَران رِٿي تارِ گَهٽو، تنهنجي بَحَرا! ٻلي"، "پ"
"سو ميهار مِلي، آهِيان جنهن جي آسِري". "پ"

(۳۵)

پَڪا رَڃَ [۱۵] ڪُنيارَ جا، پَڪِي نِهائِين [۱۶]،
"مُونکي تِئائين [۱۷]، پيلوئي پاڳي پيو". "پ"

Gul Hayat Instutute

---

(۱) ٻي تي نہ پاڙ. (۲) وهڪري. (۳) وچ. (۴) پير. (۵) آسرو. (٦) خبر.
(۷) شرم. لڄ. (۸) ڪن. (۹) سامهان. (۱۰) يڪ آهي. (۱۱) لڪيو.
(۱۲) افسوس. (۱۳) ٻيلي، يار. (۱۴) نڙائي. (۱۵) ٿانو. (۱٦) آئي.
(۱۷) ٿنان.

(٣٦)

سَيَتِ [١] پَچارَ پِرينءَ جي، سَيَتِ هوتَ حُضُورُ،
"مُلڪُ مِڙيوئِي مَنصُورُ [٢]، ڪِهِي ڪُهَندين ڪيترا؟" "پ"

(٣٧)

ڪاتِي نہ ڪانهَن [٣]، نَڪو ڏوهُ قَلَمَ جو،
اَنگُ اُتيئِي لِکيو، "جِتي رَسي نہ بانهَن"، "م"
"ڪنهن کي ڏيان دانهن"، "جڻن تَفا تَلَرُ وهائِيو". "م م"

(٣٨)

رِڏني ڏيهَہ ڏِينهَن، ڪوهُ جاڻان، ڪِهڙا پِرين؟
"نيڻَ پَرچي نِيهَن، پَلٽيا پاريون، ڪري". "پ"

(٣٩)

پڇي پاڙي واريُون، ڪوهُ ڪرينديو ڏَم،
ڪاري رات ڪنن ۾، آه ڪاڻيارن ڪَم،
"هي هَڏ ۽ چَمُ، گهوريو مُحُبَ ميهار تان". "پ"

(٤٠)

جئن منايـن ۾ مصري، تئن راڳن ۾ توڏي،
"ميم" [٤] رکيائين من ۾، تي "الف" [٥] کي اوڏي"، "پ"
"سا لَهرُين ڪِين لوڏي، ميهار! جنهن جي مَن ۾". "پ"

(٤١)

"گهَڙو پَگو تان گهوريو، ويندِيس تا نہ وَري"، "پ"
"پي پٽنديس پنهنجو"، "تانگهو، تارِ، تَري"، "م م"
ميهارَ ڪان مَري، "پلڪ پاسي نہ ٿِيان". "م"

---

(١) سپ هنڌ. (٢) منصور بن هلاج وقت جو مشهور صوفي. (٣) يعني ظاهري قلم نہ آهي. (٤) محمد مصطفيٰ. (٥) الله تبارڪ و تعاليٰ.

Gul Hayat Institute

(٤٢)

آڏي راتِ اُٿي ڪري، **"وهمن ڪئي وهلور**[١]**"**، "م"
"چوريس چڙين چت تي"، "پورن مٿي پور"، "م م"
"جنهن کي گهايل لڳي گهورُ، تنهن ندي ناه نِگاه ۾". "پ"

(٤٣)

"جا ڪچي سان ڪهي[٢]، سا پڪو پڇي نہ سهڻي"، "پ"
لنگهيو لهر لطيف چئي، تي وچارن[٣] وهي،
"لڙيو لهرين وچ ۾، "تي نِڪرَ ساهُ نهي"، "م"
لُڙَ لهرين لَسَ ليتَ ۾، تي لاکي وَرَلهي،
سا ڪيئن نيهن نَهي، **"جنهن کي نيهن نِڌو**[٤] **ڪيو."** "م"

(٤٤)

نڪا ڪانهي ڪانهَن، **"نڪو ڏوهُ قَلمَ جو"**، "م"
اَنگُ اُتي لِکيو، **"جِتِ نہ پُهچي بانهَن"**، "م"
ڪَريان ڪُوڪُون، ڪِين ڪِي، ڪنهنکي ڏيان ڏانجَ،
پريان ڪيئن پلن جي، اَڳَ اَڳيان آنهَن،
"ڪنهنکي ڏِيان ڏانهَن، قلم قادِرَ هَٿَ ۾". "ب"

(٤٥)

"دَهَشَتَ ڏُومر درياه ۾، جِتِ هيبَتَ هوءِ هَڪَلَ"، "پ"
گهَڙو گهڙي ڪان اڳرو، ڪري وير ٻهَل[٥]،
"اَءَ تَرَ تارو ڪيترا، ڪنبايا، ڪَرڳَلَ[٦]"، "پ"
"تار مَنجهان تَوَڪَل، لنگهائج لطيف چئي". "پ"

(٤٦)

"دَردَ دَسي آهيان، دَردَ منهنجو دَس"، "پ"
"ڏک ڏکي کي ڏس، سُکَ نہ پڇي سُهڻي". "پ"

---

(١) پريشان، حيران، عاجز. (٢) واسطو، لاڳاپو. (٣) وچن وارو. (٤) ساٿو.
(٥) زور، ڏاڍائي. (٦) آواز، ڏمڇر.

Gul Hayat Institute

(۴۷)

”جي تون بيت ڀانئين، سي آيَتُون آهين“، ”پ“
”نيو مَن لائين، پريان سندي پارَ ڏي“. ”پ“

(۴۸)

تڙان (۱) لاءِ طَعني، **”متي وَهَ واڪا ڪيو“**، ”م“
آئـي اوڙاهَ ۾، تنهن درياه ڏيواني،
”قَلَمَ جي ڪاڻي، نيئي اوليَس اولَ ۾“. ”پ“

Gul Hayat Institute

(۱) تڙان، هلان، منديان.

سر سارنگ (٧)

<u>"آگَمَ اِي نَہ اَنگَ (١)، جھڙو پَسَڻ پِرِينءَ جو"</u>، "پ"
"سيڻَنِ رِيءَ سَيّدُ چَئي، "رُوحَ نَہ رُڃَنِ (٢) رَنگَ"، "م"
<u>"سَهَسين ٿِيا سارَنگَ (٣)، جانِي آيو جُوءِ (۴) ۾"</u>. "پ"

(٢)

اَڄُ پِڻُ اُتَرَ پارَ ڏي، کَکَر ٿو کَري،
وَسايو واٽَڙين تي، تو خالِقُ کَندَ (٥)، پَري،
<u>"پاسارِيان (٦) پَري، سانگِ (٧) مَ وَڃَنِ سُپِرِين"</u>. "پ"

(٣)

سارَنگ سِينگاري، **"وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون"**، "م"
مُونکي ڪِوڻِ خُوش ڪيو، جا ڪَکَرَن ۾ ڪارِي،
<u>"جھڙَن جھُونگاري، لاٿِم ڪَٽُ قُلُوبَ تان"</u>. "پ"

(۴)

مِينهان (٨) ۽ نِيهان (٩)، ٻئي اَکَر هيڪڙي،
<u>"جي وَسَڻ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَکَرَ ڪَن ڪِينهان (١٠)"</u>، "پ"
<u>"بادَ ٿي بِيهان، جي آگَمَ اَڃَڻَ جا ڪَرِين"</u>. "پ"

(٥)

ڏَٿِ ڏِري پَٽِ پيئُون، وِڄُنِ ڪِيو واڄو،
پَکي پنهنجي پِرِينءَ لِيءِ، **"سِپِي ڪَرِساڄو"**، "م"
<u>"سَڄَڻُ سَباجھو، پيچ پِنِيءَ (١١) گھر آئِيو"</u>. "پ"

---

(١) چِٽ ڪڪرن جون شڪليون. (٢) وڻن، پسند پون. (٣) جهڙ. (۴) جاءِ.
(٥) ملڪ. (٦) پاسي مان. (٧) ڪنهن ڪم. (٨) مينهن. (٩) نيهن.
(١٠) ڪيهان دانهون ڪوڪو. (١١) پرهہ ڦٽي.

Gul Hayat Institute

(٦)

مُنڌَ تي منڊي [١] وجيا، ڪي اوهيڙَنِ [٢]. اوڪَ [٣]،
"جا جُرِ [٤] ڌِنِي جُنَڻِ ۾، "مِينهُيون جُري موڪَ"، "م"
سَرَهَيوُن ٿِيوُن سَنگهارِيُون، پويو [٥] پائِنِ طوقَ [٦]،
ميها چِيڙَ ڦُنگِيُون [٧]، جِتِ ڌِيَنِ سَيِيئي توڪَ،
"لاهِئيني مَتان لوڪَ، ڏولائِي جا ڏِينهَڙا". "پ"

(٧)

ڏَتِ ڏُرِي پَتِ پيتيون، ڌِيا وَلهارِيَن [٨] وِيَ،
"شَمسُ [٩]، قَمرُ [١٠] نه پاڙِيا، سيڻَنِ جِي شَيهَه". "پ"
"جي جانِي اَنـدَرِ جيءَ، سي پِرين پيهي گهَرِ آئِيا". "پ"

(٨)

محبت جي ميدان ۾، **"سِرِ جو سانگُ [١١] مَ ڪَرِ"**، "م"
لاهي سِر لَطِيفُ چَئي، اَکِيان دوستن دَرِ [١٢]،
"عِشقُ نانگُ اپر [١٣]، خَبَرَ ڪاڏِنِ ڪي پَوي". "پ"

(٩)

موتِي مانَداڻِ جي [١٤]، **"واري ڪِيائِين وارَ" [١٥]**، "م"
وِجُون وَسَڻَ آئِيون، چوڏِسِ ۽ چوڌارَ،
ڪي اِتي وِئيُون، اِستَنبُولَ ڏي، ڪِنِ مَچِيا مَغربَ [١٦] پارَ،
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَند ڪندين سارَ،
ڪي رَمِي [١٧] ويُون رُومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندهارَ،
ڪي دِهلِي، ڪي دَکَنِ، ڪي گَڙُ [١٨]، مٿي گِرنارَ،

---

(١) هڪ ساز. (٢) ڪڪرن. (٣) وسڪارو. (٤) چڪ، ڊوري. (٥) ناهيو. (٦) ڳٽ، هار. (٧) ڪنبيون، سرڪاريون، شيون بيحد. (٨) ولرن، ڳهڻن. (٩) سج. (١٠) قمر، چنڊ. (١١) خيال، ويچار. (١٢) رک، ست. (١٣) گهڻو، زياده. (١٤) جهڙي ڦڙي. (١٥) پيرو، حملو. (١٦) اولهه. (١٧) رڙهي هلي. (١٨) گجگوڙ ڪرين.

Gul Hayat Institute

ڪي ڄُنبي جيسَلمِيرَ تان، ڏِنا بيڪانيرِ، بُڪارَ [1]،
ڪَنهِن پُجُ پِجايو، ڪنهِي ڏِٺَ مَتي ڍارَ [2]،
ڪَنِ اَچي عُمَرَڪوٽَ تان، **"وَسايا وَلهارَ [3]"**، "م"
"سائِيم سَدائِين، ڪَرِين مَتي سِنڌُ سُڪارَ"، "پ"
"دوستَ تُون دِلدارَ، عالَمُ سَڀُ آبادِ ڪَرِين". "پ"

(١٠)

وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، پَهَ پَهَ [4] پَدائُون پورَ،
اَنَنِ جا عالَمُ ۾، ڪَرَن اندر ڪوڙَ [5]،
"سارَنگَ لاٿي سوڙَهِ، سانَدَهِ سُهائِيو [6] ٿِيو". "پ"

(١١)

"ڪانڌ تنهنجي پاندَري، سيءُ مران سڀ راتِ"، "پ"
ڪامل ڪپاهن ۾، **"جهپ [7] نـ اچي جهاتِ [8]"**، "م"
"اچين جي پِريات، تـ آءٌ سيءُ نـ سارِيان". "پ"

(١٢)

عاشِقَ، مَعشُوقَنِ جي، وَنِي ويهُه ڳَري [9]،
رِجَمَ وِرچي [10]، چِڏين دوستَ دري،
"ڏِيندا ٻُڪي باجهَه جي، ويندءِ ٿَپ [11] ٺري"، "پ"
"اسان تان نـ سري، توڪي سري سيرين". "پ"

(١٣)

هَرهَر [12] هرائي، وَڃِڻُ دِرِ دوست جي،
پاڙي ڏانهن پِرينءَ جي، اجهه [13] ۾ اوائي،
الڙ [14] تي اَچَ ۾ تون، واڻاڙن وائي،

---

(١) ملڪ جو. (٢) لاڙو، وسڪارو. (٣) وارڌڻ. (٤) واه واه. (٥) ڍير، ڍڳ.
(٦) سوجهرو، روشني. (٧) ننڊ. (٨) اصل مور. (٩) ڳلي، گهٽي. (١٠) متان.
(١١) زخم، ڦٽ. (١٢) گهڙي گهڙي. (١٣) وڄ. (١٤) اڻ چاڻ.

کائينـدءِ لطيف چئي، سوران [1] سرهائي،
”ڳُجھو ڳالھائي، پِرتِ وَتجي ياڻَ ۾“. ”پ“

(۱۴)

”هُو چَونئي تُون مَ چَؤ، واتان ورائي“، ”پ“
”اَڳُ اَڱرائِي جو ڪَري، خَطا سو ڪائي“، ”پ“
”ياند ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِين ڪِي“. ”پ“

(۱۵)

”مُندَ تِي مَندَلَ [2] وَڄِيا“، موتِي آيو مِينهُن، ”م“
اُٻون [3] ڪَڪَر ڪيون، سَرِلو سَڄو ڏينهُن،
وَنو آهي وَڏَڦُڙو، اڃا وَسندو ڪيئن؟
”مُون پِرِيان سين نيهُن چِنَڻَ ڪارڻ نہ ڪيو“. ”پ“

(۱٦)

اوڇڻ [4] گھرجي آجڪو، **”جُھوپو سَهي نہ سِيءُ“**، ”م“
سٺائيج [5] سُوَڙَ ڪي، حال منهنجو هيءُ،
”اَڱڻ آيو تيءُ، تہ ڍولِيا ڪنهن ڏِنگ تيان“. ”پ“

(۱۷)

چَن [6] چڏي، پٽ پئو، **”سَمَر سنباهي“**، ”م“
”وَهو ھ لاهي، آسِرو اللهَ مان“. ”پ“

Gul Hayat Institute

---

(۱) سورن. (۲) سرمند وڄائڻ جو ساز. (۳) ٻاڦون، دونهون، ڪڪرن جو دونهون.
(۴) پائڻ وارو ڪپڙو. (۵) مهربان، ٻاجهارو. (٦) منهن، چپر، ڍنڍ، ڍورو.

(٨) سر ڪيڏارو

سَختِي شَهادَتَ جي، نِسورويِ نازُ،
"ڪي رِندَ پرُوڙِنِ رازُ، قَضِيہ (١) ڪَربَلا جو". "پ"

(٢)

چارِ تَراريُون چيلهہ سين، ڄَڏي بہ پاڳُون، "پ"
اَڳِيَنِ جُون آڳُون، ڪُونئر ڪِلي ۾ موڪِيُون.

(٣)

"جهيڙو لاه يَزِيد"، عَلي جي اولادِ سين، "م"
"سا نہ پسندين عِيد"، جا هُوندي مِيرَ حُسينَ جي. "م"

(٤)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوانَ،
ڏَرتِي ڏُبي لَرزي، تَرتِلِيا (٢) آسمانَ،
"ڪَرَهِ (٣) هُئي ڪانَ، هو نَظارو نِيهَن جو". "پ"

(٥)

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آئيا اَڄُ اَمِيرَ،
ويهي ويرِينِ (٤) سامُهان، "تِکا هَنياءِ تِيرَ"، "م"
"هُئي اِنئن تَقدِيرَ"، اَصل (٥) اِمامَنِ سين. "م"

(٦)

ڪُوفِي ڪَربَلا ۾ "پاڻِي نہ پِيارِينِ"، "م"
اُتي عَلي شاهَ کي، شَهزادَه سارِينِ،
"نِڪِريو نِهارِينِ"، چَڙهُ مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي. "م"

---

(١) واقعہ. (٢) ڏڪيا. (٣) ويڙهہ، جنگ. (۴) دشمن. (۵) منهن ڪان.

Gul Hayat Institute

(٧)

ڪُوفِيُنُ ڪاغَذُ لِکِيو، **"وِچ وِجھي اَللهَ"**، "م"
اَسِين تابعَ تُنھِنجا، تُون اسانجو شاهُ،
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَختُ تابِيني (١) تُهنجي.

(٨)

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، **"سائُو (٢) سَبِ نہ هونِ"**، "م"
"پِڙَ تي سيئِي پُوَنِ، موتَڻُ جَنهِين مِهٽو". "پ"

(٩)

"گهوڙَنِ ۽ گهوٽَنِ، جيئَڻَ تورا ڏِينهَڙا"، "پ"
"ڪَڏِهن مَنجِهہ ڪوٽَنِ، ڪَڏهن راهِي رڻَ جا". "پ"

(١٠)

ڪاري ڪَڪَر، هيٺِ، مُون جهيڙِيندي ڇَڏِيا،
ڪارا ڪُندَ (٣)، هَٿَنِ ۾ اَڙولَ (۴) وَچيڙا هيٺِ،
"ٿي تِنهين سين ڏيٺِ، موتَڻُ جنهِين ميهِٽو". "پ"

(١١)

حُرُ هَلي آئِيو، مانجهي مَردانو،
آهي عاشِقُ اَڳِ جو، پَتَنگُ پَروانو،
مانَ راضِي ٿِئي رَسُولُ رَبّ جو نَبِي تو نانو،
"هي سِرُ سمانو (۵)، گهوٽَ مَٿان ئي گهورِيان". "پ"

(١٢)

گهوڙو گهوٽَ پَلاڻِيو، مَٿِس زِينَ ڌَري،
عَلي شيرُ پُٽَنِ کي، **"اُيو سَدَ ڪَري"**، "م"
"قَضا ڪيئن ٽَري، جِئن اَمُرُ اِلاهي آئِيو". "پ"

---

(١) فرمان ۾، حوالي. (٢) پهلوان، جوڌو جوان. (٣) گرز، نيزا. (۴) ڪَڏٺا، ٺمندڙ. (۵) مان وارو، عزت ڀريو.

Gul Hayat Institute

(١٣)

"مُنهن مَٽان هان جن جا"، "سي پِرِين ڪَڏَهن پارَ"، "م م"
جيڏِيُون هِنَ جُهونجهارَ "سَڀِ اُجاري اَچا ڪَيا". "م"

Gul Hayat Institute

(۹) سر سسئي آبري

"پيءُ پيالو اُجَ (۱) جو، اُجَ سين اُجَ اُٿيار"، "پ"
"پُرِهُون ياڻَ پيارِ، تہ اُجَ سين اُجَ اُڃهايان". "پ"

(۲)

"ساجَنَ كارڻِ سُڄَ، مَرُ قبُولي سَسُئي"، "پ"
"اَندَرِ جَنِين اُڃَ، پاڻِي اُڃيو اُنڪي". "پ"

(۳)

"پاڻِي مَتي جُهوپَڙا، مُورڪَ اُڃَ مَرَنِ"، "پ"
"ساهان اوڏو سُپِرينِ، لوچي (۲) تان نہ لَهَنِ"، "پ"
"دَمُ نہ سُڃاڻَنِ"، "دانهُون ڪَنِ مُنَنِ ڄِڃَنِ". "م م"

(۴)

"لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِرُوئِي لَهَسيو"، "پ"
اُبَنِ (۳) مَنجهان آئيو، **"هَيءِ هَيءِ جو هُڳاءُ (۴)"**، "م
طُيُورَنِ (۵) تَنواريو، پُنهُونءَ پڄاڻاءُ،
رَهسيو سورُ شَبانَ (۶) ڪي وُحُوشَنِ (۷) وَتاءُ،
مِرُوئَنِ موتُ قَبُوليو، اَپَرِ افسوساءُ،
"بَرِيُن ڪَنِ بُڪاءُ (۸) اُڪَنديا آرِي لَيءِ گَهٽو". "پ"

(۵)

اوڏي عَزازِيل کي، ويجهو تان م وجيج،
"نا اميدي نِيچ، تہ اوڏي تئين اميد ڪي". "پ"

---

(۱) سڪ، محبت، چاهہ. (۲) ڳولي. (۳) آسمان. (۴) آواز، آهنگ. (۵) پکين.
(٦) ڏنار، ڏڻ وارا. (۷) جانورن. (۸) ٻڪا، روج راڙو.

(٦)

”پَسي ڏُونگَرَ ڏاهَ (١) جَمِ هَلَڻَ ۾ هيٺي وهين“، ”پ“
لائجي (٢) لَکَ لطيف چئي، پني کيچڻ ڪاهِ،
پڇي پورج (٣) سَسئي، بلو چاڻي باهِ،
انَ وَڙائتي (٤) وَرَجي، **”آسَرَ هَڏِمَ لاهِ“**، ”م“
”اکنئون اوڏو آهِ، سو پرين پَرانهون مَ چَوءِ“. ”پ“

(٧)

واقِف نہ وَٽڪار (٥) جي، اَگُ نہ ڏيه ڏنومِ،
”ڏُونگَرَ ڏورايَنِ سِين، کاتِي ريءَ کُنومِ“، ”پ“
”جيلان مُحَبَ منوم، تيلان چَلون (٦) ڪريان چَيرين“. ”پ“

(٨)

واقِفِ نہ وٽڪار جي، **”پاٽي کَنيُمِ نہ پاءُ“**، ”م“
جَبَل جَلدايون (٧) ڪري، **”تِکُ ڏيکاري ٿاءُ“**، ”م“
لَکَنِ لَکون لطيف چئي، مَعَذُورَن (٨) مٿاءُ،
”اُتي آڏو آءُ“، جِتِ هوتَ هيڪِلي آهيان“. ”پ“

(٩)

”وجين چو وَٽکار؟ هِتِ نہ ٻُولئين هوتَ کي“، ”پ“
لِکو کِينِ لَطِيفُ چئي، پاروچو پئي پارِ،
”تي سَتي (٩) ٻَڌُ سندِرو، پرتِ پُنهُون سِين پارِ“، ”پ“
”نانئي (١٠) نيڻ نهارِ، تو ۾ ديرو دوست جو“. ”پ“

(١٠)

”ويچاري وَٽڪار“، اَگُ نہ ڏِنو هو ڪڏهين، ”م“
”مِهرَ نہ هُئي ماٺهين، هو سپ هندوڪار“(١١)،
”جَتُ ڪيائين يارُ، سورن ڪارَڻِ سَرتيون“. ”پ“

---

(١) وجهہ، موقع. (٢) لتاڙي، ڳاهي. (٣) هلج، وک وڌائج. (٤) ڳتن واري، ناتي واري. (٥) لس پيلي وارو جهنگ. (٦) تپا، تينگ. (٧) تکيون، تيزيون. (٨) ضعيفن لاچارن. (٩) ستيا واري، ايماندار. (١٠) نمائي، آزي. (١١) قبرستان، مقام.

Gul Hayat Institute

(١١)

وَري پُڇُ ويٺَنِ کي، سَندا پُنهونءَ پارَ،
"ساجَنَ سَڀَ ڄمارَ، ڏُکي! ڏورجِ ڏيل(١) ۾". "پ"

(١٢)

پر گهران (٢) پاسو ڪري، پُڇُ پِريان کو پاڻُ،
"سو تان توهين ساڻُ، جَنهن لاءِ جَفائون ڪرين". "پ"

(١٣)

وَڃو سَڀ موتي، اَئين جي وَرَنِ واريون،
ڪانَ هلندي ڪيچَ ڏي، ڪريو مَ ڪوتي،
"ڪَڏيئَرِ ڪاڇوتي (٣)، وِڌَمِ جوڳُ جَتَنِ لاءِ". "پ"

(١٤)

"پُهرين تون پاريج، پارئُ پوءِ پُنهون تي". "پ"
"بولَ مَ وساريج، هوجي ڪيءِ هوتَ سين". "پ"

(١٥)

"وَيو جاڳائي جَتُ"، ويري تنهن وِلاتَ جو، "م"
"سندو سورَنِ خَطُ، ڏِنُمِ هوتَ هَٿَنِ سين". "پ"

(١٦)

"موٽَنَ جي مَصلِحَتَ، مونکي ڏيو مَ جيڏيُون"، "پ"
نِهارِينديَسِ نڪري، آرِياڻي اَلبَتِ،
ڪَنديَسِ اوتَ (٤) ان جي، "لڪِنِ ڏئي لَتَ"، "م"
سَرتيُون! شرِيڪَتَ (٥)، آءٌ ڪيئن آڳَن (٦) سين ڪريان.

(١٧)

"ڪافَا (٧) ڪاهينديَاس، موٽان تان ڪر (٨) مِهٽو"، "پ"
"بانِهي باروچَنِ جي، سَگَ نہ ساهينديَاس"، "پ"

---

(١) بدن، اندر. (٢) پرائي گهر ڪان. (٣) لانگوٽي. (٤) تلافي. (٥) برابري، هڪ جهڙائي، شامل تيڻ. (٦) آقائن، مالڪن. (٧) ڪوه ڪاف جبل. (٨) ڪتنب، قبيلو.

"اَلْفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتُ" (١) هِتي نہ هونداسِ،
"آهَ (٢) نہ لاهيندِياسِ، جيئري جَتُ ڏسي مَران". "پ"

(١٨)

"پينَرُ آءُ پوري، مون سَگَ سُڃاڻي نہ ڪيو"، "پ"
ڏيندا مون ڏيرَ ويا، **"جِهجَنِ ۽ جهورِي"**، "م"
"لَڳي جَنِ لورِي، ڏونگَرَ سي ڏورِينديُون". "پ"

(١٩)

"هَڏِ نہ ساهُ سُڏِير"، دِلِ دَرماندي (٣) دوسَتَ ريءَ، "م"
"پائي ويا پِريتِ جو، زوراوَرَ (٤) زنجيرَ"، "پ"
"جيءُ، جُسو، جاڳيرَ، هاٿي مِلِڪ هوتَ جي". "پ"

(٢٠)

"پِئِي تي پيمالَ (٥)، سا مَري نہ جِئِي"، "پ"
بُري هِنَ پَنِيورَ سِين، هَڏِ نہ ڳَرهي (٦) حالَ،
لالَنَ جو لَطِيفُ چئي، **"وِساري، نہ وِصالُ"**، "م"
"بُري ڪجاه (٧) يالُ، هي ڏاهَ (٨) ڏوريندي ڪيترو؟" "پ"

(٢١)

"ڏورِ مَ تون ڏوريج"، صبر مَ سَٽِئِي، "م"
پُرَڻُ چڙ پرين سين، **"وِهَڻُ وِساريج"**، "م"
سُکَنِ ڪاڻِ سَيِدُ چَئي، **"لاڳاپا لاهِيج"**، "م"
"هنئين ساڻُ هَلِيج، تہ پَنڌُ پاسي پَرَ نبري (٩)". "پ"

(٢٢)

هيڪِلائي هاڻ، پورِينديَسِ (١٠) پُنهُونءَ ڏي،
ڪنديَسِ ڪوهِيارَلِ سين، **"رَچِي (١١) رُوحَ رِهاڻِ"**، "م"

Gul Hayat Institute

(١) وڇوڙو موت کان بہ وڌيڪ سخت آهي. (٢) اُميد. فرياد. دانهن. (٣) پريشان. (۴) ڏاڍا، زور وارا. (۵) لتاڙيل، ڳاهيل. (٦) اوري، ڇوري، (٧) ڪجو. (٨) ٻانهي، واسي، گولي، مڇ. (٩) پورو ٿي. (١٠) هلنديس. (١١) خوش ٿي.

رُلي، رُلي چيرين، ڪَنهن پَرِ لاهِيان ڪانِ (١)،
"آهيان گهٽو اَجاڻ، پَرَ سورُ پريان جا ساڻُ مون". "پ"

(٢٣)

"آءُ اوراهون سَپرين، "ڏُکي ڏيجِ م ڏاگهه (٢)"، "م"
"وَتِ چڙي مون واگهه (٣)، آرِي وُئين عِشقَ جا". "پ"

(٢٤)

"ناهِ جمعَيتَ جان کي، هوتَ پُجاڻا هِتِ". "پ"
پُنهون جي پِرتِ، "ساءُ چکايم سِکَ جو". "م"

(٢٥)

سَنڌيون سورَ ڪرين، "هَڏَ پُڏُ ڏُکَنِ هوتَ لئي". "م"
پرين جي پاڻَ ڏنا، "سي سُتي سُکُ نہ ڏين". "م"
جي ماڙهن کي مارين، "تن سورَنِ کي سَڏُ ڪريان". "م"

(٢٦)

"پاٺي مَتي جهُوپِڙا، مُورَکَ اُجَ مَرَنِ". "پ"
"ساهان اوڏو سُپرين، اوچيتا ن (٤) نہ لَهَنِ". "پ"
"دَمُ نہ سجاڻِنِ"، داتهُون کَنِ مُنَنِ جئَن. "م"

(١) عيب. (٢) ڏنبي، داغ. (٣) چيتو. (۴) ڳوليندي، ووڙيندي.

(١٠) سر معذوري

"هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کَهَجَن [١] کي کوڙيون [٢]"، "پ"
"پاهڻ تن پٽ ٽئي، جي لِيءِ لالَن لوڙيون [٣]"، "پ"
"سڀ سَهيليون سِڪَ کي، چڻجهون ۽ چوڙيون [٤]"، "پ"
"ٻانين ٿي ٻوڙيون، تہ ڪُتا ڪنيئي ڪيچَ جا". "پ"

(٢)

"سَڀِ تتڳيون تي نڪرو، لالَچ ڇڏي لوڀُ"، "پ"
"سُپِريان رِسين سوڀَ، تندُون ڪندي نہ ٿيِ". "پ"

(٣)

"لائي [٥] خنجر "لا" جو، هڻ خچر کي هڻ"، "پ"
"سَڏَنِ جو سيّد چئي، وَٽون سَڀَ وڪڻ"، "پ"
"پيرُ پروُڙي ڪَڻُ، تہ هَلَڻُ ۾ هوري [٦] وَهين". "پ"

(٤)

"**هورَه هاڙِهو لنگهيو**"، ٿي جريدي [٧] جاءِ، "م"
"هوندَ جنهين کي هوءِ، هوتَ نہ هوندو تن کي". "پ"

(٥)

"ڪَندا مُون ٻمرَن ۾، سوئي نَڪَ لَگَنَ"، "پ"
"اگُر اگوسي نہ مڙي، ڇيون پيرَ ڇڪَنَ"، "پ"
"ويندي ڏانهن ٻريِنُ، جُتي ذات نہ پائيان". "پ"

---

(١) تکين. (٢) کوڙيون. (٣) رليون. (٤) بخيل. (٥) تکو کري.
(٦) هلکي. (٧) اکيلي.

(٦)

"اَجلان اڳي سسئي، مُنڌ جٺريائي مَرُ"، "پ"
"ٺوليان (١) تنهن مَ ٺر، جنهن روحُ وڃايو راهَ ۾". "پ"

(٧)

"جٺيا اڳي جي جيا، جُڳ جُڳ سي جِيَن"، "پ"
"اوءِ موتي ڪين مَرن، مرٺا اڳي جي مُئا". "پ"

(٨)

"توٽي ولاڙون (٢) **ڪَرٺين"**، توٽي هلين وِڪَ، "م"
"لِکئي مَنجهان لِکَ ذَرو ضايعَ نه ٿئي". "پ"

(٩)

"لِکيو جو نِراڙَ سو اَنگُ رِکياڙ نه ٿئي"، "پ"
"پاڙيو ويني پاڙِ، جيڪي لالَنُ لِکيو لوحَ ۾". "پ"

(١٠)

"جتي جيتريون، لکيو لوحَ قَلَمَ ۾"، "پ"
"تِتي تيتِريُون، گهڙيُون گهارِنَ آئيُون". "پ"

(١١)

ڏُکي ڏورڻ پاٺتي، ويچارِي وِڌو،
"ڏيل جنهن جو ڏک سين، سپوئي سڌو (٣)"، "پ"
"هَٺِرسُ اَڳُ لَڌو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا". "م"

(١٢)

"جانڪي ميڙ مُني ڪي، جانڪي مُني مار"، "پ"
"ڏُکي ڪي ڏيکار، هيڪَرَ هوتُ اَکِينِ سين". "پ"

(١٣)

"ڏکي سنڌيُون ڏُونگرين، او چنگارُون اَچَن"، "پ"
"هَٺي سانگَ سَسئِي کي" ڪَلو (٤) ڪيو ڪيچِين، "م م"
"جي هٺان هوتَ مَرَنِ، هوت تنهي هنجَ ۾". "پ"

---

(١) جماعت کان. (٢) ڊوڙون. (٣) ڪباب ٿيو. (٤) جهيڙو ڪيو.

(۱۴)

"ڪوجو وَڏي وَڏَ، جئن وَڻَ وَڍيائِين وَڍَسين"، "پ"
"ڏُکَ ڏُکيءَ کي ڏَڏَ [۱]، جَنِ ڏني سي ڏُکيا ٿِيا". "پ"

(۱۵)

"ڏُکي توءِ ڏُکارِ، توٽي وَسَنِ مِينهَڙا، "پ"
صاحِبَ هَٿِ سُڪارُ، هُن وَسِ آهين هٿڙا [۲]،"

(۱٦)

آءُ نه گَڏي پِرينءَ کي، "پويون تيو پَساهُ"، "م"
"سِڪان ڪِني سڪرات ۾"، "رويو پُڄان راهُ"، "م م"
شَلَ مَ وَڃيم ساهُ، "ڏاران پَسَڻَ پرينءَ جي". "م"

(۱۷)

آءُ نه گَڏِي پِرينءَ کي، عُمر تان ويئي،
"ڏُکي ڏينهن وڃائيا"، سرتيون سِيئي، "م"
"پيري ۾ پيئي"، "اَڪِيُون آري ڏي ڪٽي". "م م"

(۱۸)

"رُڃَنِ ۾ رَڙي ٿي"، ڪر چُتون جي چُونگارُ، "م"
"اي عِشقَ جا اُبار [۳]، نعرو هڻن نيهن جو". "پ"

(۱۹)

"ڏُکا ڏُونگرَ لاهِ"، "اڳ مٺي آهيان"، "م م"
آرِياڻي سِين آهِ، "ذاتي سَگ ضَعِيفِ جو". "م"

Gul Hayat Institute

---

(۱) آٿت، آسرو. (۲) دعا لاءِ هٿ کڻڻ. (۳) پڪار، يا نعره.

(١١) سر ديسي

"مُنِيَس! جَهلِ مُهارَ، کُتِيَس! ڪاوِ م ڪرهو(١)". "پ"
مون نماڻي جي نِجهري(٢)، **"پيرو ڪَجُ پَتار"**، "م"
ساجَنَ اوهان ڏارَ، **"ڏِنَم ڏينهن ڦيَارَ جا"**. "م"

(٢)

ڏاگَهنِ، ڏيرَن، ڏونگرَن، ٽِنهِنِ ڏِنَمِ ڏُکُ،
"سي سَڀِ پانئِمِ سک، هيڪاندي(٣) ڪارڻ هوتَ جي". "پ"

(٣)

ڏاگهَنِ، ڏيرَن، ڏونگرن، **"ڏُکَنِ آءُ ڏَدي"**، "م"
"پُڇان پيرو پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏي"، "پ"
"لکيئي آءُ لَڏي، ناتہ پِٽن ڪيرُ پند ڪري؟" "پ"

(۴)

"ڇاجي ڏنگا ڏيرُ؟ منهنجو ڏينهُن ڏِنگوم ٿئي"، "پ"
اُٺَنِ ءِ اونيئڙن جي، **"ڇا وَهِيڻو ويرُ؟"** "م"
"هي ڪميٽي ڪيرُ؟ جا اُمُرَ ڪي آڏي ٿري". "پ"

(۵)

"ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پرديسي ڪِهڙا پِرين؟" "پ"
لَڏيو لاڏوٽا ڪيو، پنهنجي ديسِ وَڃن،
"پُڇاڻا پِرين، ڪجي بس پنيورَ ڪان". "پ"

---

(١) اُٺ. (٢) جهوپڙي. (٣) ملاقات.

(٦)

هي جي آيا هيرَ [١]، سي مون اُڳ نہ ڏٺا ڪڏهين،
آءُ ترِسان، هوتڪِڙا، **"پَٽَ نہ لاهين پيرَ"**، "م"
پنوليس برن ۾، پَسي پيندين [٢] پيرَ،
آءُ آرياڻي! اُسري تي واهُرَ جي ويرَ،
"هي ڪَميڻي ڪير؟ تون پارَسُ رَسجُ پَٽَ ۾". "پ"

(٧)

"لڏيندي لِباسُ [٣]، جَتَنِ جيڏوئي ڪيو"، "پ"
اَچي آريءَ جامَ جو، **"وَهَ وَهَ مَنجهان واسُ"**، "م"
"مِرون ڪيئَنمِ ماسُ، هَڏَ هلندا هوتَ ڏي". "پ"

(٨)

"بَرُ وَڏو، بارُ گهڻو، ويجهو نہ وَڻڪار"، "پ"
ليڙَنِ جو لَطيفُ چئي **"ڪنيو مُند مَدارُ [٤]"**، "م"
"وٺندن تہ وَڙُ ڪندا، نہ تہ اَڳَين جو اِختيارُ"، "پ"
"ڪاڏي تيو ڪوهيارُ، ڪاڏي تي هَٿَ ڪَٽي". "پ"

(٩)

"ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون ميُون"، "پ"
واتُون ويهہ رِيون، ڪُهَ جاڻا ڪيهي ويا". "پ"

(١٠)

ڪيچان آيو قافلو، ساٿَ ڏٺي سَرِوانُ [٥]،
"وارَ وَڏي واڳون ڪيا، پوان هوندِ پَلاڻَ"، "پ"
"جهڙو پنهُون پاڻ، تهڙي سِٽا [٦] ساٿَ جي". "پ"

---

(١) هاڻ. (٢) ڏڙن، ڍڳن، وڪڙن. (٣) ويس. (٤) ذمون. (٥) اوني، اڳيم هلڻ وار. (٦) بيهڪ، جوڙجڪ.

Gul Hayat Institute

(١١)

ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاري توڙ [١]،
سينگارياءِ سيّد چئي، ڪَرِها منجهان ڪوڙَ،
"لَڪَ لَهي تي لوڙَ، جيجان تن جتن جي". "پ"

(١٢)

جهوڙا جن جهلن ۾، هيري لک هزار،
لَڳا واتَ وَٽَنِ جا، پُنهونءَ ڪي پالارَ [٢]،
آن ڪي ويندا گڏيا، اهڙي ست سوار،
"لنگهي ڪالهہ قطارَ، تون اوني اَڄُ نهارئين". "پ"

(١٣)

"ڪاڏي مُنهن مَڪِران جو، ڪاڏي ڪيچ تيو؟" "پ"
هَهِڙو ساٿ پنيور تان، ڪڏهين ڪونہ پيو،
"ڪوهيارو ڪام [٣] هٿي"، "چوري چِتُ ويو"، "م م"
"جنهين جَتَ رِنيو، تَنِ اُتن گهوري آهيان". "پ"

(١۴)

"برهَ مَتايس [۴] برو، نہ تہ سکي ڪير سَڏون ڪري؟" "پ"
"گهٽو ڏوريائين ڏک سين"، "ڏيرن ليءِ ڏونگرُ"، "م م"
"وري آيس وَرُ، سَفَرَ مئي جا ساٻِ پيا". "پ"

(١٥)

پريتن جي پاڙي، جاڙَ گُذارِيمُ جيڏِيُون،
جنهين مونکي ماريو، "سورَنِ سين ساڙي"، "م"
"ارادي آئي، سانگِيئُ [٥] سين سَگُ ڪيو". "پ"

---

(١) رفتار، هلت. (٢) تاريون، تامون، پن. (٣) جادو، سحر. (۴) قبول ڪرايس. (۵) مسافرن.

Gul Hayat Institute

(١٦)

"سُمَرُ جنهين سان، هوتُ رِحمائتي[1] تُن جو"، "پ"
"ڪري چيچ[2] چَپَرَمہ"، پُنهون ايندو پانُ، "م"
"تيندي ريجهہ رِهاڻ، لَحظي مَنجهہ لُطِيفُ چئي." "پ"

(١٧)

آڏ رِتريا[3] آهڙا[4] ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪيم آه عَجيب ڪي، سِڪَ منجهان ساڪا،
پيئي هتيڪي هوت ڪي "ڪوڪ وڃي ڪَن ڪا"، "م"
"منهن جي وَسِ واڪا، بڌڻ ڪم بروچ جو." "پ"

(١٨)

"سڪي جان سُتياس، تان سِڪَ سُمهڻ نہ ڏي"، "پ"
"جاڳي سُتيَس جن ليءِ"، سي آيا تان نہ اُتياسِ، "م"
"پينَرُ آءٌ پُلياسِ، نہ تہ سِڪَ سُمهڻ چا لڳي"؟ "پ"

(١٩)

"پَنيي[5] رِهنَ پَنيورَ مِ، وِهَنُ وِهُ تيوم"، "پ"
"متيون[6] مونڻ سنديون"، ڪاڪيون ڪيم ڏيومِ، "م"
"سَرتيون! ساهُ سندوم، تيو حوالي هوتَ جي". "پ"

(٢٠)

"جَتان شال جيو! جيئو تان، جاڙون[7] ڪَريو"، "پ"
بانيڻ ڪي بَروچَ ري، "بيلي[8] ناهِ بيو"، "م"
"چِنَڻُ تان نہ پيو، سَگُ نہ چِنَڻُ جهڙو". "پ"

(٢١)

"الوڙا[9] اڪين، آيم رِنندَ اَياڳَ ڪي"، "پ"
هائي هن پنهيور مِ، گهارِيان ڪارڻ ڪَنِ،
"اَڊيُون اونيئڙنِ، هنئن سان هاجو ڪيو". "پ"

---

(١) مددگار. (٢) ناچ جو نمونو. (٣) ڏنگا ڦڏا. (٤) سخت. (٥) بدِ زيبي، بيجڙي. (٦) صلاحون، رٿون. (٧) حرڪتون. (٨) واهيرو. (٩) جهوتا، ڪيپ.

(١٢) سر ڪوهياري

”اي ڪم ڪَميڻن، جئَن سمهن پيرَ ڏِگها ڪري“، ”پ“
لوچين چونہ لَطيف چئي، هاري ليءِ هوتَنِ؟
نندان نياڳين ڪي، **”اويالا“** [1] **اَچَن“**، ”م“
”سي پُنهُون ڪوهَ پُڄَن، جي سانجهي رَهَنِ سمهي“. ”پ“

(٢)

”سُتين سَنجهيئي، مُنهن ويڙهي مُٺَنِ جئَن“، ”پ“
اوجاڳا اَڪِينِ ڪي، جاتَئي نہ ڏيئي،
”هُتان تو پيئي، تي ڪچو [2] ڪيچِينِ ڪرين“. ”پ“

(٣)

ڏونگَرَ! ڏوراپو، پهريون چونديس پرين ڪي،
”تہ پَهَڻَ پيرَ پٽون ڪيا“، ”ٽِريون چِنِيون تو“، ”م م“
”رحم نہ پيئي رُوحَ ۾“، قَدرُ منهنجو ڪو، ”م“
”واڪو ڪنديس وو! مونسين جَبَلَ تو جاڙون ڪري“. ”پ“

(۴)

”ڏُونگَرَ! مون سين رو، ڪَڏي يارَ پُنهونءَ جا“، ”پ“
سجَڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي [3] سو،
”ڪنهن کي ڏيان ڏوهُ؟ مونسين ارادي [4] ائن ڪيو“. ”پ“

(۵)

”هَلَڻُ سهان نہ هوت جو، وچڻ آءٌ گهوريان“، ”پ“
هون هميشه هِتَهين، تہ **”ڏونگرَ ڪوه ڏوريان؟“** ”م“
”اَڪيھ سان اوريان“، ”پَسان شالَ پُنهُونءَ کي“. ”م م“

---

(١) مهڻا، طعنہ. (٢) ڏوهاري. (٣) جدائي ڪري. (۴) قضا.

Gul Hayat Institute

(٦)

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وڃڻ مَ واريو،
رَهو راتِ پنيورَ ۾، ”ڪا گهڙي هِتِ گهاريو،
”معذُور مَ ماريو، سِڪي جنهن سَگ ڪيو“. ”پ“

(٧)

”مونکي جنهين ماريو، سڃاتمِ سيئي“، ”پ“
پُنهُون پيڪان پنچديا (١) پلن (٢) تان پيئي،
”ويڃنئان (٣) ويئي، تي وَهيٽي (٤) سجٽين“. ”پ“

(٨)

مونکي جنهين ماريو، سڃاتم پاٽان (٥)،
لوهو (٦) لِڳَنَ ناه کي، ”سَند مڙيئي ساٽان،“ ”م“
”دارُون جا داٽا، ڏنم هوت هَٿَنِ سين“. ”پ“

(٩)

سَنجهي رَهن سُمهي، غافِلَ منجهہ گهَرَنِ،
ليڙَن جو لطيف چئي، ڪَرِڳَلَ (٧) سوءِ (٨) نہ ڪَنِ،
”سي ڪيئن مُحب مَرنِ؟ جي سنجهي رَهَنِ سُمهي“. ”پ“

Gul Hayat Institute

(١) وسايا. (٢) اک، اک جي تارن. (٣) طيبن کان. (٤) وس ۾. (٥) پاڻ مان.
(٦) رت، هي لهو مان ورتل آهي. (٧) آواز، آهنگ. (٨) بڌءِ.

(١٣) سر حسيني

"ويو سِجُ وَٽَنِ تان، راسين ڏيئي زَڱُ"، "پ"
جنهين سان منهنجو سڱَ، سو کوهيارو ڪيچ ويو.

(٢)

"مَري تيندِيَسِ مُڄَ، جَتن ڪارَڻِ جيڏِيُون"، "پ"
ڪري کوهيارو سُڄَ، "ويو جُلائي چپرين." "م"

(٣)

سيئي ڪا تنوار، ڪي هنئين تي هَٿَ ڪٽين،
صدين رُليون سسئيون، هوتاڻن هزارَ،
"باروچاڻا بارَ، توڙا تَرِسُ نہ سِڪيا". "پ"

(٤)

"جان جئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ"، "پ"
"ڏِڏيءَ، تَتي هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي". "پ"

(٥)

"تَتيءَ، ڏِڏي" ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي"، "پ"
"متان تئي اونداهُ پيرُ نہ لَهين پِرينءَ جو". "پ"

(٦)

"ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجرو، مَٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪُجاڙو، پيئرُ رهَڻَ پنيورَ مِ؟" "پ"

Gul Hayat Institute

(٧)

"ڀڳليو سڀ ڀنيورُ، جو ڀُنڻي هوت نہ هَليو"، "پ"

شَهرَ سجاتو ڪين ڪي، آرياڻي اَتورُ [١]،

"ماڻيو تنهن مورُ [٢]، ديکيو جنهين دِلِ سين". "پ"

(٨)

"ڀُڄَنِ سي ڀَسَنِ، جڏهن تڏهن پرينءَ ڪي"، "پ"

"ڏورِيندِيُون ڏِسَنِ، اَڳَڻ عَجيبَنِ جا". "پ"

(٩)

ڀُڇيوءِ جان ڀَروچُ، **"تان پاسي ڪر پرهيزَ ڪي"**، "م"

"جنهين ڏنو هوتَ، تنهين دِينَ سڀَ دورِ ڪيا". "پ"

(١٠)

"نڪي تي جيان، نڪي مُئي آهيان،

ساجَنَ ساهُ ڏِيان، توکي سارِيو سُپرين". } "پ"

(١١)

"پاڙي ناه پَرُوڙَ، تہ ڪِيا راتِ رنجائي گذري"، "پ"

ٻانيڻ ٻروچن جي، **"گهائي وڌو گهور"**، "م"

"ڪِهُ سَسئِي ٻِيا سُورَ، وَيا ڀِتِيندا پاڻَ ۾". "پ"

(١٢)

"پاڙيچيءَ روئي، چاڪ منهنجا چوريا"، "پ"

"ڀگهر وجهنديس پرينءَ جو، ڏڪن ۾ ڏوئي [٣]"، "پ"

"ساجَنَ! سَيوئي، ساه اوهان تان صدقي". "پ"

(١٣)

"هوءِ جي سُورَ سڄن، سي مون پينگهي ۾ پرايا"، "پ"

"ساندِ ياس سکن، سُورَن ڪارَڻِ سرتيُون!" "پ"

---

(١) بي مثل. (٢) مور جهڙو محبوب. (٣) گڏ ڪري، ڇنڊي.

Gul Hayat Institute

(١٤)

سسئِجي تان سور، ساماڻي تان سُک ويا،
اهي بيٺي پور[1]، نماڻي نَصيب تيا". "پ"

(١٥)

هي تو وجي هوت، "آءٌ ڪي اڳيرو ٿيان"، "م"
"متان چوءِ بَلوچ، ڪَميڻي ماڻ ڪين تيو"، "پ"

(١٦)

نَڪِي روئَڻ واريُون، نَڪِي اوساريـن،
"مونهين ڪي مارين، موتهين سندا ڏُکڙا". "پ"

(١٧)

سَرتيُون سُورَ پرين جو، سيڄن ۾ شامل،
"ڪوهياري ڪامل، مونکي ڏک ڏيکاريو". "پ"

(١٨)

"مٺ مٺ سور سپ ڪهن، مونوٺ وٺاٺا". "پ"
"پريون ڪيو پٺاء ويا وهائو نڪري". "پ"

(١٩)

سَسُئيءَ جي سَري سان، ڪيچ ڏٺي ڪاندي،
پَسَنَ ڪارَڻ پرينءَ جي، مُنڌا[2] هئي ماندي،
لَڪَنَ تان لطيفُ چئي، آرياڻيءَ آندي،
"پنُهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿئي". "ب"

(٢٠)

"گهوڙن هنئي سيڪا، انن هنئي آنءَ"، "پ"
"جا ننهن ڪنهديون ناءِ، سامون جئن بوندي مامري". "پ"

---

(١) منزلون. (٢) زال، عورت، استري.

(٢١)

"ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهوڙيا سُکَ ڏُکَنِ ري"، "پ"

"جنهين جي وِڙُونهَن، سجڻ آئيو مان گهرين". "پ"

Gul Hayat Institute

(۱۴) سر سورٺ

"اَلله جي آسَ ڪري، هليو هٿانين (۱)". "پ"
چارڻَ (۲) ٻڌا چنگ کي، "جهوڙا ۽ جهائين" (۳)، "م"
ڏولي راءِ ڏياچ (۴) جي، ڏوران ڏٺائين،
وينتون واحد (۵) در تنهن وير ڪيائين،
"سباجها سائين، راءِ (٦) ريجهائين راڳ سين". "پ"

(۲)

"پَرديسان پندُ ڪَري"، سُڻي آيس شانُ، "م"
مڱا ڪهڙي مت سين؟ نِسورو نادانُ،
"سو ڪوڏياريم ڏانُ (۷)، جو طَمع کي تِرڪُ ڪري". "پ"

(۳)

تو دَرِ آيُس راجيا (۸)، ههڙو وني حال،
اونائيج عَليل (۹)، جو سياجها سوال،
اڱڻ متي انهنجي، ڪهي کي قوال (۱۰)،
"پلا ڪَري پال، اَمَڻ ڏيو اُنَ کي". "پ"

(۴)

تو دَر آيُس راجيا، "پيا دَر ڏيٺي ٻَنِ"، "م"
"ڪَهاڻ جو ڪاچ (۱۱) سيءِ"، "سو سُڻُ سباجهي ڪَنِ"، "م م"
"جا مگَ (۱۲) منهنجي مَنِ م، سا توکي معلوم سيڪا". "پ"

Gul Hayat Institute

(۱) هٿائين. (۲) مراهي، مڱتو. (۳) گهنگهرو. (۴) هڪ سخي راجا جو نالو. (۵) هڪ خدا. (٦) راجا. (۷) دان. (۸) راج ڏٺي. (۹) بيمار. (۱۰) ڳائيندڙ، راڳي. (۱۱) سرندي. (۱۲) گهر، صدا.

(٥)

ڀِيا ڏَرَ ڏيئِي ڀين ڪي، آيَسِ تُنهِنجي دَرِ،
سونهارا سورٺ ور، ڪا منهنجي ڪَرِ،
"ڀلا ڀيري [١] ڀِر، ڀالهو [٢] پاند ڀينارَ جو". "پ"

(٦)

"رِنوتي [٣] تَنْدُ نِياز سين، بُرائي [٤] ٻيجلَ". "پ"
راجا رَتولَن ۾، اُونائي اَمُلَ؛
رازُ ڪَيائين راءِ سين، ڪَنهن موچاريءَ مَهلَ؛
"اَنا اَحمَدُ بِلا مِيمي" [٥] سَينَ هَنئِين سائِلَ؛
"ڪَنهن ڪَنهن ٻيئي ڪل [٦]، تہ هَرِ دوئي هيڪُ ٿيا". "پ"

(٧)

پاٽ [٧] پَهلِي راتِ جو، ٻُڙهـ [٨] پاسي ڳايو،
"ٿيو غلغلو ڳرنارَ ۾" تہ ڪو عَطائِي [٩] آيو، "م"
سالِڪ [١٠] سازُ سُرود سِين، ڪِي جو ڪَمايو،
"ٻيجلَ ٻولايو، تہ سِر جو سَوالي آهيان". "پ"

(٨)

ڪي جو ٻيجَل ٻولِيو، ينيءَ ويهي يان [١١]،
راجا رَتولن [١٢] ۾، سيباڻو [١٣] سلطان،
آءُ مٿاهون مَڱڻا، مقابل [١٤] ميدان،
گهورِيان لک لَطِيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
"مَتي رِهي مُهمانَ، هلي آءُ تہ رِهنِ ڏيان". "پ"

---

(١) ڦيري. (٢) خالي، واندو. (٣) نهاري. (٤) وڄائي. (٥) آءُ احمد آهيان. "م" ڪانسواءِ (حديث). (٦) ڄاڻ. (٧) چاڙ. (٨) مگنهار. (٩) قلعہ. (٩) سوالي، فقير. (١٠) پرجهيل. (١١) فقير، منگتو. (١٢) محلات ۾. (١٣) پسند پيل. (١٤) سامهون. روبرو.

(١٥) سر بروو سنڌي

"چاڪي وڃيو ڇو؟ ٻيلي (١) رهين ٻين جو؟" "پ"
وَٽُ ڪَنجڪ (٢) ڪَريم جي، جَڳَ جو والي جو،
"سَهڪو هوندو سو، جنهن جو عِشقُ الله سين". "پ"

(٢)

"پروَسَ (٣) تيم پرياڻ، پرين وَس نہ پانهنجي"، "پ"
لَڳي ڪين لَطِيفُ چئي، "چَپَرُ (٤) چاتي ساڻ"، "م"
"پرين ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪري ويا خواب ۾". "پ"

(٣)

"ٻلي ڪيئي ٻلا پرين! هيڻُ نہ مُناسِبُ هوءِ"، "پ"
"لاٿي چِتَ (٥) چريو ڪري"، "پاڻ ڪڍي وئي پوءِ"، "م م"
"توٽي حُبَ (٦) نہ هوءِ، تہ بہ هوتَ نہ ڪجن هيڏيون (٧)". "پ"

(٤)

ٻَلي ڪيئي ٻلا پرين! مون نہ ڄاتو ائين،
"هنئون هيرائي هَٿِ ڪري"، توکي ڏيان ڪيئن، "م"
"سا سڪ سلان (٨) ڪيئن، جنهن اندرُ آهيرا ڪيا؟" "پ"

(٥)

"اڄ پُڻ اَڪِرِيُنِ، سَڄَڻ پنهنجا ساريا"، "پ"
ڳِلَنِ تان ڳوڙهن جون، "بوندون بَسِ نہ ڪَنِ"، "م"
"سندي سِڪَ پريَنِ، لوڪ ڏنيئي نَہ لَهي". "پ"

---

(١) پانهنجو ڪنجڪ (٢) واڳ، نوڪري. (٣) پرائي وس. (۴) جبل "جيڏو ڏک". (٥) دل لائي. (٦) محبت، پيار. (٧) ڏاڍايون. (٨) ٻڌايان.

(٦)

"ڪي اوڏوائي[1] ڏور[2]، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين"، "پ"
ڪي سنبرجن[3] نہ ڪڏهين، ڪي وسرن نہ مور،
"جيئن مينهن ڪنڌيءَ پور[4]، تيئن دوست وارڪو[5] دل سين". "پ"

(٧)

"هوڏ ڇڏي هوڏي"[6]، جي مان گهر اچين سپرين، "م"
"ڳالهيون ڳجهہ اندر جيون تن گهريون توڏي"، "پ"
"جي وهين گڏ گوڏي"، تہ دور ستايانءِ دل جا. "م"

(٨)

تون صاحبزادو سپرين! آءٌ نسورو نوڪر،
بيحد ڪريان بندگيءَ هٿ ٻڌي "حاضر"،
"جن[7] ڇڏينديس"، ڪين ڪي، دوست اوهان جو در. "م"
"مون تان مهر[8] نظر، پرين لاهِ مَ پانهنجو". "پ"

(٩)

"ڪَڙو مَنجهہ ڪَڙي، جيئن لُهارن لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جَڙي، سپريان سوگهو ڪيو". } "پ"

(١٠)

"نازَ منجهان لڱيو[9]"، "ڏڙ سر پير ڌري"، "م م"
"ڪورنشون[10]، ڪريم ڪي، تو قمر سج ڪري"، "م"
ڏرئون هنڌ هلال ڇئي موهيا جانب جي ذري،
"پيو پڙلاءُ پري، ملڪ ۾ محبوب جي". "پ"

---

(١) ويجها. (٢) پري. (٣) ياد پون. (۴) سگهن جو ور. (۵) پيچ. (٦) ضدي. (٧) پل، لخطو. (٨) مهرباني. (٩) نڪتو. (١٠) آداب.

(١١)

"فاني ئي فاني، دنيا دَمُ نہ هيڪڙو"، "پ"
"لَٽي لوڙهِ (١) لَٽن سين" جوڙيندءِ جاني، "م"
"ڪوڏرِ ۽ ڪاني (٢)، آهي سَرَ سَبَ ڪنهن". "پ"

(١٢)

"عِشقُ اهڙي ذات، جو مانجهي (٣) منجهائي مين ڪي"، "پ"
"ڏينهان ڏورڻ ڏونگرين"، "روئڻ سڄيائي رات"، "م م"
اتي ويني تاتِ (۴)، ميان! محبوبَنِ جي.

(١٣)

"يارُ سَڏائي سَيڪو، جاني زبانِي،
آهي آسانِي، ڪم پئي تي ڪَلَ پوي". "پ"

(١۴)

"ڪوڙي (۵) ڪَڻُ، سُپرين، ڪنيئي تان ڪوڙ"، "پ"
اهل (٦) اڪرين جي نيئي، نِباهِجُ توڙ،
"مون ۾ عيبَ ڪوڙِ، تون پاڻُ سُڄاڻجُ سُپَرِين". "پ"

(١۵)

جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريو (٧)،
"راتِيان راحت ناه ڪا"، ڏينهان حيرانِي، "م"
آءُ پنهنجي پرينءَ تان، "تيان ڪوڙين قرباني"، "م"
"رضا رباني (٨) نت ڪريان وس وصال کي". "ب"

(١٦)

"دِلِ جو دِلبَرُ هيڪڙو، گهڻا تان نہ ڪَجنِ"، "پ"
"دل ڏجي تنهن هڪڙي، توڙي سَوَ سِڪَنِ"، "پ"
"سي چِلولا (٩) ڇئجن، جي در در لائين دوستي". "ب"

(١) قبر. (٢) لاش جي ماپ وارو ڪانو. (٣) پهلوان. (۴) بچار. (۵) جمائي.
(٦) اهل، لائق. (٧) روانو ٿيو. (٨) ڌڻيءَ جي مرضي اها آهي. (٩) بيوفا.

(١٧)

مُنهنجي مَدائِنِ جي، ڪَلَ [١] پِريان پيئي،
"ڪڏهن ڪوسا [٢] نہ ٿيا"، ڏوراپو ڏيئي، "م"
ساجَنَ سيپئي، "ڏِڪيمِ ڍولَ [٣] ڍلائيون [۴]". "م"

(١٨)

ڏاتَرَ! مُون ڏيکارِيو، هوتَنِ جو حَضور،
پِرين پَرچَڻَ جو ڪيو، موٽائي مَذڪُور [۵]،
"اي دوستن جو دستُور، جئن چِنا چِنَ ڪينڪي". "پ"

(١٩)

"پَرَوَسِ [٦] ٿِيمِ پَريانءُ، پرين وَسَ نہ پانهِنجي"، "پ"
"لَڳِي ڪِينَ، لَطِيفُ چَئي، چِبَرَ [٧] چاتي سانءُ"، "پ"
"پرين ڏيکاري پانءُ، خوش ڪَري ويا خواب ۾". "پ"

(٢)

"ماڙهو [٨] گهرَنِ مال، آءٌ سَڀُ ڏينهَن گهران سُپِرين"، "پ"
دنيا تنهن دوستَ تان، فِدا ڪريان في الحالِ [٩]،
"ڪيو نامُ [١٠] نهالُ [١١]، مونکي محبُوبَن جي". "پ"

(٢١)

"جنهن جي ڏَڙيان [١٢] ڏارَ، پيڙي ناهِ پنيورُ ۾"، "پ"
ڪميني جي ڪانہ ڪي، ساڻُ لُڏيندي سارَ،
"آءٌ عالم [١٣] جا سردارَ، وارج واڳَ وِلهي [١۴] تي". "پ"

(٢٢)

"آدمين! اِخلاص [١۵]، مَٽائي مانو [١٦] ڪيو"، "پ"
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو، سندو ماڙهو ماسُ [١٧]،

---

(١) خبر. (٢) ڪاوڙيل. (٣) دوست. (۴) برايون. (۵) بيان، ذڪر. (٦) پرائي وس. (٧) جبل "جيڏو ڏڪ". (٨) ماڻهو. (٩) حال ۾، هاڻي. (١٠) ورنامي ونڻ. (١١) خوش. (١٢) ڏٿيءَ ڪان. (١٣) عالم، جهان، سنسار. (١۴) سچي، اڪيلي. (١۵) سچائي، محبت، پيار. (١٦) هلڪو، جمڪو. (١٧) گوشت، مانهہ.

Gul Hayat Institute

"دلبَرَ هن دنيا ۾، وجي رُهندو واسُ (۱) "، "پ"
"ٻيو سَڀُ لوڪ لباسُ (۲)، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو". "پ"

(۲۳)

"ڪتان (۳) سِڪئين سُبِرين، ڪاسائِڪي ڪارِ"؟ "پ"
تِڪي ڪاتِي هَٿِ ڪري، مَٿي سين مَ مارِ،
"چوري چاڪ (۴) نهارِ، جي سُوَرَن سانگهيڙا (۵) ڪيا". "پ"

Gul Hayat Institute

(۱) خوشبو. (۲) ڏيکاءُ. (۳) ڪتان؟ (۴) ڦاٽ، چير. (۵) سوراخ، تنگ.

(١٦) سر مومل راڻو

شَمعَ بارِيندي شَبِ، (١) "پِرهَ باکُون (٢) کَڏِيوّه"، "م"
موٽُ مَران ٿِي ميندَرا! راڻا کارَڻ رَبَ،
تُنهِنجِي تاتِ طَلَبَ، "کانگَ اُڏايَمِ کاکَ جا". "م"

(٢)

وَٽِ سورِيندي وَلها (٣)، ويو تيلُ ٻَرِي،
موٽُ مُسافِرَ سُپَرِين! چانگي تي چڙهي،
راڻي لاءِ رَڙِي، "وَتِي وِهامِي (۴) راتَڙِي". "م"

(٣)

"کَنهِجُ کَرَ (۵) موڙِيا"، "تيڙُو اُٺا تيئِي"، "م م"
راڻو راتِ نہ آئِيو، "ويلَ ٽَرِي ويئِي"، "م"
که (٦) ساکائي راتَڙِي، جا پربن ري پيئي،
"مونکي ڏنءَ ڏيئي، وجِي ڍوليو ڏٽ قراريو (٧)". "پ"

(۴)

راڻا تنهنجي راهَ تي، ڏهائي ڏيکان،
راڻي جي رهاڻ جون، "رُوحَ اندرِ ريکاه (٨)"، "م"
"مَحَبَتَ جون ميخان، توسين لَال لِپيٽيو". "پ"

(۵)

راڻو رَب راضِي کري، مانَ ورائي واڳَ،
چندن سان چڪ کيو، مومل لنبي ماڳ،
"سودِي جي سُهاڳ، ڍِڪ مڙيوئي ڍِڪيو". "پ"

---

(١) رات. (٢) ڪرٽا، روشني. (٣) پيادا. (۴) گذري. (۵) مڙي ويون. (٦) ڪڏ ۾ پئي. (٧) آرامي ٿيو. (٨) ڳنديون، پاڙون.

(٦)

آءُ راڻا راحت، ذاج ڏرتي جا ڏڻي،
سِڪَنِ تيئُون سُهاڳڻيُون، سودا تنهنجي سَٿَ [١]،
"مون تان لاهِ مَ هٿَ، ڪامِل ڏٺي ڪاڪِ جا". "پ"

(٧)

ڪالهہ گُڏيو ڪاپڙي [٢]، بابو بيڪاري [٣]،
سامي [۴]، سيلو [۵]، سِر تي مالها موچاري،
"ڏيئي [٦] ڏيکاري، ڦٽي دِلِ فَقِيرُ ويو". "پ"

(٨)

ڪنڌ مَ ڦيرِج ڪيڏهين، ونيو وَڃِج راهُ [٧]،
"اڄ ڪِ سنجهہ، صباح، نيئي ڏربندءِ ڏوڙ ۾". "پ"

(٩)

"جايُون [٨] پيرين مون، سا يُون مٿي سَڄڻين". "پ"
ڏِگَ [٩]، لَٽِيا ڏوڙِ ۾، اُبي [١٠] ڏِناسُون،
"ڏينهَن مڙيئي ڏُون [١١]، اُتي لوڇِ [١٢] لَطِيفُ چئي". "پ"

(١٠)

"ڪاڪِ ڪَڙهي، وَڻَ ويا"، "ٻريا رنگ رَتولَ"، "م م"
تو پُڄاڻا سُپرِين، **"هينئڙي اچن هول [١٣]"**، "م"
"جي مونسين ڪيئي قولَ [١۴]، سي سگها پارِجُ سُپرِين". "پ"

(١١)

ڪاڪَ [١۵] ڪڙهي [١٦]، وَڻَ ويا، اونو لنداڻو [١٧]،
تو پڄاڻا سپرين، **"آتَڻُ اُجهاڻو"**، "م"
"مُئي سين ماڻو، مناسب نہ ميندرا". "پ"

(١) مجلس. (٢) جوڳي جو قسم. (٣) ٻينو فقير. (۴) سائين. (۵) ٽي ٻڌڻ جي ٻٽي. (٦) ديدار ڪرائي. (٧) واٽ. (٨) ڏر تي. (٩) پهلوان. (١٠) بيهي. (١١) ٻہ ٢. (١٢) ڳول. (١٣) ڊپ. (١۴) اقرار، وعده. (١۵) نالو ملڪ يا نندي جو. (١٦) سڙي، پچي. (١٧) ڪاٺو.

Gul Hayat Institute

(١٢)

مُومَلَ وينِي مينڌرا، سَدائِين ساري،
وَليُونْ واسَ (١) وَرنيُون، چانگي کي چاري،
جَڏهن تَڏهن سُپَرِين، اِيندم اوتاري،
"سودي سين ساري، ڳالهيون کنديَس ڳُجهَه جون". "پ"

(١٣)

"هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙ، جت گهُرجي نيهَن،
نڪا راتِ، نہ ڏينهُن سَيڪو پَسي پِرين کي". "پ"

(١٤)

جي مُنهن مِ مَڍيُون نہ ڏئين، تو مِ تي ٻڌياس،
سويا اُن سُهاڳُ کي، ويني واجهاياس،
"ڍولي ڏَڪياس، ڏيئي پاندُ پَناهَ جو". "پ"

(١٥)

"راڻا هُيَس رَئي (٢)، تو سائين مون سونَ ڪيو"، "پ"
منهنجي مَدايُن جي جو، حالُ اتيئي هيءُ،
"ڍوليا ڏَڪَڻُ تيءُ، ڪامِلَ ڪڇائن جو". "پ"

(١٦)

"ميان مينڌِرا موٽ، بخش ڪَر ٻُچايون (٣)،
"تون گهڻن سندو گهوٽ، مون وَرُ تُونهين هيڪڙو". "پ"

(١٧)

حال قربان، مال قربان، گهوريان لنداڻو،
فدا تي فقير جو، شل رُسي م راڻو،
"مُين سين ماڻو، مناسِبُ نہ مينڌَرا". "پ"

---

(١) سرهيون، خوش. (٢) غبار، لڙاٽ. (٣) ٻچڙايون.

(١٨)

"ويني نِتُ نِهارِيان"، راڻا! تنهنجو راهُ[١]، "م"
موتائي ماڳَنِ ۾، آڻيندُءِ اللهُ،
"سوڍا تو گهر ساهُ، نہ تہ راڻا گهڻا راڄَ ۾". "پ"

(١٩)

نَئون نِياپو آئيو، راڻي مِلان [٢]، راتِ،
"لذي سون لطيف چئي، ڪنان ڏاتَر، ڏاتِ"، "پ"
"ڪهڙي پڇين ذاتِ، جي آئِيا سي اَگهيا؟" "پ"

(٢٠)

"روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سيني سُونهَن"، "پ"
"لاتائِين لَطِيفُ چئي، متان دکين دونهن [٣]"، "پ"
ڪانهي ٻِي وِرُونهَن [٤]، تيو مِڙوئِي مينڌرو.

---

(١) رستو، پيچرو، وات. (٢) راڻي سان ملان. (٣) دونهون. (۴) پچار، ڳالهہ ٻولهہ، ذڪر، اذڪار.

Gul Hayat Institute

(١٧) سر ڪاهوڙي

"مُون ڪاهوڙي لڳيا، سُمَهن ڪِينَ پئي"، "پ"
"**سَمَرَ ڪياڻوُن سَعَ جو**"، ڏوري ڏُٺَ لهي، "م"
"ويا رات وَهي، جتِ نهايت ناهِ ڪا". "پ"

(٢)

"سُڪا مُنهَن سندن، پيرين پُراڻا ڪيٽڙا[١]". "پ"
سنا جُوءِ ڏوري آئِيا، "**سُونهان جِتِ مُنجهن**"، "م"
"ڳُجها ڳُجهيُون ڪن، تهان پراهين پَنڌَ جون". "پ"

(٣)

"**پِيُو جَنِ پرو**" [٢]، گنجي [٣] ڏونگر گام [٤] جو، "م"
"جِڏي ڪَيتُّ [٥] ڪَرو [٦]، لوچي لاهُوتِي ٿيا". "پ"

(٤)

ڪُپيري [٧] ۾ پيرُ، ڪنهين پاتو پيرئين [٨]،
جيان [٩] منجهہ ماڙهئين، سچہ تئان سيرُ،
اُن پون سندو پيرُ [١٠]، ڪُوڙِن منجها ڪولهي. "پ"

(٥)

"**تحقيق جي تون پَري**" [١١]، "**متي رئي [١٢] ڪَنِج**"، "م م"
"**بانهوُن بيئي لاهي ڏيئي**"، "**ڪشتي ڪمائيج**"، "م م"

---

(١) جتيون، بوٽ. (٢) پتو، خبر. (٣) ٽڪر جو نالو. (۴) ڳوٺ، وستي. (۵) پوک، آبادي. (٦) ڍير، ڍڳ. (٧) بي راهي. (٨) سالڪن، سيائن. (٩) جتي عام ماڻهو منجهي پون. (١٠) انت. (١١) تار، تمنار. (١٢) متي، ڏوڙ.

Gul Hayat Institute

"جا هاجَ (١) **هَتَنِ ريءَ نہ ٿئي**"، سا ٿونٿو ٿي ڪَريج، "مَ"
"ٿنگا ٿاري"، سَنڌ نٿان ساري، **"جنگُهنِ ريءَ جَلِيج"**(٢)، "م م"
هَڪَلَ (٣) حقيقت جي، **" ٻوڙو ٿي ٻُڌيج "**، "مَ"
"اندو رِتي يَسِيج، مُشاهِدو (۴) مَحبُوبَ جو". "پ"

(٦)

"پِيرو پروڙي پاءِ، گنجي ۾ گُنَ (۵) گهڻا"، "پ"
ڪاهوڙي ڪَراويا، لِڪا لوڌي ماءِ،
"جنهن ڏني جاءِ، تنهين موٽَڻ ميهڻو". "پ"

(٧)

"ڪاري رات، اَچو ڏينهن، اي صِفتان نورُ"،
جتي پِرين حَضورُ، تتي رنگ نہ روپ ڪو". "پ"

---

(١) حاجت، ضرورت، ڪم. (٢) هلج. (٣) آواز، صدا. (۴) ديدار، جلوو.
(۵) ڳڻ، ثورو، احسان.

(١٨) سر رامڪلي

"سُتي سيجَ هُيَاسِ"، مونکي آهَ (١) اُٿارِيو"، "پ"
"جنهين جاڳيَاس، آءُ نـ جيـندي اُنَ ريءَ". "پ"

(٢)

ڪيمَ ڪاپڙِينَ جي، "پهرين ڏينهن پَرُوڙ"،
"سگها (٢) ساعَتَ نـ هيڪڙي، چارئي پهر چوڙ"، "پ"
سدائين سيّد چَئي، هون (٣). سناسي ۾ سُور،
جوڳي ساڻ ضرورُ (٤)، "لڪا پٽن (٥) لوڪَ ۾". "م"

(٣)

انـدرِ آديسِينَ کـي، ڏيانئـي (٦) ڏٽـي،
"بري باجهارا ڪيا، ڪانئي خاڪ کٽي"، "پ"
پنيو پنج کٽي (٧)، لِڪا پٽن لوڪَ ۾.

(٤)

نڪر ناه (٨) ڪلهي ڪري، هوندَنِ جئن مَ هو،
توکي ويس، وجائيو، ويس وجايو تو،
"ساهي آهي سو، جنهن پاڻ وڃائي پوءِ ڪيو". "پ"

(٥)

"جي پانئين جوڳي ٿيان، تـ پَرِ (٩) ڪلمه جي پارِ"، "پ"
"پنجنَ (١٠) ساڻُ پورو رَه"، "تون آيا تيه (١١) مَ تارِ"، "م م"
"تـنهـن ڏاڳا ڏار، جڏهـن راه سـڃاڻـين رَبَ جي". "پ"

---

(١) دانهن. (٢) تندرست، خوش. (٣) هجز. (٤) حاجت. (٥) گهمن. (٦) اصل ڪان.
(٧) خيرات. (٨) نيتي، نفع. (٩) ريت. (١٠) پنج وقت نماز. (١١) روزا رمضان شريف جا.

Gul Hayat Institute

(٦)

"جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع(١) ڇڏ تمام(١)". "پ"
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيء غلام،
صبر جي شمشير(٢) سان، "ڪر ڪيني ڪي قتلام". "م"
"تہ نانگا تنهنجو نام(۴) لکجي لاهوتن ۾". "پ"

(٧)

جوڳي تنهنجي جوڳ ۾ "ڳالهہ گهرجي ڳجهہ". "م"
"وڙيو، ڇيريو، ڇڙيو، پر ۾ آيو پڄ". "پ"
"سوئي بارڄ مڄ، جيئن باهر باق نہ نڪري". "پ"

(٨)

"منهن محراب پرين جو، جامع سڀ جهان". "پ"
قرهي تان فرقان جي، "ڪاتياڻو قرآن". "م"
اڳامي اُت ويو، عقل ۽ عرفان(٥). "پ"
"سيوئي سبحان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان(٦)". "پ"

(٩)

ناامیدي آڄڪو، اوڄڻ آديسين،
ڪڏهن تازي(٧) پنتي(٨)، ڪڏهن هيٺ هلن،
"ساميڙا سمنڊ ۾، تنبي جيئن ترن". "پ"
"جي واڳون وات وڄن، تہ ڪسن ڪڇن ڪين ڪي". "پ"

(١٠)

"جن اجهو(٩)، تن ٻجهو، ويني گڏين وير". "پ"
ڏوري ڏٺائون ڏک سين، پاڻ منجهان ئي پير،

---

(١) لالچ، لوڀ. (٢) سيپ، سموري. (٣) ترار، تيغ، سيف. (۴) نالو، نانءُ. (٥) معرفت ڄاڻ. (٦) نيت ڪري شروع ڪريان ٿو. (٧) عربي گهوڙي. (٨) سوار، هلائڻ وارو. (٩) سمجهو، سوچيو.

Gul Hayat Institute

لَتو تَنِ لَطِيفُ چَئي، جُسي جو زَنجِيرُ،
ڪين ڏنو هو ڪاپڙين، ڪابُلُ ۽ ڪَشمِيرُ،
"سَچُ جني جو سِيرُ (1)، تن گُرمَ ويئي ئي گڏيو". "پ"

(١١)

نہ گندا (٢)، نہ گبري (٣)، نہ لانگوٽي لِڱَ (٤)،
"جيڏانهن پرين وِڪَ، تيڏانهن صاحب سامهون". "پ"

(١٢)

"تو جو ڏيو پانئِيو، سا سُورج سُهائي،
انڌن اونداهي، جي راتِ وِهاڻي ڏينهَن رَتيو". "پ"

(١) رستو، واٽ. (٢) رلي، گِندي. (٣) گودڙي. (٤) ذري.

Gul Hayat Institute

(١٩) سر رپ

لائي ويا، **"سو مَنجهين، تو مَجُ پَري"**، "م"
"سو اُجهامي ڪئا، جنهن سوريندڙ سُپَرِين". "پ"

(٢)

"کُهَڻ [١] تہ ڪَچائي، سورَ نہ سانڍِڻَ سُٿِرا [٢]"، "پ"
اجا تہ آئي، ڏيلَ منهنجي ڏُکَ سين.

(٣)

"اُپِرَيَم انگورَ [٣]، سُتي سُپِرِيُن جا"، "پ"
"ڪايو ڪايو سورَ، لُچِيو لوچيو [٤] اُتيان". "پ"

(٤)

"جاءِ نہ سَجو ڏينهُن، هنيئَڙو اوني وَڳَ جئن"، "پ"
"مون پريانسين نيهُن، چِنَڻُ ڪارڪِ نہ ڪيو". "پ"

(٥)

"ڪَکَر منجهہ ڪَپار [٥]، جهُڙُ نيٽئون نہ لَهي"، "پ"
"اج منهنجي چِتَ ۾، اُنا [٦] پرين اُپارَ"، "پ"
"آءُ سجڻ لَهُہ سارَ، وِرِهَ [٧] ويڙهي آهيان". "پ"

(٦)

جيسين [٨] سنبرجن، سَہَ [٩] جنهين سِين اوريان،
"لُنءَ لُنءَ هيٺِ وَجَن، رَڳُون رباب جئن". "پ"

---

(١) چوڻ. (٢) سولا. (٣) سورن جون شاخون. (۴) ڳوليو، ووڙيو. (٥) ڇتي.
(٦) وسيا. (٧) بره، عشق. (٨) جڏهن. (٩) پساه، ڳجهہ.

(٧)

”نيهن نِهائيِنءَ جان، ڏِکيو کوهُ نہ ڏِکئين“، ”پ“
”جَرَ(١) جيري چِڏي، تہ کيئن پچندا ٿانءِ؟“ ”پ“
”سندي ڪُنياران، کن کريجا ڳالهڙي“. ”پ“

(٨)

”نِهائين کان رِنيهُن، سِکُ مُنهنجا سُيَرِين!“ ”پ“
”سَڙي سارو رِڏينهُن، باهَرِ باڦَ نَہ نِڪِري“. ”پ“

(٩)

”نينهَ نِهائينءَ جان، ستي لوڳَ ڏکيا،
اجهامِيو برَان، توکي سارِيو سُپرين“. ”پ“

---

(١) باه، الانيا.

Gul Hayat Institute

(٢٠) سر ليلان چنيسر

"مَٽِيو وِجهان مَچَ ۾، هائي (١)، هٽان هارَ"، "پ"
"پيري (٢) جي پِتارَ، تہ ميرِيائِي (٣) مان لَهان". "پ"

(٢)

تان ڪا وائِي وارِ، دِلاسي جي داسِڙا،
تُون مُنهِنجو ولهو (۴)، آءُ تو ۾ طمعدار،
"ڏکي ڏول گذارِ، لَڄ منهنجي لوڪَ ۾". "پ"

(٣)

"ڏولا ڏيلَ (٥)، ۾ مون ڪانڌُ ڪُميٽي آهِيان"، "پ"
سِڪَ تُنهِنجي سُپرين، "پيري وڌيس پُون (٦)"، "م"
"مون وَرُ تُونهِين تون، تو وَرَ وهون (٧) ڪيتريون". "پ"

(۴)

"جي لِيلائي نہ لَهِين، تہ پُڻُ لِيلائِيجِ،
آسَرِ (٨) مَ لاهيجِ، سڄڻ باجهيندڙ (٩) گهٽو". } "پ"

(٥)

"اَوگڻ ڪري اَپارَ، تو دَرِ آيس داسِڙا". "پ"
جئن تو رسڻ سنديءَ روح، **"تِئن مون پيٽي (١٠) ناه پِتارَ"**، "م"
"سائين لَڳِ سَتّار، ميڙِ مَدايُون مُنهِنجُون". "پ"

---

(١) گذ. دوزخ جي حصي جو نالو. (٢) ملي. (٣) گدلي حالت ۾. (۴) مڙس، پيوتار. (٥) چڏ. (٦) زمين. (٧) زالون. (٨) اميد. (٩) باجهه وارو. (١٠) حد.

(٦)

"هُيَسِ هِندورَهِ ۾"، "پَيمِ ڪانَ پرُوڙَ"، "م م"
"مٽئي سندي مامري، ڪوجهي وڏيس ڪوڙَ"، "پ"
"سامهون ٽيو سورَ"، ويو ولٽي [١] وِلَهو [٢]. "م"

(٧)

سيئي سهاڳڻيون، سين ڳچي هارَ،
"پَسَهِ ڪارَهِ پرينَ جي"، سَهسِين ڪَنِ سِينگارَ، "م"
"ڍول تنهين جي ڍارَ [٣]، هيناهون هڪَنِ جي". "پ"

(٨)

لِيلان لَڇ مَ ايترو، "اُٽي اڱهِ سورِ [٤]"، "م"
"ابو، ڏاڏو گهورِ، ياڻ سوڌو پرينءَ تان". "پ"

(٩)

"ڍولا، اولا نہ سَهان"، آڏا اڏيءَ جي، "م"
"تو وَرَ وهون [٥] ڪيتريون، مون وَرُ ٽُون وَري"، "پ"
"پِرتان پيرَ پري، مَلهائِج مِسڪينَ کي". "پ"

---

(١) پوئتي هٽي. (٢) محبوب. (٣) آڏار. (٤) بهار، صاف ڪر. (٥) زالون.

Gul Hayat Institute

(٢١) سر بلاول

"اَبڙو اَڳاهن ۾، سير (١) جئن ٻيلي (٢)"، "پ"
"سي پٽَ ڪنهن نہ پوريا (٣)"، "جي تو پر (۴) ٻيلي"، "م م"
"سَجَڻُ ساوَڻَ مينهن جئن، رُڃون تو ريلي (۵)"، "پ"
اُچن جي ويلي، **"تن بور (٦) بخشي ٻٽ ڏِٺي".** "م"

(٢)

"ٻي ٻي سو ٻُرٽئي، جو حاتم پاسي هوءِ"، "پ"
"ڪيف ڏاران ڪوءِ، جئي ڪونہ جهانَ ۾". "پ"

(٣)

"راهُوَ تنهنجي ريت، پَرڪَنڊين (٧) پڌري"، "پ"
"گهَٽا گهوڙي چاڙهئن، مسافر مسيت (٨)"، "پ"
"پڇُين ڪانہ وڌيتَ (٩)، جي آيا سي اڳهيا". "پ"

(١) مضبوط وڻ. (٢) ٻيلي، جنگ. (٣) هليا، روانا ٿيا. (۴) بهادر، جانٺو. (۵) سيراب ڪري. (٦) گهوڙا. (٧) ڏوراهين ملڪن ۾. (٨) مسجد. (٩) سبب، باعث.

Gul Hayat Institute

(٢٢) سر ڏهر

جان واهڙَ ۾ وَهُه، تان مَڃُ (١) نہ موتيو،
ڪائي ۾ ڪوهُ ڪَرين، پوءِ موتَنَ جوَپَہَ،
"سر متي پيو سَہُ، مَهمَيزون (٢) ملاحَنِ جون". "پ"

(٢)

"مَتو آهين مَڇَ، ٿُلهو تو ٿُونا هَٽِيئن،
جا تو ڏِني اَچَ، تَنِهن پاڻِي پُنا ڏِينهَڙا". "پ"

(٣)

"ڪُندي ڪَلين وچِ۾، جڏهن هَنئي جن،
مونکي مون پرينِ، ڪَڍِنَ جي ڪانہ ڪي". "پ"

(٤)

مَديني جا ڏِٽِي، سُڻُ مِنهنجا سَڏِڙا،
"تنهنجي آهِ ٽِٽي (٣)، بي ڪنڌي سارِيان ڪانڪا". "پ"

(٥)

مَديني جا شيرَ! سُڻُ منهنجا سَڏِڙا،
"پِرِ مُبارڪ پيرَ، عاصِي تُنهنجي آسِري". "پ"

(٦)

"اللهُ جِئَن نالوءِ، تِيَئن مُون وَڏو آسِرو"، "پ"
خالِق تُنهنجي ڪانڍِ (٤)، **"جو پرو پاند نَڪوُ"**، "م"
"نالو رَبَ سندوءِ، رهيو آهي رُوحَ ۾". "پ"

---

(١) وڏي مڇي. (٢) ڏڪ، سزائون، چوٽون. (٣) پلو، سينو. (٤) حلم.

Gul Hayat Institute

(٧)

نيڻ ڙِهاري منهنجا، "روئي رَتُ رِنيا"، "م"
"جي هتان هوتَ ويا"، "سي اَڃَنِ آجي ٿيان". "م م"

(٨)

"جيڏو تُنهنجو نانءُ، ڀاڄه ڀـ اوڏيائي مَڱان"، "پ"
"ريءَ تنيين، ريءَ ٽُوٽيئين، تُون ڇَپَرُ تُون ڇانءِ (١)"، "پ"
"ڪُڄاڙو (٢) ڪَهانءِ (٣)؟ توکي مَعلُومُ سَڀ ڪا". "پ"

(٩)

"مَ ڪَرِ ديولَ ڍِلو، نالو نِماڻين سين"، "پ"
"ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگَرُ (٤) تو ٻِلو"، "پ"
"تنهنجو نانءُ رِنلو (٥)، ونيو ويني آهيان". "پ"

(١٠)

"سَتُرِ ڪر سَتارَ، آءٌ اُگهاڙي آهيان،
ڍڪئين ڍَڪَڻهارَ، ڏيئي پاندُ پَناهَ جو". "پ"

(١١)

"ڪر ڪو پيرو ڪانڌ، مون نماڻي جي نجهري (٦)،
پرين تنهنجي پاندِ! ديولا ڍَڪي آهيان". "پ"

(١٢)

"ڪانڌ بين ڪيترا، مون وَرُ وڏي وَٿَ (٧)،
"مَتان ڏيئي هَٿَ، جنهن عيبَ منهنجا ڍَڪيا". "پ"

(١٣)

"سُتا اُٿي جاڳُ، ننڊَ نـ ڪَجي ايتري"، "پ"
"سُلطاني (٨) سُهاڳُ، ننڊُون ڪندي نـ ٿئي". "پ"

---

(١) ڇانوَ. (٢) ڇا. (٣) ڇوان. (٤) بـغير. (٥) فقط. (٦) گهر. (٧) شيءِ.
(٨) بادشاهي.

(۱۴)

”ڪي سُمهه، ڪي جاڳُ، ننڊ نہ ڪَجي ايتري“، ”پ“
”اي مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساڻيهہُ[1] ياڻيو“. ”پ“

(۱۵)

”ڙِقريا پسي قيڻ[2]، ڪَرِيَنِ ڪيرُ نہ چِڪيو،
دنيا ڪارڻِ دين، وڃائي وِلَها[3] تيا“. ”پ“

(۱٦)

”ڪَڏهن مَڙهُ مُقامَ ۾، ڪَڏهن ڳاڙهو گهوٽُ،
وارِي سندو ڪوٽُ، اُڏيو اُڏيندين ڪيترو؟“ ”پ“

Gul Hayat Institute

(۱) وطن، ملڪ. (۲) وطن، ملڪ. (۳) خالي.

(٢٣) سر ڪاپائتي

"ڄائِتَ (١) پائي ڇِتَ ۾، سَنهون ڪَتيو جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، ڏُڪو داخِلُ نہ ڪَيو". "پ"

(٢)

"مُحبّت پائي مَنَ ۾، رندا (٢) روڙيا جَنِ،
تَنِجو صَرافَنِ، اَٽَ توريو اَگهائِيو". "پ"

(٣)

"جا سنهون نہ سڪي، سا مَر (٣) رندائي روڙي"، "پ"
"سُٽَ انهيءَ جو سَقُرو، ويا ترازي توري"، "پ"
"تلهي ۽ توري، ويچارِي سان وَڙُ ٿيو". "پ"

(٤)

"ڀڳوئي ڀيرِ، جانسين رُتو راسُ (٤) ٿئي"، "پ"
ري بيڪاري سين هاري! پاڻُ مَ هيرِ،
ڪت ڪئنديون ڪيرُ، نئين سين نہ ڄاڻجي.

(٥)

سُتَ انهين جو سَقِرو، جي بَرَ ۾ پڇائين،
آوازُ اَرَتَ جو، ساهَ نہ سڻائين،
لکايو لطيف چئي، **"ڪَنِبيو ڪَتائين"**، "م"
"جي ماڻِڪَ موٽائين، توءِ مُلهہ مَهانگو اُن جو". "پ"

---

(١) وير، ڪينو. (٢) ڪپہ جون ڳنڍيون ڇوڙيون. (٣) ڀلي، بيشڪ. (٤) ڪم ناهڻ، تيار ڪرڻ.

(٦)

"ٽَڪَ ونگي وَرَ(١) گهٽا، ڪَتيان ڪُجاڙو؟" "پ"
ڪاپي تان ڪيترو، **"آڻيان اُڏارو"**، "م"
"جي وَرُ(٢) ڏئي وارو(٣)، تہ سُونهان سَرِتيُن وِچِم". "پ"

Gul Hayat Institute

(١) ڏنگي، پيچدار. (٢) مڙس، ڀتار. (٣) پيرو.

(٢۴) سر پرياتي

"ذاتِ (١) نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي"، "پ"
"اريون (٢) ابوجهن جون، سُپيرِ جامُ سَهي"، "پ"
"جو راءُ وَٽِ راتِ رَهي، تنهن کي جُڳي (٣) جانڪيتان نہ تِيءُ". "پ"

(٢)

"ڏاتارُ تُون، ٻِيا مِڙئي مَڱِڻا"، "پ"
"مِينهَن مُندائِتا وَسِڻا، سَدا وَسِين تُون"، "پ"
"جي گهَرِ اچين مون، تہ ميربائي ماڻُ لَهان". "پ".

(٣)

"تون سَيَڻُ، آءُ سيڪِڙو، تون ڏاتار، آءُ ڏوهُ،
تُون پارَسُ، آءُ لوهُ، جي سَڃين تہ سونُ ٿِيان". "پ"

(۴)

اُت ڪِرتِ وارا ڪيتِرا، ڪِرتِ ڪبو ڪوهُ؟
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو مِڙوئي ڏوهُ، "پ"
"تُون پارَسُ آءُ لوهُ، جي سَڃين (۴) تہ سون ٿيان". "پ"

---

(١) مرتبو، مقام. (٢) نخرا، ناٹ. (٣) بڪا. (۴) لڳين.

Gul Hayat Institute

(٢٥) سر گهاتو

ڏهاٽي ڏِنَمِ ڪيترا، جنهين مارِيو موڪُ،
گهَرَ ۾ گهاتوُئڙنِ (١) جا، تا ماربنمر ٿوڪَ،
”لَڏي وڃان لوڪَ، اونهي ويا اوهري“. ”پ“

(٢)

”نَڪا بوءِ بازارِ ۾“، نَڪا ڇلَرَ ڇِٽَ (٢)،
ڄِتي ڏنيرَن جي، اڳي هئي اَڪَٽَ (٣)،
”سي پِڙَ پَسيو پَٽَ، ماڙهو وَڃَنِ موٽيا“. ”م“ ”پ“

(٣)

”اوري هٿا نہ آئيا، جيڪُسَ (۴) ويا پَري“، ”پ“
ساٿِي سڌ ڪري، ماڳ نِهاري موٽِيا.

---

(١) شڪارين. (٢) بدبوءِ. (٣) گهٽائي. (۴) جيڪر، جيڪڏهن.

Gul Hayat Institute

(٢٦) سر شينهن كيڏارو

"مُوران (١) مانو نہ رِتئي، تازي (٢) جو توڙان"، "پ"
"هاڙِي جي رِهيٽو وَهي، گهڻ مُلهو گهوڙان". "پ"

(٢)

"نيهن، سيچاڻي (٣)، شيهن، تنهين قصد كبابَ سين"، "پ"
"راتِ كاڏاڻُون ڏينهن تہ پوڙِن (۴) بكيا". "پ"

(٣)

"كڻ بورائو بازَ كي، رِڳجهہ م ڳري (۵) لاءِ"، "پ"
آهي اُن اَنڌي جي **"جيڻي (٦) پاسي جاءِ"**، "م"
"كاڄُ اهوئي كاءِ هو جو قوت كلابَ (٧) جي". "پ"

---

(١) اصل. (٢) گهوڙي. (٣) ترمچي باز جي مادي. (۴) گهمن، ڦرن. (۵) ڳچي لاءِ، كم آڻڻ. (٦) ڄونديه. (٧) كتن.

Gul Hayat Institute

(۲۷) سر آسا

توکي رسي تون ڏٺي، سيوئي جَمالُ (۱)،
"کونهي ٻيو خِيالُ، جي شارڪَ (۲) شَڪُ وڃائين". "پ"

(۲)

"نَڪا اِبتدا عَبد (۳) جي، نَڪا اِنتها"، "پ"
جن سُڃاتو سُپرين، **"سي وڃڻ کي ويا"**. "م"

(۳)

صُورَتَ سوجهه م تنهنجي، تون پي (۴) پڇين جو،
"سُخَنُ آهي سو، جو منهن مُقابِل نہ ٿئي". "پ"

(۴)

"تنهن نيڻن ڪئي نيران، جن ساجهر سيڻ سانيئيا (۵)"، "پ"
"جيءَ جُسي ۽ جانِ، ڪَر حضوري حج ڪيو". "پ"

(۵)

ڪي جو وڃي ڪالهہ، **"اکيوُن پَسي آئيوُن"**، "م"
لالون ڪيون لَطِيفُ چئي، جانب جي جَمال،
"ٿيانيئَ نِهال (۶)، جنهين دِلبَرُ ديکيو (۷)". "پ"

(۶)

"اَکيوُن سيئي ڌارِ، جن سان پَسين پِرينءَ کي،
"ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهڻو رِيسارا (۸) سُپرين". "پ"

Gul Hayat Institute

---

(۱) سونهن، چهره. (۲) شرڪ ڪندڙ. (۳) عبد ٻانهون "انسان". (۴) پرين.
(۵) ڏٺا، زيارت ڪئي. (۶) خوش، آباد. (۷) ڏٺو. (۸) غيرتمند، اکروارا.

(٧)

”جت آه، ناه ڪا، اي خاڪي جو خيالُ“. ”پ“
”جانبَ جو جَمالُ، پَسان [1] ٿي پري ٿيو“. ”پ“

(٨)

”اَکِيُن ۾ رَتي ويهُ، تہ آءُ واري ڏِڪيان،
توکي ڙِسي نہ ڏيهُ، آءُ نہ پَسان ڪِي بيو“. ”پ“

(٩)

”سِڪَ سِڪائي سِڪَ، سِڪَ نہ آهي سُتري،
لِڪَ لِڪوتي لِڪَ، تہ ڪيرن خبر نہ ٿئي“. ”پ“

(١٠)

”اُنير نہ ايمانُ، جئن ڪلمه گو ڪوناٿيين“. ”پ“
دَغا تنهنجي دِلِ ۾، شِرڪُ ۽ شيطانُ،
”مُنهن ۾ مسلمان“، اَندَرَ آذر [2] آهين“. ”پ“

(١١)

”مُنهَن تہ مُوسيٰ جِهڙو، عادَتَ ۾ ابليس [3]“. ”پ“
”اهڙو خام خَبيثُ، ڪيدي ڪوهُ نہ ڇڏئين؟“ ”پ“

(١٢)

”جان جان [4] پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نماز“.
سَڀُ وڃائي سازَ، تِنهان پوءِ تَڪبير چُؤ“. ”پ“

(١٣)

”ڳالهه پريان جي ڳجهه جي، ڳالهه مَ ڏِئي ڳُجهه“. ”پ“
”هنئان اَجهه [5] ۾ مُنجهه، نہ پرسوءِ [6] پرين نٿئن“. ”پ“

---

(١) پسڻ ڪان. (٢) يعني بت پرست. (٣) شيطان. (٤) جيسين خودي تنهنجو خدا آهي. (٥) ڏس. (٦) پيار مان.

(۱۴)

"اَڪِيُنِ ڪي آهِينِ، عَجَبَ جَهِڙِيُون عادَتُون"، "پ"
"سورَ پَرائي ساڃَ جا"، "وڃيو وهائين"، "م م"
"اُتي لَنوَ لائينِ، جتِ حاجَت ناه هٿيارَ جي". "پ"

Gul Hayat Institute

(٢٨) سر مارئي

"قِسمَت قيدِ قوي، نہ تہ كيرُ اَچي هِنَ كوٽَ ۾؟" "پ"
"لكئي آئي لوحَ (١) جي، هندُ ڏيكاريس هيءُ"، "پ"
پرچي كين پنوهار (٢)، ريءُ جان، جسو ۽ جيءُ،
راجا راضي ٿيءُ، تہ مارن ملي مارئي.

(٢)

"قسمت قيد كياس، نہ تہ كيرُ اَچي هِنَ كوٽَ ۾؟" "پ"
"وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" (٣) وطن آءُ ويندياس،
مارُن كي مِلنديَاسِ، كونيُون (۴) چِڏي كڍهين. "پ"

(٣)

اُتان اوني آيو، خبر اي كري،
"وِسارج مَ وَرَ كي، پئج مُند مَري"، "پ"
"ويندِيس، اُت وَري،" كو ڏينهن آهين كوٽَ ۾. "م"

(۴)

"مَحليِن ماندي مارئي"، "ڏنر مُنهن مَلور (۵)"، "م م"
"اِٿيا، سَٿِيا (٦) نہ كري"، "سونهن وڃايس سُورُ"، "م"
پيس لوه لطيف چئي، لَٿس كوڏ، كَپورُ (٧)،
"چِتَ جَنِ جا چورُ (٨)، سي مَكي مُرك نہ كنديون". "پ"

---

(١) لوح محفوظ. (٢) ڌنار، مارون. (٣) مان اوهان کي ننهن کان بہ ويجهو آهيان. (۴) قيد خانو، جيل. (۵) پريسان. (٦) اٿيا وار. (٧) كافور، سرهاڻ. (٨) ڇيهون.

Gul Hayat Institute

(٥)

عُمر آڃا ڪَپِڙا، ڪاٺياريون ڪيئن ڪن؟" "پ"
جنهين جا ٿَرَنِ ۾ وَرَ (١) تا، "وِڻ (٢) سهن"، "م"
"هوءِ جي حق پَچَن، سي ڪيئن سَتِيون سُومرا؟" "پ"

(٦)

"آءٌ ڪيئن سَوڙئين سمهان"، "مون ور گهاري سُڄَ"، "م م"
"ور اباڻن سين اُڄُ، ڪُهِ شَربَتُ تنهنجا سومرا". "پ"

(٧)

"ور سي وَطن جائِيُون، صَحرا (٣) سَتَرُ (٤) جن"، "پ"
گولاڙا ۽ گُگَڙِيُون (٥)، اوچڻ اَباڻِنِ،
"ويڙهيا گهمن ولئين"، جهانگي منجهه جُهَنگَن، "م"
"موتڪي مارُوئَڙن، سُڄَ (٦) ڳٽائي سيڄ ۾". "پ"

(٨)

"سنهي سُئي سِبيُون، مون مارو سين ساهُ"، "پ"
ويني ساريان سومرا! گولاڙا (٧) ۽ گاهُ،
هنئون منهنجو هُتِ تيو، هت متي ۽ ماهُ،
"پَڪَنِ منجهه پَساهُ، قَالِبُ (٨) آهي ڪوٽَ ۾". "پ"

(٩)

"اي نہ مارُن ريتِ، جئن سيڻ مَٽائين سونَ تي"، "پ"
اَچي عُمَرَ ڪوٽَ ۾، "ڪَنديَس ڪانہ ڪُريتِ (٩)"، "م"
"پَکَنِ جي پِريتِ، ماڙيءَ سين نہ مَٽِيان". "پ"

---

(١) مڙس. (٢) مهٽا. (٣) بريت. (٤) ڍڪ، لڄ. (٥) ٿر جو خاص وڻ. (٦) شادي ۾ سيج جو ڏاجو مليو. (٧) ٿر جي ول ۽ ان جو ڦر. (٨) بدن. (٩) بدرسمي.

(١٠)

"نيئر (١) نہ لَهي نيهَن جو، لوهَ جالهي ويا"، "پ"
مارُن ڌاران مارٿين، هون ڏُهِلا (٢) ڏينهن ڏنا،
"ڏيهي ڏُورِ ويا، ڏِيان ڏورايا ڪَنِڪي". "پ"

(١١)

ويندَيِس وَطن سامُهين، مَلير مُون ماڳُ،
ڪرڙ چوندبيس قرب سان، چوڙين سين چاڳُ (٣)،
ڏِتَ چوندبيس ڏيهہ ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
"سنئون تيم سياڳُ، جي وجي تيان وَرجي". "پ"

(١٢)

هو پُونگا، هو پيڙيون، هي آه بَرساتِ،
سارِيو سارِيان سُومَرا، رُوحَ رَڇايان راتِ،
"تن ۾ تنهنجي تاتِ، آئون پڻ گهوري ان ريءَ". "پ"

(١٣)

اُتان اوني آيو، ڪَهي مون وتِ ڪالهہ،
لِڱَنِ تان لَطِيفُ چَئي، لوئي لاهہ م لالَ،
"پَلو ڪندو پالَ، مينهن وسندا موت تون". "پ"

(١٤)

اوني ويا اُڪري، سانيئڙا سرواڻَ،
"هتي جئڻ هاڻ، ڪين گهرجي ڪا گهڙي". "پ"

(١٥)

عُمر آيو اوچتو، ڏادي مان ڏمرَ،
ڪريان هت پٽن تي، ڏجي ويا ڏِهرَ،
"پري ٿيا پنوهر، ڪُوڪَ سٽايان ڪَنِ کي". "پ"

---

(١) زنجير. (٢) ڏکيا. (٣) دار چوڙڻ. (٤) صفت وارو.

(١٦)

ڈُريــان ئــي ڏارَ، ودي وڻ جدا ڪــيــا،
”تَن سڱَنَ کهڙي سار، تہ ڪ اُنا مينهن ملير ۾؟“ ”پ“

Gul Hayat Institute

(۲۹) سر ڏول مارئي

رَمُون ناه نِسنگ، رمون ار ارسين لاءِ،
”ٿُلان ڀَري ٿارِڙي، ڀورا (۱)! ڀَڳِي نہ جاءِ“. ”پ“

(۲)

ڏولا مارِئي اهڙي، پاتلي جئن رين (۲) ڪجورِ،
”منهن مٺي، گڙ گٺي، تون ڪيئن ڇڏي دورِ“. ”پ“

---

(۱) ڀورڙا، چريا. (۲) ڪجي جو قسم سڌو.

(٣٠) سر ڌناسري

توتي لَڄَ لَطِيفُ چَئي، هِنَ مُنهِنجي حالَ جي،
"ڪينهن ٻيا قَريبَ، تو ڌاران دوست مون". "پ"

(٢)

مِيان صاحب پير! منهنجا پلا پِٽَ ڏِٽِي،
"تنهنجي آه تَٽي، ٻي ڪَنڌي سارِيان ڪانڪا". "پ"

(٣)

ميان صاحب مرشد، منهنجا سَڌَ سُڄُ تُون شاهَ،
آءٌ اوهان جي آهِيان، ڪا مِهرَ ڪَرِيو مُون ڏانهُن،
"اَڪِيوُ ن لڳِ الله، ڪڻ پانڌي ڏي پانهنجُون". "پ"

(۴)

"سارِيان سَگهَ نہ ڪاءِ، زورُ نہَ ڌري جيتِرو"، "پ"
"مٿان مون ۾ لاهِ، پِيرَ پنهنجا هٿڙا". "م"

(۵)

جي تُون آسائو آهئن، تہ هلي پس حبيبُ،
"تُرتَ ۾ طَبيب، ٿيندو وُڌَلَ واڍوڙين جو". "پ"

Gul Hayat Institute

سر پورب (٣١)

آءُ ڪانگا! وَڙِ ويھُ، سُڏيون (١) ڏي ساڙيهَ (٢) جون،
ڇَڳا ڀَلا سُپرين، ڪِ سُڪِ وسي ساڙيه،
"پِرين لِيءِ پرڏيهُ، مون تان گھٽو نھارِيو". "پ"

(٢)

آندِيُون ڪانگَ قُرِيبَ جُون، اَڄُ واڌايُون واهَ،
مُون مُرادُون پُنيون، ٿِيون سُراهيُون ساهَ،
"آندا پِرين الله، سُڌُ منھنجا ساب (٣) پِيا". "پ"

(٣)

ڪانگَلُ نيئي ڪانگَ، منھنجي ڏي محبوبُ ڪي،
لالَنَ! لائين ڏينھڙا، ڪنھن سُتائي (۴) سانگَ،
"اوھان ريءَ اڙانگَ (٥)، ويني وَرِهُ وسائيان". "پ"

(۴)

پُورب ۾ پيھي، تان مون گھُٽو نھارِيو،
سُڌِ نہ مُڪي سڄڻين، جيھي (٦) نہ تيھي،
"ھئا پُرڏيھي، وَڃائي وَاتَ تيا". "پ"

(٥)

"ڪُتو جي (٧) ڪانءُ، پِريان سندي پارُجو،
اُنھين مٿان آءُ، ڪوڙئين قُرباني تيان". "پ"

---

(١) خبرون. (٢) وطن. (٣) سجابا. (۴) ضروري ڪم. (٥) ڏکي. (٦) جھڙي تھڙي. (٧) يا.

(٣٢) سر ڪاموڏ

"گَندُ جَنِ جي گوڏِ ۾، پابوڙا (١) پوشاڪَ"، "پ"
"اُنهين جي اوطاقَ"، "راجا رِيجهي آئِيو". "م م"

(٢)

ڪارِيُون، ڪوجهِيُون، ڪوڙيون، مورُ نہ موچارِيُون،
وني وينِيُون واتَ تي، **"ڪِڪِي جون ڪارِيُون"**، "م"
انهيءَ جون آرِيُون، سمي ريءَ ڪير سهي؟

(٣)

هٿين، پيرين، آرڪٽي، مُنهن نہ مهاٽي،
جئن سڳو وچ سُرندي، **"تئن راٽين ۾ راٽي"**، "م"
اصل هئي ان ڪي، اَمَل جاماٽي،
سَمي سُجاٽي **"ٻيڙو ٻَڌُرس ٻانهَ ۾"**. "م"

(۴)

"گَندُ جَنِ جي گوڏِ ۾، مٿن تي موڙيُون (٢)"، "پ"
اچن سنيوڙيون (٣)، سَمي جي سَلامَ تي.

(١) پيڻ جا پن. (٢) ويڙهيون. (٣) سنبريون، تيار ٿيون.

Gul Hayat Institute

(٣٣) سر ڪارايل

وينو جِئن وماسئن (١)، حيرت پوم هاڻ،
لَلِن (٢) ڪي لَطِيفُ چئي، اَچي (٣) ساڻ آراڻ (٤)،
”ڪَنگڻ لتي ڪاڻ، گڏيو هنج حِبيبَ ڪي“. ”پ“

(٢)

”ڪونر (٥) پاڙُون پاتارَ ۾، پونر پري آڪاس (٦)“، ”پ“
ٻنهين سندي ڳالهڙي، رازقَ آندي راسِ،
”تَنهِن عِشق ڪي شاباش، جنهن مَحبتي ميڙيا“. ”پ“

(٣)

”ڪونر پاڙون پاتارَ ۾، پونر پري ۾ سج“، ”پ“
ٻنهين سندي ڳالهڙي، عِشق اي اهڃ،
توءِ (٧) نـ لَهي اُڄ، جي پيو پين پاڻ ۾.

(٤)

ڪارايل (٨) جي ڪوڏ (٩)، مون ڪينجهر سپ نهاريو،
وَري واهيري (١٠)، نـ وريا لِلا لاڪٽي (١١) لوڏ،
”هنئين جنسين هوڏ (١٢)، سي هنجهڙا سپ هلي ويا“. ”پ“

(٥)

”سُنهان پانءِ، ۾ سَپَ (١٣) وياءِ (١٤) واسينگن جا“، ”پ“
جنهين جي جهَرَپَ، هاڙي هنڌانئي نـ چُري.

Gul Hayat Institute

---

(١) خيال پچائڻ. (٢) هنجهه جهڙو پکي. (٣) مقابلو. (٤) گل جو قسم. (٥) آسمان ڏي. (٦) تڏهن بہ. (٧) مور پکي. (٨) شوق. (٩) آکيري ۾ ويهڻ وقت. (١٠) لکن واري. (١١) ڪشش. (١٢) ٽانگ. (١٣) ٻچا، اولاد. (١٤)

(۳۴) سر بسنت بهار

آئي رُتَ بَسَنتِ (۱) جي کي کٿهارَ (۲) کڙيا،
خُستوري خُوشبوءِ ٿي، اچي پونرَ پريا،
"مونکي مُحب مِڙيا، لَتا ڏُکَ، سُکَ ٿيا". "پ"

(۲)

آئي رُتَ بَسَنتِ جي، باغَنِ مُکي بوند،
لالي ديکو لالَ کي، هيکر وجي هوند،
"آهت جي آخوندَ (۳)، اويڙ سَبِ اُباهيا (۴)". "پ"

(۳)

اڌ ميا اوڏاڻ، رُتَ رَسائي سجڻين،
لَڳي واءُ وُڻنِ کي، چاڻيا پَنَ پراڻَ (۵)،
"پهريائون پهراڻ، سکائي ساوا ٿيا". "پ"

Gul Hayat Institute

---

(۱) بهار، فصل گل. (۲) گل جو نالو. (۳) استاد. (۴) پيدا کيا (۵) پراڻا.

لطفِ لطيف

علم و ادب جو افسر عبداللطيف آهي.
مُلڪِ سخن جو قيصر عبداللطيف آهي.

بحرِ معاني ڇُلڪي، اُن جي تو هر اکر مان،
جادو بيانْ سخنور عبداللطيف آهي.

عظمت ۾، فلسفي ۾، جدّت ۾، شاعري ۾،
دنيا ۾ پهريون نمبر عبداللطيف آهي.

جوهر جو قدر ٿيندو، جوهر شناس کي آ،
جنءَ قدردانِ گوهر عبداللطيف آهي.

پڙه طالب محبت، اسباقِ عشقُ ان مان،
جوڙي ڇڏيو جو دفتر عبداللطيف آهي.

تصنيف ان جي ڏي ٿي، پيغامُ حُريّت جو،
آزاديءِ پيمبر عبداللطيف آهي.

ڇو ڪين عاشقن جي مطبوعِ قلب ٿيندو؟
حسن و وفا جو مظهر عبداللطيف آهي.

Gul Hayat Institute

دل جي حضور سان تا، ان جا لکن قصائد،
اهلِ سخن جو دلبر عبداللطيف آهي.

مطلوبِ کي پسائي، تو منزلِ حقيقت،
راهِ هُدا جو رهبر عبداللطيف آهي.

وقفِ ثنا کيائين، کيڏارو سر سچوئي،
حسنينؑ جو ثنا گر عبداللطيف آهي.

مرغوبِ ربِّ اکبر، آلِ نبيءِ اطهر،
اولادِ شاهِ حيدر عبداللطيف آهي.

"سسئي" جي سوز سان تو، ماتم ڪري "پنهل" جو،
درد و الم جو خوگر عبداللطيف آهي.

ڪٿ "مارئي" "عمر" ڪٿ، ڪٿ "هير" ڪٿ هو "رانجهن؟
ڪٿ "سهڻي" ڪٿ هو "ميهر" عبداللطيف آهي.

"ليلان" جي لاءِ ڪٿ تو، ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي،
ڪٿ چاه ۾، "چنيسر" عبداللطيف آهي.

لطفِ لطيف ڪان هُل ُهو حقّ جو رهي تو،
باهر لطيف، اندر عبداللطيف آهي.

غوّاصؔ تي سخن جا، موتي ڪڍي ڪو باهر
علم و ادب جو ساگر عبداللطيف آهي.

Gul Hayat Institute

اهلِ سخن اچي تا، تين مستفيض "اظهر"
فيض و کرم جو مصدر عبداللطيف آهي.

مناجات درگاه قاضي الحاجات

ياخدا آ دعا هي اظهر جي
تي زيارت مونکي پيمبر جي
بارُ عصيان جو سر تي باري آ
خوفُ محشر جو دل تي طاري آ
کنهن جي آڏو کريان وڃي فرياد
تو بنا ڪير جو ڪري امداد؟
آهين مالڪ تون دين و دنيا جو
آهين وارث اڪيلو عُقبيٰ جو
تي بيان ڪهڙو تنهنجي قدرت جو؟
نڪري نقشو ڇا تنهنجي صنعت جو؟
ڦريون گردن زمين تي خم ٿينديون
مدعا پو زبان تي اينديون
صدقي پنهنجي ڪرم ۽ شفقت جي
صدقي خير البشر جي رحمت جي
صدقي مُشڪلڪُشا ۽ حيدر جي
صدقي زهرا، شبير و شبر جي
دين و ايمان ڪر عطا مونکي
مُنهن ڏيکاري نه ڪا خطا مونکي

Gul Hayat Institute

ذوقُ علم و ادب جو رک قائم
تنھنجي تعريف ٿي مونکان دائم
قبر جو مون تي کو عذاب نہ ٿي
جي فرشتہ اچن حساب نہ ٿي
ٿي شفاعت جو ڏڍُ قيامت ۾
مونکي حاصل ٿي جاءِ جنت ۾
کعبہ اوّل جو خير ٿي خالق
قوم مسلم کي فتح ڏي خالق
ظلم ڪشمير تي يکو ٿو رهي
کر ڪرم ڪين ڪا نِجاتَ ملي
سَرَ ڪنيون جڳ ۾ آه امريڪا
کر اراده انھيءَ جا جملہ فنا
جيڪا اولاد حڪم ۾ آهي
اُن جي قسمت کي ڇڏ خدا ٺاهي
شال آباد هو رهن جڳ ۾
ڏکَ اکين سان نہ کو ڏسن جڳ ۾
خوش گذارين دوست جت آهن
آس الله مان تہ هو لاهن
حَقُ بِدَل بيڙا تمرت تاري تو
ماٺھو "اظھر" مٺل جياري تو
هي سخن ٿي قبول سرور دين
دوست، احباب سي چَوَنِ آمين.

Gul Hayat Institute

قطعات تاريخ ڪتاب هذا

سنڌي ادب ۾ "اظهر" آيو نئون اضافو،
منظوم هي پهاڪا هرڪو پڙهڻ ٿو چاهي.
جي بيت پانيون دل ۾، سي آيتن برابر،
تفسير آ قرآني، هي ڏسُ ڏنو آ ڏاهي.
ذي الحج جي آ پهرين، سومر جو پيروارُ آ،
ٿي ويو ڪتاب پورو، ڇپجڻ ۾ دير ناهي.
هاتف کان سَنَ جڻن جو، هجري پڇيم جيائين،
ڪرسن رقم اي اظهر "تيغ جهاد" آهي.
(۱۴۲۳ هه)

(۲)

ترتيب هن رسالي، جي آ نئين نموني،
يڪجا ملن پهاڪا، سنڌي ادب ۾ رنگ آ.
هي شاهه جو ڪرشمو، هي شاهه جو ڪمال آ.
جو ٿو ڪري مطالع، هو رهجي ويندو دنگ آ.
مون غيب کان پڇيا ڪئي، "اظهر" انهيءَ بڌايو،
لک ٻه هزار ۽ ٽي، سَنَ عيسوي جو انگ آ.
(۲۰۰۳)

بفضل خدا ٿيو، ڪتاب آهه پورو.
دعا دوستن جي، انهيءَ جو اُجورو.

تمت بالخير

Gul Hayat Institute

مهراڻ اڪيڊميءَ جا لطيفيات تي ڇپايل ڪتاب

✍شاهه جو رسالو 250/=

.... علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

✍ شاهه جو رسالو (پاڪيٽ سائيز) 160/=

.... غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ

✍ لغت شاهه جو رسالو (پاڪيٽ سائيز) 90/=

.... غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ

✍ شرح لطيف (سر ڪلياڻ) 80/=

.... رسول بخش ڏيرو

✍ شرح لطيف (سر يمن ڪلياڻ) 44/=

.... رسول بخش ڏيرو

✍ لطيف جو پيغام 48/=

.... ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

✍ پلارو پٽ ڏٺي 40/=

.... ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"

✍ لطيفي لات 60/=

.... ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

✍ عرفان لطيف 60/=

.... ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"

Gul Hayat Institute

✍ پٽ جو گھوٽ 150/=

.... ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"

✍ ڳالھيون شاھ لطيف جون 36/=

.... غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ

✍ لغات لطيفي 200/=

.... مرزا قليچ بيگ / سيد علي رضا شاھ

✍ شاھ عبداللطيف (تحقيقي مضمون) 50/=

.... ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

✍ شاھ عبداللطيف (شاعري ۽ فن) 36/=

.... علامہ آءِ آءِ قاضي / عبدالغفار سومرو

✍ ست سورھيہ ـ ڏھ ڏاتار 36/=

.... معمور يوسفاڻي

✍ لطيف جا ٽر تان پيرا 50/=

.... معمور يوسفاڻي

✍ ڊولبو ڍت ڏٺي (شاھ رحہ ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام جو اڀياس) 80/=

.... معمور يوسفاڻي

Gul Hayat Institute

✍ شاھ جي ڪلام ۾ پھاڪا ۽ محاوره 60/=

.... سيد اظھر گيلاني

شاهہ جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ پنهنجي ڪلام وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي نئون اسلوب، گرامر، نوان نوان پهاڪا، محاورا ۽ تشبيهون ڏئي هڪ نئين زندگي بخشي ڇڏي آهي.

هونئن تہ شاهہ صاحب جي زندگي، فن ۽ فڪر تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي پر سندس ڪلام جي اڀٽار ان ريت ڪونہ ڪئي وئي آهي جو سندس ڪلام ۾ آيل پهاڪن ۽ محاورن کي چونڊي ڇاڻي نروار ڪيو وڃي. اهو ڪم سنڌ جي نامور بزرگ شاعر ۽ جمعيت الشعراء سنڌ جي صدر سيد اظهر گيلاني ڪافي عرصي جي تحقيق ۽ محنت ڪانپوءِ توڙ رسايو آهي.

هن ڪتاب ۾ نہ صرف شاهہ صاحب جي سمورن سُرن ۾ آيل محاورن ۽ پهاڪن وارن بيتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي پر شاهہ جي فن سان واسطو رکندڙ اهم معلومات پڻ ڏني وئي آهي.

Gul Hayat Institute